
صحرا مون ۾ ساھ ڪٽي ٿو
(شاعري)
امر ساھڙ
صحرا مون ۾ ساھ ڪٽي ٿو
امر ساھڙ
ڪنول پبليڪيشن قنبر
173

# صحرا مون ۾ ساهه ڪٽي ٿو

## (شاعري)

# امر ساهڙ

ڪنول پبليڪيشن قنبر

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2018ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

# حق ۽ واسطا

**BOOK NO: (173)**

- صحرا مون ۾ ساھہ کٽي ٿو
- **Sehra Mun Men Saah Khane Tho**

(شاعري) **(Poetry)**

- امر ساھڙ
- Aamr Sahar

چاپو پھريون: جون 2016ع
FIRST EDITION 2016

ڪمپوزنگ مُڪيش ھميراڻي (ساگر ڪمپيوٽرس منٺي)
اسڪيچ: اي آر آزاد. ڪيليگرافي: امر گُل
ٽائيٽل@: ڪنول گروپ

*With All Rights Reserved*

© **KANWAL**

ڪنول
پبليڪيشن قنبر
Publication Kamber

## ملھہ 250 روپيا

## ڪتابن ملڻ جا ھنڌ:

پيتائي ڪتاب گھر، حيدرآباد. - فڪشن ھائوس، حيدرآباد -
ڪنگ پن بڪ ھائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
سمبارا پبليڪيشن ھائوس، سيد آرڪيڊ، حيدرآباد
- رابيل ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو - مھراڻ ڪتاب گھر، لاڙڪاڻو-
وسيم ڪتاب گھر، شڪارپور - سنڌيڪا ڪتاب گھر، سکر-
تھذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس — الفقراء ڪتاب گھر، سانگھڙ
الفتح نيوز ايجنسي، سکر ـــ سراج بڪ اسٽور، قنبر

# ارپنا

راڻي ڪيت بيماريءَ وگهي،

مُسلسل بي موت مرندڙ

ٿر جي **مورَن ۽** غِذائِي ڪوٺ جي نتيجي ۾،

وقت کان اڳ مِرئي،

مُرجهائي ويندڙ معصوم **ٿري ٻارڙن ۽**

اُنهن جي بيوس مائرن جي خالي ٿِيل

جهولين جي نالي.......!!

**امر ساهڙ**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”صحرا مون ۾ ساھہ ڪٽي ٿو“** اوھان اڳيان پيش آھي. ھي ڪتاب خوبصورت شاعر، تخليقڪار ۽ ليکڪ **امر ساھڙ** جي شاعريءَ جو مجموعو آھي. سعيد سومرو لکي ٿو:

> ”صحرا مون ۾ ساھہ ڪٽي ٿو“ جديد سنڌي شاعريءَ جي رنگن جي عڪاسي ڪندڙ اھڙو مجموعو آھي، جنھن جي فڪر تي ڪنھن جي ڇاپ ناھي بلڪ امر ساھڙ جي ٻوليءَ جي ٻہ رنگي ڍنگ سبب منفرد اسلوب طور ڏسجي ٿو. ھُو گھٽ لکيو پر سنو لکيو جي پيروي ڪندڙ شاعر آھي، جنھن جي ھر ھڪ تخليق پنھنجي جوھر ۾ سگھاري ۽ وڻندڙ آھي.

ھي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن، قنبر** پاران 2016ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آھيون امر ساھڙ جا جنھن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## اداري پاران:

**امر ساھڙ**۔ جنھن کي سندس پھرئين شعري مجموعي ”اکين ۾ اُلڪا“ سنڌي ٻوليءَ جي سگھاري ڪويسرَ جي سچاٽپ ڏني تہ نثر جي خوبصورت ڪتاب ”خيالَ ڪَڙو ڪڙڪائن ٿا“ ھڪ پختگي سھڻي نثرنويس جي مڃتا بہ ارپي آھي. امرساھڙ جو اھو ادبي سفر ھن نئين حسناڪ ڪتاب ”صحرا مون ۾ ساھہ ڪٽي ٿو“ سان روان دوان آھي.

امر ساھڙ جي ڪويتا اسان جي وقت جو نغارو آھي، جيڪو ذليل حالتن خلاف دانھي بہ ٿو تہ محبوب ساعتن بابت ترجماني بہ ڪري ٿو.

امر ساھڙ جنھن بہ صنف ۾ لکيو آھي، تہ ان صنف جي مزاج موجب لکي ھڪ ڏاھي ڏاتار جو ثبوت ڏنو آھي. ھن جي غزل جي ٻولي ۽ لھجي ۾ غزل آھي تہ نظم جي الڳ ردم ۽ چاشني ۾ سنڌ جي گڏيل لھجن جي ميلاپ رکندڙ ٻوليءَ جو ڪمال واھپو جدا ڏيان ڇڪائي ٿو. وائي ڪان بيت تائين سندس اھا خوبي نمايان آھي. فڪري ۽ فني اُٽت ۾ سرمست، سادا بيانيءَ سان پنھنجي موقف جي چٽي پيشڪش جو ڪامياب شاعر، امر ساھڙ نہ صرف شاعريءَ ۾ زندگي پري پيو پر زندگيءَ جي حسن ۾ بہ اضافو خلقي پيو.

”صحرا مون ۾ ساھہ ڪٽي ٿو“ جديد سنڌي شاعريءَ جي رنگن جي عڪاسي ڪندڙ اھڙو مجموعو آھي، جنھن جي فڪر تي ڪنھن جي ڇاپ ناھي بلڪہ امر ساھڙ جي ٻوليءَ جي بہ رنگي ڍنگ سبب منفرد اسلوب طور ڏسجي ٿو. ھُو گھٽ لکيو پر سٺو لکيو جي پيروي ڪندڙ شاعر آھي، جنھن جي ھر ھڪ تخليقَ پنھنجي جوھر ۾ سگھاري ۽ وڻندڙ آھي.

**سعيد سومرو**

**ڪنول پبليڪيشن قنبر**

Cell: 0333_7523132

Saeedsoomro4@yahoo.com

# امر ساهڙ هِڪُ غير معمولي شاعر

**هڪ نوجوان** عِرفان لُنڊ جڏهن نئين ڪويتا ۾ ايئن ٿو لکي تہ،

**هُن چيو:**
**تنهنجا اڪثر نظم**
**غير مُسلم ڇو آهن؟**
**مون چيو مانس،**
**موهن جي دڙي جي مٽي،**
**اجان ڪلمو ناهي پڙهيو..!**

هي مڪمل نثر ناهي ڇا؟ پر اهو نثر سنڌ ۾ هزارين ماڻهن ڪي زباني ياد آهي. ڪهڙي ڳالهہ آهي، جيڪا ڪنهن شعر کي زبان زد عام ڪندي آهي؟ ڇا هن جو عروض يا ڇند؟ يا ان جو ويچار، جيڪو اسان جي دل کي انتهائي ويجهو هجي. شاهہ لطيف جي هزارين بيتن مان ”سائيم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سُڪار“ وارو بيت اسين بار بار ڇو ٿا دهرايون؟ هي ويچار جا ئي ڪرشما آهن. لُطافت جي حس تي پورو لهڻ ڪانپوءِ ڪيتري ئي شاعري پاڻهي مري ويندي آهي. پر ويچار جيترو مضبوط هوندو اُن جي طويل عُمر ايتري گهڻي ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ بہ هُوندي آهي. سڀ ڪان پهرين تہ پاڻ کي انساني احساس جي شڪل، حالت ۽ حرڪت کي واضح ڪرڻو پوندو تہ احساس مادو آهن بہ يا ناهن؟ ماڻهوءَ جا احساس بہ غير مادي آهن ۽ فلسفو بہ هڪ مادي قوت يعني دماغ جو غير مادي رفليڪشن آهي. شعور، وجدان، تخيل، اهي سڀ ڪنهن نہ ڪنهن مادي قوت جو اولڙو آهن. بنيادي طور هر شاعر فلاسفر ئي هوندو آهي. پو اُن جي احساس جي طاقت آهي تہ هُو مادي شين جو غير مادي اظهار ڪيئن ٿو ڪري ۽ غير مادي شين يعني احساسن کي شڪليون، شباهتون ۽ حرڪتون ڪئين ٿو ڏي. فلسفو خود تخليق آهي، اُن جو مون وٽ دليل اِهو آهي تہ تخليق جي بنيادي تعريف

اھا آھي تہ ھر تخليق پٺيان تخليق کان جدا ھوندي آھي. تخليق جي ھڪجھڙائي تخليق کي تخليق نہ رھڻ ڏيندي آھي. اُن کي پو اسين مينوفيڪچرنگ چوندا آھيون. ائين ئي فلسفي ۾ ھر احساس جا پنھنجا پنھنجا الڳ خاڪا ۽ زاويا آھن. فلسفو جيترو وڌيڪ سمجھہ ۾ ايندو، شاعر ايترو ئي تخليقي ٿي ويندو آھي. دوستن سان ڪچھريون ڪندي، جڏھن شاعريءَ کي ڪنھن سنياسي واري اک سان ڏسجي ٿو تہ ھڪ اڇوتي ۽ نئين سٽ، اُن ٻُوٽي وانگي محسوس ٿئي ٿي، جنھن کي ڳوليندي، ڳوليندي عُمر ڳري ويندي آھي. مون کي جڏھن امر ساھڙ جي شاعريءَ تي لکڻ لاءِ چيو ويو تہ، مون سڀ کان پھرين سنياسي وانگر ھڪ اڻ لڀ ٻوٽي جھڙي ڪا سِٽ ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي تہ، حيرتن جي حد ئي نہ رھي. سندس شاعري جي جلايل جُھونا ڳُڙھہ جي وسيع ميدانن ۾ انيڪ اھڙيون اڻ لڀ سٽون مليون، جن کي چُھڻ سان ئي دل شفاياب ٿيو وڃي. رُوح آسودو، اکيون پُرنور ۽ احساسن جي طبيعت ھشاش بشاش ٿيو وڃي. گيت، بيت ۽ وائي جھڙين صنفن کان ويندي غزل ۽ نظم تائين تہ مون وٽ امر ساھڙ جو تعارف اڳي بہ ھو، پر ھي ڇا؟ امر ساھڙ تہ نئين ڪويتا جو بہ لاجواب شاعر آھي. نتيجي طور مون اِھو طئہ ڪيو تہ امر ساھڙ جي پيئن شين تي پھرين ۽ سندس نئين ڪويتا تي سڀ کان آخر ۾ ڳالھائبو.

امر ساھڙ پنھنجي نظم **"پيھر ڪوئي پار نہ ڇڏجان"** ۾ چئي ٿو تہ:

**آءٌ متيءَ جو رانديڪو ھان،**<br>
**واريءَ تي چڙ ليڪو آھيان،**<br>
**جيڪو واءُ مٽائي ويندو،**<br>
**مون وٽ پيلي پينٽ ڪٿي آ؟**<br>
**مون وٽ سائي شرٽ بہ ناھي،**<br>
**آيل! آءٌ اڪيلو آھيان،**<br>
**پرندڙ ڪوئي بيلو آھيان،**

**جنهن جي آڳ اُجهائڻ خاطر،**
**صحرا ۾ تہ سُتي پيو ناهي.**

ايلان ڪردي، جنهن جي ڦِڪي رنگ واري پينٽ ۽ سائي رنگ واري شرٽ واري فوٽوءَ دُنيا جي مُئل ضمير کي هڪ دفعو جاڳايو ضرور هو، پرنٽ، اليڪٽرانڪ ۽ سوشل ميڊيا ايلان ڪردي جي اُنهي تصوير تي جيڪي تبصرا ڪيا، شايد ئي ڪا ٻي خبر انهن ڏينهن ۾ ائين بريڪ ٿي هُجي. دنيا جي ڪا بہ ٻولي اهڙي نہ رهي هُئي، جنهن ۾ ايلان ڪردي تي لکيو نہ ويو هُجي، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ايلان جو موت ۽ خود ايلان هڪ استعاري طور پيش ٿيا. ڪيترن شاعرن ايلان کي ۽ سندس موت کي نظمن ۾ بيان ڪيو. اُنهن ئي ڏينهن ۾ امر ساهڙ وري هي نظم لکي رهيو هو. جنهن ۾ ٽر جي هڪڙي ايلان جي دانهن سمايل آهي.

**مون لئہ مقدس آهي، ليڪن**
**تنهنجي هنج حياتيءَ جهڙي،**
**جنهن جي ٿڃ سُڪي وئي ماتا.**

هِي ڪرب جي انيڪ جارح لمحن جي ڪهاڻي آهي، جيڪا ٻُڌڻ ۽ ٻُڌي برداشت ڪرڻ انتهائي ڏکي آهي. هڪ ٻار جي ماءُ جي سُڪي ويل ڇاتي، مصور وانگر لفظن ۾ چٽيندڙ هِن شاعر وٽ اُنهي درد جو ذائقو هيئن بہ محسوس ڪري سگهجي ٿو تہ،

**آيل! ساھ اُڏارا آٽي،**
**وينتي ليٽر تي نہ ٽڳائي.**
**مون کي دل سان موڪل ڏي تون،**
**آئون هلان ٿو هاڻ هِتان کان،**
**هڪڙو وچن وٺان ٿو توکان،**
**ٻيهر ڪوئي ٻار نہ ڄڻجان،**
**غربت جهڙي گار نہ ڄڻجان.**

ڇا تہ انهن سٽن ۾ درد آهي، تخليق جو درد هميشہ تخليقڪار کان ڳُجهو هوندو آهي. هڪ مرندڙ ٻار جو پيغام، ان نام نهاد عالمي

ڪٿ جي ضمير ڪي جنجھوڙيندو نہ تہ پيو ڇا ڪندو؟ جيڪو ھر سال ڇھہ ارب انساني آبادي تي ڪنٽرول ڪرڻ لئہ سٺ ارب ڊالر خرچ ڪري ٿو. اُڏارن ساھن جي مدد سان پوري ٿر جي وينٽي ليٽر تي لڳل زندگي جو اھم مسئلو ئي ھن وقت بُک آھي. جنھن جو ردعمل اُھي ڪمزور ٻار آھن، جيڪي پنھنجي پيئرن ۽ مائرن ڪان يقين وڏيڪ سُجاڳ پڙ آھن. پنھنجي ڪمزور وجود سان دنيا جي انھي اھم مسئلي جي حل لئہ نہ صرف اھي ان احتجاج ۾ شامل آھن، پر شھادتون بہ ماڻي رھيا آھن. بک خلاف وڙھندڙ اُھي معصوم ٻار اھو بہ ڄاڻن ٿا تہ ڪين بک سان وڙھندي مرڻو آھي، يا بُک وگھي مرڻو آھي؟

امر ساھڙ ھن نظم ۾ شروع ڪان وٺي آخر تائين سُجاگ ئي رھيو آھي. ھو ڄاڻي ٿو تہ ھي بُک جي بدمعاش روش جيڪا پيڙھين ڪان وٺي اسان جا آنڊا برداشت پيا ڪن، ٿر ۾ مرندڙ ٻار ھُجن يا مور ھُجن، پنھي جي موت جا سائنسي سبب ڳولڻ ۽ اُنھن ڪي پڌرو ڪرڻ ڪان وس واريون ڏريون لنوائي رھيون آھن. ھُو ھِن نظم ۾ اڻ اظھاريل طور بہ اھو چئي ويو آھي تہ؛ اُن ٿر جي ڀاڳ سان ڪير ريس ڪري جتي اڄ بہ انُ ايمان آھي، جتي تؤڪل پنھنجا پيڙا پري جڏھن لھندي آھي تہ ڏک وسري ۽ سُک نِسري پون ٿا. امر ساھڙ جي ھِن نظم ۾ موجود درد جي نغمگي ۽ ڏک جي لئي ھر پڙھندڙ ڪي پاڻ سان گڏ ضرور وڃايو ھُوندو.

امر ساھڙ پنھنجي نظم **"پنڪيءَ جي ٻيءَ ڪي چئجان"** ۾ جيڪا ھيٺين سِٽن ۾ منظر نگاري ڪئي آھي، اھا بہ ڪمال جي آھي.

**ستاويھين ڊسمبر تي،**
**اُڏندي ڊنڊ تي آڙي،**
**پنديءَ جي توبچي تاڙي،**
**لڳي گولي گھٽائن ڪي،**
**اُتر جي چڻ ھوائن ڪي.**

انھي نظم ۾ ڪونيٽ جي ڏارن جو ڪرڻ، جھور پوڙھي وڻ جو خودڪشي ڪري ڇڏڻ، ھيرڻ ۾ ھُرڻي جو ذڪر ڪرڻ، پٽن جو پٽڪڻ، بدين کي بديٺو چئي ان جي ڇُوڙن جو ذڪر ڪرڻ، ھي حوالا انھي نظم جي خوبصورتي چئي سگھجن ٿا. نظرياتي طور انھي نظم ۾ اُن جي غير ادبي واڌ تي اختلاف بہ ڪري سگھجن ٿا. پر امر ساھڙ جي پنھنجي محسوس ڪيل غم جي پيش ڪيل تصوير، جيڪا نج اُنھن لقائن، ڏيکن ۾ منظرن تي آڌاريل آھي. جيڪي امر ساھڙ کي انتھائي ويجھا آھن. ٿري عورتون بدين مان ڇُوڙا گھرائڻ کي فخر سمجھنديون آھن. پر جي اھا خبر ڪنھن لوڪ گيت کان رھجي ويئي آھي تہ ان لئہ امر ساھڙ ڏي ئي اِھا پھرين شاھدي ويندي ۾ شاعري ۾ اِھو سندس ادا ڪيل ڪردار ۾ حصو ئي ڳڻيو ويندو. جيتوڻيڪ امر ساھڙ سنڌي جديد شاعري جي لڳ ڀڳ سڀني مُروج صنفن ۾ لکيو آھي، پر سندس خاص سُڃاڻپ نظم ئي آھي. سندس ڪيترائي نظم نہ صرف حوالي طور ڪوٽ ٿين ٿا، پر اُنھن مان ڪيترن نون لکندڙن اُتساھہ پڻ ورتو آھي. سندس اھڙو ئي ھڪ نظم آھي **"صحرا مون ۾ ساھہ کٽي ٿو"** سندس ھِي نظم ٿر جي ھر اُنھي نياڻيءَ جي ڳالھہ آھي، جيڪا پنھنجي خانداني ريتن، رسمن جو ٻارڻ بڻجي، ليکي جي پرئِين پاسي پرڻجي ٿي وڃي. ٿر بابت جيڪي دوست علم رکن ٿا، اُنھن کي خبر ھوندي تہ ٿر جي تقريبن سڀني ذاتين جون مِٽيون، مائٽيون ليکي جي پرئين پاسي بہ آھن. چوڏھن سالن جون پرڻايل ٻارڙيون پنجاھہ سالن جي وٿيءَ ڪانپوءِ بہ پنھنجي اباڻن ڪکن کي ڏسي نہ سگھنديون آھن. ھِتي پرڻجي آيل يا ھُتي پرڻجي ويل عورت کان غير مشروط طور تي اھو مجرايو ويندو آھي تہ، توکي پُٺتي مُڙي ناھي ڏِسڻو، توکي ياد ناھي رکڻو، تنھنجو نڪاح ھڪ ويسر سان پڙھايو پيو وڃي. تون ھڪڙي سڀ ڪجھہ ڀُلائڻ واري رسم سان گڏ چونريءَ چڙھي رھي آھين. توکي ڪو بہ پيءَ ناھي، ماءُ ناھي، تنھنجي آندل ڇچ تي تہ لکين خرچ ٿي سگھن ٿا. پر توکي

تنهنجي مري ويل ماءُ جو مُنهن ڏسڻ لئہ پنهنجي ور جي غربت کي ڏيان ۾ رکڻو پوندو. ويرانين جي ور چڙهيل هن سڄي خطي جون شاديون، مُراديون، مرڻا، پرڻا، انتهائي دلچسپ آهن. امر ساهڙ جو هي نظم هڪ ڏيءَ جي پنهنجي پيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ آهي. جيڪا ڪٿي، ڪٿي وري اُنهي ڇوڪري جي خودڪلامي بہ محسوس ٿئي ٿي. هِن نظم جون هِي سٽون تہ صفا احساس کي ڇُهنڊڙيون ٿيون پيرين.

هڪڙي تنهنجي حڪم اُجاڙي
ڪڙڪي چڻ ڪا تيز ڪهاڙي
ڏرتيءَ ڪان هڪ ڏيءَ جدا ٿي
هيءَ قيامت ڪيئن خدا ٿي؟

يا

سگريٽن جي ٽوٽن وانگر،
ائش ـ ٽرِيءَ ۾ روز اُجهان ٿي،
تيليءَ وانگر طنز لڳي ٿي،
ٻيهر پڙڪي آئون ٻَران ٿي.

هِن نظم ۾ اها ڇوڪري جيڪي رڙيون ڪري ٿي، اها جماليات پنهنجي چنبن ۾ ڪٺي ايئن اُڏامي ٿي ۽ سندس اباڻي ديس ٿي پهچي، جنهن لئہ هُوءَ چوي ٿي تہ:

ڪجلاسر جي شام ڪُنواري،
سُرمي جيئن سَجي ٿي مون ۾،
مون ۾ مور ڪلنگيءَ وارو،
روز نيارو رقص ڪري ٿو،

حُب الوطنيءَ جو هيئن اظهار بہ صرف امر ساهڙ جهڙن غير معمولي شاعرن جو ئي ڪمال هوندو آهي. جيڪي لفظن کي زندگي بخشين ٿا ۽ تاريخي ڪردارن کي قبرن مان اُٿاري خيال جون پکون پارائي هٿ ۾ واڳون ڏيئي، اڙل وڇيرا ٻيهر هڪلڻ جو انتظام ڪن ٿا. آريسر سائين جي نثر ۾ تہ رتن سنگهہ جي گهوڙي

جا ڪُر، امرڪوٽ جي قلعي ڪي آڳاتو ڇُهي ڇُڪا آهن. پر ڪنهن نظم ۾ اُن گهوڙي جو هِڙڪڻ، اُن جا پيرا سپاٽي امر ساهڙ ڏي ئي ويندا.

**حُب وطن جي مون ۾ هٽڪي،**
**رتن سنگهہ جي گهوڙيءَ وانگر،**

۽ پنهنجي اباڻي ملڪ لئہ اِها نياڻي، هيئن بہ سوچي ٿي،

**آزاديءَ سان اُڏري آئون،**
**ڏيئاري جي ڏينهن اچان ها،**
**هوليءَ رات هوائن پيڙي،**
**هڪڙي ياد اچي ٿي اڪثر،**
**ويساکيءَ جي ويل اچي ٿي،**
**راجا واري ريل اچي ٿي.**

نظم جو ڪلائمڪس بہ نهايت ئي جاندار آهي، جيڪو نظم جي پُڇاڙي لُڙڪن تي ٿو ڪرائي ۽ پڙهندڙ پاران هڪ سرد آهہ ٿي اُڀري، جيڪا اهڙين سينڍي اپاڳڻين لئہ فضا ۾ وڪري ٿي وڃي.

امر ساهڙ جو هڪ نظم آهي **"مڻي سان ڳوٺ جو منظر"** هِن نظم ۾ جيڪا جمالياتي اُپتار آهي ۽ اُن جو اهڙو تہ جاندار نموني سان اظهار ڪيو ويو آهي، جو پوري طويل نظم ۾ هڪ بہ سٽ اهڙي ڪين ٿي ڏسڻ ۾ اچي جنهن ۾ ڪا ٿڪاوٽ هُجي يا ڪمزور اميجري جو ڪمزور استعمال ٿيل هُجي، پوري نظم جي خاص ڳالهہ اها بہ آهي تہ هي نظم هڪ ڳوٺ جو واقعي بہ اچي ۽ ڳاڙهي مُڻي سان پريل هڪ منظر نہ پر انيڪ منظرن جو ميڙ آهي.

**مٽي ڪي ميٽ سان ڌوئي**
**ڪئي هر چيز چوٽي هُئي.**

جهڙين سٽن سان گڏوگڏ، ڪجل جي ريک وانگر ماڪ جي ڦُڙي جو ڪرڻ، صبحُ جي سُرخ چولي، نينهن جي نيري نظاري، گج جي پرت ۾ پتائي ڪي پرڻ ۽ پِٽن تان شام جي پاڇي جو ترڪي پوڻ، جهڙيون شاعراڻيون ترڪيبون استعمال ڪري امر ساهڙ اِهو

ثابت ڪيو آهي تہ روائتي فني گهاڙيتي ۾ رهندي بہ شاعري ڪي پنهنجي پاران گهڻو ڪجهہ ارپي سگهجي ٿو.

**پُڄـــائي اوڙ چيـــڙي تـــي،**
**ڪنديءَ جــي ڇـانَو ۾ ڇـوڙي،**
**اڳئــين جـو اُتِ ڪــي هــاريءَ،**
**دُڪـــائي پـــن جـــي ٻيـــڙي،**

يا

**ڏِٺائين واٽ تي ڏاچي،**
**ولر ڪان ڏار پي وڙڪي،**
**چڙي جي لار سان پيڙي،**
**ڏنيءَ جي دل پي ڏڙڪي.**

هي هڪ اهڙي سماج جا معاشي عڪس آهن، جنهن جون ڪيڙيون ميڙيون سيئي سانوڻ جي آسري آهن. ٿر جي ماڻهو معاشي ۽ سماجي طور تي بہ جام پوڄيو آهي. پر هِن نفسياتي طور بہ وڏيون جُتيون ستيون آهن. ٿر جي ماڻهو لئہ اُٺ، گهر جو ڀاتي تصور ڪيو ويندو آهي. ٿر ۾ ٻڙاج جي زرعي وصفن ۾ تمام گهڻو فرق هُجڻ باوجود بہ صدين ڪان ٿر جو ماڻهو ڏڪار جي ڏينهن ۾ ٻڙاجي ڀاڱي ۾ رهندي، جيڪو ٻن الڳ الڳ سماجن جو زرعي نفسياتي جبر برداشت ڪري رهيو آهي، اُن تي گهڻو ڪُجهہ لکي سگهجي ٿو. هي نظم منظرن ڪان ٿيندو حياتيءَ بچائڻ جي حيلي جي ڳالهہ تي پُڄاڻي تي پهچي ٿو. جتان اها خبر پوي ٿي تہ، شاعري زندگي ڪي ئي ويجهي آهي، يا ائين ڪٽي چئجي تہ دُنيا ۾ شايد اِها شاعري ئي آهي جيڪا موت خلاف احتجاج ڪري ٿي، ۽ پوءِ اُن ۾ هر جاندار ۽ غير جاندار شامل ٿي پنهنجو پنهنجو آواز ڳولڻ جي ڪوشش ٿو ڪري. هِن نظم جي سِٽ سِٽ مان هڪ، هڪ ڪردار، هڪ هڪ استعارو ۽ هڪ هڪ تشبيهہ ڪٽي ٿر جي ادبي وايو منڊل ۾ ڪُجهہ ٻيا بہ نظم لکجي چُڪا آهن. اِها ئي هن نظم جي ڪاميابي ۽ هِن نظم جي شاعر امر ساهڙ جي مڃتا چئبي.

**”ڇُمي جي بي حُرمتي“** امر ساهڙ جو هي نظم فني لحاظ کان هڪ آزاد نظم ٿي چئي سگهجي ٿو. هِي نظم هڪ ئي دائري ۾ ٻن فاعلن جي گرد ڦري ٿو. توڙ ي جو هن نظم ۾ امر ساهڙ طرفان ڪا بہ خود ساختہ فني ڪاوش تہ نظر نہ پئي اچي، پر تنهن هوندي بہ هن نظم جو ردم ڪمال جو آهي ۽ اِهو ئي هڪ شاعر جو فڪري اثاثو هُوندو آهي. ٻاروتڻ جي يادگيرين کي دُهرائيندي هِن نظم جي ٿيم جو تاجي پيٽو ائين ٻڌل آهي تہ

**”چڻ تہ ڪا چارڙِي هُئِين،**
**پيلوءَ جيئن پچڻ کان اڳ ئي**
**اچانڪ تون وڏي ٿي وئِين،**
**تنهنجي تراڪڙِي ڇاتي مٿان**
**قلندر جي قبي جھڙا**
**بہ اڇا ڪبوتر اچي ويٺا“**

هِن نظم ۾ هڪ وچايل ڇُميءَ جو الميو آهي. هڪ پُراڻي پيار جي ڳالهہ آهي جيڪي صرف ڳالهيون ئي رهجي ويون آهن. هڪ وچايل ڇُميءَ جي وارتا ۽ اُن کي ڳولڻ جي جستجو آهي. نظم جون نگاهون نيريون محسوس پيون ٿين، ۽ اُن نظم جي شاعر بابت نج رُومانوي شاعر جهڙي راءِ قائم ڪرڻ ۾ اِهو نظم پنهنجي سموري توانائي سميت پڌرو بيٺو آهي.

**”نيٺ نا اُميد ٿي مون تنهنجي ڇُميءَ جو تڏو وڇايو“**

جهڙا انيڪ احساس آهن، جيڪي هن نظم جي شاعر جي اندر جو سرمايو ٿيندي، پڙهندڙ کي پڻ مالامال ڪري ٿا وجهن.

اِهو لکڻ ۾ ڪو بہ وڌاءُ نٿو سمجهان تہ امر ساهڙ نہ صرف نظم ۾ نڀايو آهي، پر سندس غزل واري سُجاڳپ بہ اهميت لائق آهي. امر ساهڙ جي پهتل ڪجهہ غزلن کي پڙهڻ کانپوءِ مون انيڪ شعر ڳالهائڻ لئہ چُونڊي نشانبر ڪيا هُئا، پر پوءِ انهي خيال ڪر ڪنيو تہ، غزل اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ نہ شاعر ڊوڙي، ڊُڪي ۽ پڄي سگهي ٿو، نہ وري غزل جي خيال تي ڳالهائي سگهجي ٿو. اُن ڪري امر

ساهڙ جي هڪ غزل جي هِن بند مان لُطف وٺندي سندس غزلن وارا پنا پيٽا ڪري پاڻ اڳتي ٿا وڌون.

**ڏينهن ڪوئل سَندي ڪُوڪَ جا،**
**باغ جي بادشاهي هُيا.**

غزل وانگر وري امر ساهڙ بيت جهڙي ڪلاسيڪل صنف ۾ تمام جاندار نموني سان نڀايو آهي. سندس هيٺان بيت سندس ڳُوڙهي مُشاهدي جو اُهڃاڻ آهن.

**ورت جيئن ويڙهي ياڳيو رکي پُوڻ تي،**
**مون کي تيئن ميڙي، مُجب وِهاريو من ۾.**

يا وري؛

**ويڙهي ويندي لاهُون، جئين کا جنڻ نينگري،**
**اديون! ايئن آئون، وڇوڙين ويڙهي وتان.**

آئون مٿي لکي آيو آهيان تہ، مون کي امر ساهڙ جي نئين ڪويتا تي سڀ کان آخر ۾ ڳالهائڻو پوندو. سندس نظمن تي ڳالهائڻ کان پهرين هِي چند ڳالهيون ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان. اِهو الميو ئي چئجي تہ ڪجهہ سالن کان سنڌي شاعريءَ تي رُڳو اخباري مالڪن، ايڊيٽرن، صحافين ۽ ڪالم نگارن ئي ڳالهايو آهي. جڏهن ڪو ڪالم نگار سنڌي شاعريءَ جون صديون ورهائي ٿو تہ اُن تي ڪير بہ احتجاج نٿو ڪري تہ بابا! تون شاعريءَ جو ماڻهو ئي ناهين، تو کي ڪهڙي خبر تہ ڪهڙي صدي ۾ شاعريءَ جون ڪهڙيون گهرجون آهن. تون جو اِها ونڊ ورڇ ڪري رهيو آهين، اهِا جذباتي وابستگي ٿي سگهي ٿي، پر اِها تقسيم ڪيترو جٽاءُ ڪندي، ان بابت ڪا بہ اڳڪٿي نٿي ڪري سگهجي. ڇو تہ صدي يا دؤر جو وڏو شاعر توهان پيٽائي کي چئو ٿا. جڏهن اُن صدي جي ميَن شاهہ عنايت رضوي کي گُربخشاڻي جهڙو هڪ بہ شارح مليو تہ ڳالهہ ڳاٽي کان چڙهي ويندي. گريوٽي ويووز جي هيءَ صدي، جنهن جو هرپل تبديلي جا انيڪ سبب ڪٽي نمودار ٿي گذري رهيو آهي. پر جي ڪو ان پوري صدي جي اثرن کي نظر انداز ڪندي سڄي صدي هڪ اهڙي شاعر کي دان ڪري ڇڏي جنهن جي شاعري جي ڪيترن سٽن کي انيڪ چيئلينجز سامهون هُجن.

اُن صورتحال ۾ باقي پوري صدي کي اوهان هٿ سان جُنوني ٿيڻ جو موقعو فراهم ڪيو ٿا. اڳي شاعري رُڳو رجعت پسند ۽ ترقي پسندن جي وچ ۾ ڦاٿل هُئي. هڪڙا روايت جا حامي، ۽ ٻيا تخليق جي نون لاڙن تي ڏيان ڏيڻ جي حق ۾ هُئا. هڪڙن وٽ اِها ئي ساڳي روايت آهي تہ ٻين وٽ جدت پسندي. هڪڙا چون ٿا تہ شاعريءَ ۾ فن جي ڪا بہ اهميت ڪانهي. ٻيا چون ٿا تہ دُنيا جو ڪو بہ آرٽ فن ڪانسواءِ مڪمل ڪونهي. هڪڙا چون ٿا تہ اِها شاعري ئي حب الوطني ۽ قومپرستي آهي، جنهن ۾ لفظ سنڌ جو جام استعمال هُجي. ٻيا چون ٿا تہ سنڌ جي نالي ونڻ ڪان سواءِ بہ سنڌ محسوس ڪرائي سگهجي ٿي. هڪڙا چون ٿا تہ شاعري رُڳو پنهنجي وطن جي محاڪاتن ۾ ئي سُونهي ٿي، ٻيا چون ٿا تہ شاعر ڪائناتي ٿيندا آهن. ڪٿان جي بہ ڳالهہ ڪري سگهن ٿا. هڪڙا چون ٿا تہ سنڌي شاعري دم خم ختم ڪري چُڪي آهي ٻيا چون ٿا تہ پئي ڪٽي پساهہ پسڻ ڪارڻ پرين جي. هڪڙا چون ٿا شاعري اها جيڪا سمجهہ ۾ اچي، تاڙيون وڄن ۽ ياد ٿي وڃي، ٻيا چون ٿا تہ شاعري اها جيڪا معنيٰ جا در بند رکي سوچڻ تي مجبور ڪري. هڪڙا چون ٿا تہ رومانس اسان جو اسڪول آف ٿاٽ آهي. ٻيا چون ٿا تہ اسين فلسفي جي مدرسي جا شاگرد آهيون، جتي رومانس سميت هزارين شاگرد بہ اسان سان گڏ پڙهي رهيا آهن. ان سڄي وايو منڊل ۾ هڪ نئون بحث بہ سنڌي شاعريءَ جو نصيب بڻيو، نئين ڪويتا جا چوٻول اُٿيا، هڪ نئين گُهر جو اضافو ٿيو. مون جهڙن نون شاعرن بہ انهي نئين لهر ۾ پاڻ کي ترندي محسوس ڪيو تہ امر ساهڙ جهڙا سگهارا ۽ تجربيڪار شاعر بہ نئين ڪويتا کي اظهار جو سئولو گس سمجهي ان ۾ لکي رهيا آهن.

**"ظرف ۽ ضمير"** نئين ڪويتا ۾ امر ساهڙ جو اهڙو نظم آهي جنهن جي بنياد تي امر ساهڙ کي شاعريءَ جو آبادگار چئي سگهجي ٿو. **"اوهين سڀ آڱوٺي ڇاپ آهيو"** هِن نظم تي ڳالهائڻ ڪان بهتر آهي تہ اُنهي نظم جون چند سٽون ورجائي امر ساهڙ جي تجربن مان سڪجي ۽ مزو ونجي.

**دنيا جو هر ماڻهو مون کي سُڄاڻي ٿو،**
**پوءِ اِهو پڙهيل هُجي يا اڻپڙهيل،**

آئون آڱوٺي جي نالي سان سُڃاتو وڃان ٿو،
تہ ٺُٺيو بہ مون کي ئي چوندا آهن،
آئون هر فرد جي هٿن پيرن ۾ هڪيو آهيان.
سواءِ اُنهن جي، جيڪي ٺُونٺا آهن،
آئون انساني جسم جو هڪ اهم عضوو آهيان،
(جنهن کي دنيا جو هر ٻار ڏائي سگهي ٿو)
اڳي اڻپڙهيلن کي آڱوٺي ڇاپ چئي،
مُنهنجي عزتِ نفس مجروح ڪئي ويندي هُئي،
مُنهنجو نالو اُن وقت بدنام ٿيو هو،
جڏهن آڱوٺي ڇاپ "ماستر" ڀرتي ٿيا هئا،
اوهان جي سموري ٻايو ڊيٽا،
فقط هڪ آڱوٺي جو خرچ آهي،
يعني اوهان جي اوقات هڪ آڱوٺو آهي،
تہ پوءِ اِهو تسليم ڪرڻ ۾ ڪهڙو حرج آهي؟
تہ اوهين سڀ آڱوٺي ڇاپ آهيو..!

## روحل ڪالرو

ٽنڊوالهيار- سنڌ

# چولين ٻڏي چير

**جهڙي** ريت "مهراڻو" ٿر جي طبعي پاڱن ۾ سڀني پاڱن کان وڌيڪ نرمل ۽ نرالن نظارن تي مشتمل سائو، ستابو ۽ سهڻو طبعي پاڱو آهي بلڪل تهڙي ريت مهراڻي جا ماڻهو بہ نهايت ئي موچارا ۽ مٺيادار آهن. مائيٽي اوني کان عبدالقادر جوڻيجي، فقير مقيم ڪنڀر، سائين عزيز مهراڻوي، ممتاز نهڙئي، خالد جوڳي، خليل ڪنڀر ۽ ٻين ڪيترن ئي تخليقڪارن تائين جو تعلق ان مهراڻي سان آهي جيڪو ڪنهن حسين استعاري وانگر ٿر جي تعارف جو هڪ دلڪش حوالو آهي. ماڻهن ۽ منظرن جي ڪري مشهور ٿيل علائقي مهراڻي ۾ آباد ٻين سوين ڳوٺن مان مائي پاڳي جي لوڪ گيت جهڙو هڪڙو ڳوٺ "تاڏات" بہ آهي جتي سنڌي ٻولي جي نامياري شاعر نثر نويس محبتي ۽ مائيٽي ماڻهو امر ساهڙ جو جنم ٿيو.

امر ساهڙ جو ٻالڪپڻ "تاڏات" جي واري جي درن تي هلندي ۽ وڻن جي ڇانوَ ۾ ويهندي يقينن ايئن ئي گذريو هوندو جيئن ٿر جي ٻين ٻارن جو ٻالڪپڻ گذرندو آهي. اڌ ٻُک، اڌ ڍئو، سال ۾ پيلي اسڪولي ڊريس يا مليشي جي اسڪولي جوڙي تي مشتمل هڪ وڳي جو لباس، هلڪي ربڙ مان ٺهيل ڳري چپل جو ساليانو ساٿ ۽ سياري ۾ ڪنهن نيلامي سوئٽر جي سهاري موسمي جبر جو مقابلو ڪندڙ ٿري ٻارن کان امر ساهڙ ڪجهہ ڪٽي مختلف زندگي گذاري هوندي پر ان الڳپڻي ۾ بہ سورن ۽ سختين جو مقدار ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ ڪجهہ سوايو ئي رهيو هوندو. ڇو تہ ڪو بہ شاعر پنهنجي تخليقي اظهار واري لمحي اچانڪ شاعر نہ بڻبو آهي بلڪہ ان جي دل زندگي جي پهرين ڌڙڪي کان ئي هڪڙي شاعر جي دل هوندي آهي. جيڪا ٻالڪپڻ کان ئي محرومين، مُسرتن، ماڳن، مڪانن، ماڻهن ۽ منظرن کي عام ٻارن کان مختلف انداز ۾ محسوس ڪندي آهي. جڏهن تہ اهو لمحو ڊگهي ۽ مرحيلوار محسوسات جو آخري نتيجو هوندو آهي جڏهن سندس چپ ڪو

گيت ڳُنگنائيندا آهن يا سندس هٿن سان ڪوري ڪاڳر تي ڪو غزل، بيت، وائي يا نظم ڪويتا جي روپ ۾ تحرير ٿيندي آهي. ڳالهہ جو واضح مقصد تہ، شيون اڳ ئي موجود هونديون آهن ظاهر ڏک لهڻ ڪانپوءِ ٿينديون آهن.

ان حقيقت جي گواهي جي سلسلي ۾ امر ساهڙ جي شاهڪار نظم "ڪويتا نيڻ ڇڻ هُن جا" مان هي سٽون پڙهي سگهجن ٿيون تہ:

**ڪويتا، ڪوهہ جي سيرڻ، ڪويتا، جاٽ جوڀن جي،**
**ڪويتا، اوڙ جو ڇيڙو، ڪويتا، ٽڪ ڪُڙمئي جي،**
**ڪويتا، قرض هاريي جو، ڪويتا، عمر جي پونجي،**
**ڪويتا، ڇڻ گهڙولي ڪا، ڪويتا، ڏِٽ پرولي ڪا،**
**ڪويتا، لوڪ آڪاٽي، ڪويتا، سارنگا جهڙي**
**ڪويتا، نينهن نازڻ جو ڪويتا، بخت باليءَ جو**
**ڪويتا، سونهن جي شوخي، ڪويتا، بيرُخي هن جي**
**ڪويتا، ويڻ ڇڻ هن جا ڪويتا، نيڻ ڇڻ هن جا**

آئون پنهنجي سوچ جي آڌار تي اها ڳالهہ پوري وثوق سان ايئن ٿو سمجهان تہ مُهراڻي جي ڀُوٽ ٽاڏات تي چمڪندڙ ٿڌي چنڊ، پرهہ ويل پورب ڪان پڌري ٿيندڙ اجاڻ، پاساڙي ۾ بيٺل ڪونيت جي ڇڏي ڇانوَ ڪي ڇتو ڪندڙ ڪچڙي مجهند، ڪانوَ جي اک ڪيڍندڙ آرهڙ جي اُس، پوڙهي پپاڪ جي نيٽن جهڙي شام ۽ ڪنهن حسينا جي وهنجي سڪايل وارن جهڙي رات اسان جي هن ماتيٽي ۽ محبوب دوست جي دل ۾ تڏهن بہ ولوڙا وڏا هوندا جڏهن اجا سندس هٿن مکڻ جي چاٽي جهڙي پهرين ڪويتا تحرير بہ نہ ڪئي هوندي.

**غم خوشيءَ ڪان گهٽا دوستو – هام کهڙي هٽان دوستو،**
**ڪيستائين پلا ڪلاجون – ڳالهيون مان ڳٽان دوستو.**

امر ساهڙ ٻالڪپڻ جا شاعراٽا پيرڙا مهراڻي جي مارڳ تي ڇڏي جڏهن نوجواني جي نشيلي وهي ڪي پهتو هو تڏهن سنڌي ٻولي جو تڏهوڪن معتبر ۽ مشهور رسالن مان سيني ڪان وڏيک

قومي رنگ ۾ رتل ماهوار ”ساجاهہ“ ۾ اڪثر امر ساهڙ جا نظم ڇپجڻ لڳا هئا ۽ هڪڙي پڙهندڙ جي حيثيت ۾ مون کي ڏاڍا وڻڻ بہ لڳا هئا. امر ساهڙ کي پنهنجو پسنديده شاعر سمجهڻ جي باوجود هڪڙي عرصي تائين آئون سندس اتي-پتي کان اڻواقف ئي رهيس. مون کي خدا نٿو ڀلائي تہ اهو 1990 ع جو سال هو جو مون کي هن دوست پاران پوسٽ ڪيل خط اچي مليو. واضح رهي تہ ان زماني ۾ جيڏن-سرتن سان رابطي جو واحد وسيلو هڪٻئي ڏانهن لکجندڙ اهي خط ئي هوندا هئا جيڪي پين دوستن کان ممڪن آهي تہ وڃائجي ويا هجن پر مون ان دؤر ۾ لکيل دوستن جي تفصيلي خطن سان گڏ اهي چٺيون-چپاٽيون بہ سنڀالي رکيون آهن جن ۾ هڪڙو پورو دؤر محفوظ آهي.

امر ساهڙ ان پهرين تفصيلي خط جي آخر ۾ جيڪا پنهنجي پوسٽل ائڊريس ڄاڻائي سا اڄ ڇويهہ سال گذرڻ کانپوءِ بہ ساڳي آهي يعني- معرفت سيٺ منٺار اوٺو، ڍورو بازار نئون ڪوٽ.

هي لفظ لکڻ وقت آئون ڇويهہ سال پوئتي وڃي جڏهن پنهنجو پاڻ کي ساروڻين جي سير ۾ ٿو اڇلايان تڏهن مون کي اسان ٻنهين جي شاعر ۽ قومي ڪارڪن هجڻ وارين هڪجهڙاين سان گڏ ٿئين هڪجهڙائي اها ياد ٿي اچي تہ هن کي منهنجو خط ملندو هو. ”ڍوري بازار“ ۾ ۽ مون کي هن جو لکيل خط ملندو هو ڍوري ناري ۾ - يعني ”ڍوري“ جو وهڪرو بہ اسان جي سوچن جي وهڪري وانگر ساڳيو هو. اهو ئي بنيادي ڪارڻ آهي جو امر ساهڙ ۽ منهنجي وچان وهندڙ محبت جي ”ڍوري“ جو وهڪرو ڪڏهن بہ ماٺو ناهي ٿيو.

**جڏهن کان تو ڪيو جادو اجا ان سحر ۾ آهيون،**
**ٻڏون ٿا پيا، ترون ٿا پيا، نگاهن نهر ۾ آهيون.**

نہ رڳو ايترو پر منهنجي ٽيبل تي پيل سندس تازي شعري مجموعي **”صحرا مون ۾ ساهہ کٽي ٿو“** جي پريس ڪاپي جو پنو-پنو پڙهڻ کانپوءِ آئون ڄاڻيءَ تي هٿ هڻي پوري پڪ سان چئي ٿو سگهان تہ امر ساهڙ جي اندر ۾ وهندڙ تخليقي ڍوري جي وهڪ بہ

ڏيمي ناهي ٿي. سندس شاعري جي هن مجموعي ۾ موجود بيت، وايون، گيت، غزل، نظم ۽ چؤسٽا پڙهڻ ڪانپوءِ هن جا لائق پڙهندڙ شايد منهنجي ان ڳالهہ سان متفق ٿين تہ، امر ساهڙ ذات ۽ ڏيهہ سان هڪ جيترو ڪميٽيڊ شاعر آهي. هو ڪافور ۽ قبرن جا قصا ڪڻڻ بدران وني جي هوا ۾ مهڪندڙ زندگي جي ڪهاڻي تي ويساهہ رکندڙ اهڙو شاعر آهي جنهن جي هر سٽ ۾ پنهنجو وطن ۽ وطن وارا ساهہ ڪڻندي نظر ٿا اچن.

**ڏرتيءَ سان گڏ ڏڙڪي پيئي، منهنجي دل درازن جهڙي،**
**اوڏن جهڙي، رازن جهڙي — اهڙو ديس اڏڻ ٿي چاهي،**
**جنهن ۾ ڪو بہ نہ هيٺو هوندو — هر ڪو پاڻ وهيٺو هوندو.**

امر ساهڙ جون مٿيون سٽون سندس سهڻي نظم **”منهنجا گيت گهٽائون ٿيندا“** مان کنيل آهن جيڪو پورو نظم پڙهڻ ڪانپوءِ مون کي ان فڪري ۽ نظرياتي تربيت تي پيار ٿو اچي جنهن مان پچي نڪتل امر ساهڙ جي قومي ۽ طبقاتي شعور جو رنگ هن زماني جي تيز اس بہ اڏائي ناهي سگهي. بلڪ منهنجو سرخ ڦريري جهڙو هي ساٿي اڄ بہ پُراُميد آهي تہ؛

**نيٺ تہ ڏونئرو ڏينهن بہ ٿيندو_نت نڪورو نينهن بہ ٿيندو**
**نيڻ نہ ڪنهن جا آلا ٿيندا_هڙئي هيج حوالا ٿيندا**
**منهنجا گيت گهٽائون ٿيندا_نم جي وڻ جون ڇائون ٿيندا.**

ٽي-ايس ايليٽ سميت ڪنهن بہ مشهور ۽ معروف نقاد جي قول جي ڪلهي تي چڙهي موشگافيون ڪرڻ بدران آئون صفا سڌي ۽ سادي ڳالهہ ڪندي چوڻ ٿو چاهيان تہ، جيڪا شاعري عوام جي روح جي پاڙن ۾ پلر جي پالوت بڻجي نٽي لهي سا امر ساهڙ جي شاعري ٿي نٽي سگهي؛

**رت جو ڏئين ٿي ريج ٻنيءَ کي، حد کان زيادهہ هيج ٻنيءَ کي**
**ڏيندي آهين ڏيج ٻنيءَ کي، او هارياڻي، او هارياڻي**

امر جون اهي سٽون پڙهندي محسوس ٿو ٿئي تہ ڄڻ هي خود ڪا هارياڻي آهي جيڪا عوام جي دلين جي ٻنيءَ کي ريج بہ ڏي ٿي ۽ حد

ڪان وڏيڪ هيج ٻہ ڏي ٿي. ڇاڪاڻ تہ هڪڙي سچي شاعر جي حيثيت ۾ ان ”هارياڻي“ کي اها پڪ آهي تہ اهو فصل رڳو ديس واسين جي دلين ۾ ئي پوکي سگهجي ٿو جنهن جي پچڻ ڪانپوءِ:

**اپ اجهو ۽ اولو ٿيندو ڏڪ ڏليءَ جو ڏولو ٿيندو**
**چنڊ وطن جو چولو ٿيندو مارو پاڻ – وهيڻا ٿيندا**
**نيٺ ٻُڏيءَ جا ٻيڻا ٿيندا.**

آسن، اُميدن، همتن ۽ جرئتن جي هندوري ۾ لڏندڙ سنڌي شاعري جي هن ”شهزادي“ جي اُتساهہ جا سرچشما اهي وڏا ماڻهو آهن جن کي ”امر“ سنڌ جي سڃاڻپ ٿو سمجهي.

سنڌ جي آزادي پسند اڳواڻ عبدالواحد آريسر جي نانءُ ڪيل سندس نظم جي پڇاڙي ڪيڏي پياري ڪئي اٿس تہ:

**مون سنڌ لاءِ جيڪي سفر ڪيا آهن**
**يا ڪفر ڪيا آهن**
**اهي سيئي مون کي ”اندران“ جيئن عزيز آهن.**

اسانجي ٿهي کي پنهنجي محبت ۽ خلوص جي ڪشادي پاڪر ۾ پريندڙ رسول بخش درس لاءِ لکيل هي سٽ ڇا تہ حسين سٽ آهي:

**ڪينجهر ڪان ٻہ ڪشادو، دل جي درس فقير**

اسانجي محبتي دوست پارومل امراڻي جي سار ڇيلهار تي ڪڙيل چنڊ وانگر جڏهن امر ساهڙ جي اندر ۾ ٿي لهي تڏهن هو لکي ٿو:

**پاروءَ جي پليڪار مور نٿي مون ڪان وسري**

ايئن جمن دربدر، حليم باغي، حسن درس، حاجي ساند ۽ موهن پڳت سميت جن ٻہ ماڻهن کي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ساريو آهي، اهي هن جي اتساهہ جو سبب آهن ۽ منهنجو خيال آهي تہ جنهن شاعر جي اُتساهہ جا سر چشما وطن-دوستي جي آبشار جيان سدا وهندڙ هجن اهو زماني جي رواجي ۽ روايتي اظهار کي اپنائي هلڪڙين هوائن جو شڪار ٿي نٿو سگهي.

**تو وٽ قيد ڪبوتر سارا مون وٽ تترن تيز اڏارون**

**مون وٽ مست هوائن ۾ ٿا هرڻ هنيلا ڀوڙون پائن.**

هو پنهنجي اُتساهہ ۽ ويساهہ جي سرچشمن سان جتي بي انتها محبت ڪري ٿو اُتي وطن کي لٽائيندڙ ڪردارن سان ايتري ئي شديد نفرت بہ ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ قومي شعور جي تعليم ۽ ترتيب هن کي اها ڳالهہ سمجهائي آهي تہ، رڳو محبت جو ميتاج بہ ماڻهو کي ماري وجهندو آهي تنهنڪري ماڻهو کي با مقصد ۽ متوازن زندگي گذارڻ لاءِ نفرت جي جذبي کي بہ پنهنجي دل ۾ ايتري ئي جڳهہ ڏيڻي پوندي جيتري محبت کي ڏيڻ ضروري آهي.

ڪنهن مارئي کي مارئي ٿيڻ لاءِ رڳو مارن ۽ ملير سان محبت ڪرڻ ئي ڪافي ڪونهي پر عمر ۽ عمر جي ڪوٽ سان ايتري ئي شديد نفرت ڪرڻ بہ ضروري آهي. ان روايت کي پنهنجي روح سان مڃيندڙ امر ساهڙ جتي وطن-دوست ڪردارن سان محبت جي اظهار کي پنهنجي شاعراڻي آڏاڻي تي اٽيو آهي اتي وطن کي لٽائيندڙ ڪردارن لاءِ ساڳي شدت سان نفرت جو اظهار پڻ ڪيو آهي؛

**سياسي پنبت سنڌ جا، تنهنجو دين نہ ايمان،**
**هر ماڻهو حيران، لٽي تنهنجي لٽڻ ڪيو.**

امر ساهڙ پنهنجي شاعراڻي اظهار ۾ مجموعي طرح حُسن ۽ حب الوطني جو اهڙو امتزاج آهي جنهن جي شاعري کي روايتي مهاڳ واري تشريح ذريعي پڙهندڙن تي بار بڻائڻ بدران آئون رڳو ايترو چوڻ چاهيندس تہ هي "ساهڙ" اسان جو اهڙو سپرين آهي جنهن جي شاعراڻي تعاقب ۾ ههڙو حسين بيت بہ اچي سگهي ٿو تہ؛

**ڏيري ڏريا ڀير، چانڊوڪيءَ لهرن مٿان،**
**ڇولين ٻڌي ڇير، سڄاڳ ڪيو سمنڊ کي.**

## مير حسن آريسر

سرمد جو ڳوٺ-عمرڪوٽ

24 فيبروري 2016ع

# مومل جي مجازي نيڻن جهڙي شاعري...!

ٿر رڳو ڪجلا سرمئان ڪُرلاءَ ڪري لهندڙ ڪونجن جي قطارن واري حسين منظر جو نالو ناهي ۽ نہ ئي ڪوپالوا جي ڪنهن پٽ مٿان ٺهوڪا ڪري اڏامندڙ مور جي ڪيڙي مٿان بي خود بنجي ڊڪندڙ ڊيل جي تانگھہ جو تصور آهي پر ٿر تہ پارڪر جي ڪنهن پدمڻي جي پٿون ٿيل پيرن ۽ ونگي پٽڻ جي ويران واٽن تي وڃائجي ويل ملوڪ ماضي جي ناياب نشانين جي اذيت ڀريل احساسن ۽ نهٽي جي اجڙيل بازارن ۾ پڙيانگ آثارن جو بہ نالو آهي. ڏڪار جي ڏهاڳ ڏينهن ۾ ساٿيهہ جي سهاڳ کي سارينديي لاڙ ۾ لابارن لاءِ ويل ڪتنب جي رولاڪين جو نالو بہ ٿر آهي. امـــر ساهـــڙ انهن حسناڪين ۽ محرومين جو مصور شاعر آهي. هن جنهن ڪمال ڪاريگري سان ٿر جي انهي عڪس کي چٽيو آهي تنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ بلڪل ائين ڏکيو آهي جيئن مالٺهور مٿان لهندڙ سج جي لالاڻ ۽ روهيڙي جي سرهاڻ کي سمجهائڻ سولو ناهي. امر ساهڙ جي شاعري تي ڪو اڀياس لکڻ بجاءِ انهي کي صرف ۽ صرف محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو .هن ڪاريگر ڪوي گيان جي گوڙي مندر ۾ صرف مطالعي ۽ مشاهدي جي زور تي پنهنجي ذات جا ڏيئا نہ ٻاريا آهن پر صحرا جا سڀ مرحلا هن جي وجود منجهان ڪوئيٽن جيان ڦٽي نڪتا آهن .هن جي شاعري ۾ جيڪي نرالا رنگ نظر اچن ٿا سا تہ مٿس انهي ميگھہ جي مهرباني آهي جنهن جڏهن وسڻ جا ويس ڪيا تہ ٿري سونهن تجلا ڪري چوئنري مٿان چنڊ سان بہ چلولايون ڪرڻ لڳي ۽ اگر مُنهن موڙيائين تہ رشتن جا روپ بہ بدلجي ويا . ٿانور پٽي مٿان اوڙڪون ڪري وسندڙ سورن جو ساوڻ ۽ روحل واءِ مٿان چمڪات ڪندڙ ٻڪرال سندس هر سٽ ۽ هر غزل ۾ هنيلن هرڻن جيان ڇال ڏين ٿا . وطن جي هر ادا تي فخر امر ساهڙ جي شاعري کي وڏيڪ جاندار بنائي ٿو.

**مون وٽ ونگو پٽڻ آهي،**
**اُن جو اُتر – ڏڪڻ آهي،**
**چڻ ڪنهن هٿ جو ڪنگڻ آهي،**
**تو وٽ ڪو ئي ڪاڇو ڪونهي،**
**“سنڌ پرينءَ جو پاڇو” ڪونهي.**

سنڌ وطن جا اهي سمورا لافاني ڪردار جن ساهہ ڏئي پنهنجو ويساهہ برقرار رکيو انهن کي هن پنهنجي شاعري ۾ جنهن انداز ۾ جڙيو آهي، سندس انهي هنر کي جس هجي. دودي سومري ،مخدوم بلاول ،شاه عنايت ،دولهہ درياءَ خان ،هوشو شيدي،هانسي سوڍي ،روپلي ڪولهي ڪان وٺي چام نندي ، سن جي سپاجهي صوفي سائين جي ايم سيد،فاضل راهو، ذوالفقار علي ڀٽي، بينظير ۽ بشير خان قريشي سميت هن جتني هر ڪردار کي پنهنجي شاعري ۾ چٽيو آهي اتي هن ديس جي ڏات ڏٽين لطيف، اياز، حسن درس، حليم باغي سميت صادق فقير، مامي جمن دبدر، رسول بخش درس، ڀارومل ۽ حاجي ساند کي بہ نہ وساريو آهي. سچ تہ اهو آهي تہ جڪري جي جوءِ جي هن جوهري شاعر جي ڏات ۾ جسمان اوڏڻ جي نيٽن جهڙي جوت ۽ سارنگا لاءِ سڏونت جيڏي سڪ ۽ ڇڪ سمايل آهي .

**مومَل جي مَجاز جون، ڪاڪ ڪنڌيءَ کهاٽيون،**
**رُساما، رِهاٽيون، ماري وِجهَندَئي مينڌرا!**

ڏياچ جو ڪتيل ڪنڌ ۽ وڳهہ ڪوٽ جي ويران رات هن جي لفظن مان ليڪا پائي ٿي .مومل جي مجازي نيٽن جهڙي هي شاعري ڪنهن بہ روح جي ڪينجهر ڪناري تماچي کي نورا پارائي لهرون لهرون بنجي نچائڻ لاءِ ڪافي آهي .اهو شخص جنهن سان آئون هيستائين ملي نہ سگهيو آهان سو امر ساهڙ پنهنجي ذات ۾ بہ پڪ سان سندس شاعري جيان جادوئي سحر رکندو هوندو .

**امير منڌرو**

بدين _ 09_02_2016

شاعِر پاران:

## شاعِري تنهائيءَ سان ڪيل گُفتگو آهي!

**ڏهہ،** يارهين سالون اڳ يعني 2004ع ۾ مُنهنجي شاعِريءَ جو پهريون مجموعو **”اکين ۾ اُلڪا“** شايع ٿِيو هو. قطعي نظر اِن جي تہ، اُنهي ڪتاب کي سو-ڪالڊ ادبي وڏيرن ڪيتري اهميت ڏِني ۽ ڪنهن ليکي، چوڪي ۾ آندا يا ”ناني ويڙهن“ کي نظر ئي ڪو نہ آيو. مون اُنهن جي ”نظرِ ڪرم“ طرف ڪڏهن بہ واجهايو ڪو نہ. ڇاڪاڻ جو مون کي اُنهن کان ڪنهن سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي قطعي لوڙ ڪا نہ هُئي، بقول احمد فراز جي؛

**ہزار شُکر کے ہم اہلِ حرفِ زندہ نے،**
**مْجا ورانے ادب سے سْند نہیں مانگی.**

پر مُنهنجا اُهي عام پڙهندڙ، جيڪي مون وانگر سادا، سپاجها هُئا ۽ ڪنهن بہ بُعض ۽ ڪيني جي بيماريءَ کان بچيل هُئا، اُنهن کان جيڪا مانائتي موٽ مون کي مِلي، اُن جو ڪاٿو اِنهي ڳالهہ مان آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو تہ، اُهي اَڄُ بہ اٽليو ٿِي وِيل ڪتاب **”اکين ۾ اُلڪا“** کي حاصل ڪرڻ لاءِ ايئن اُتاولا آهن، جيئن سنياسين جون اکيون جبلن ۾ جڙيون ٻوٽيون ڳولڻ لاءِ سرگردان هُونديون آهن. ۽ ڪين اکين ۾ اُلڪا پڙهڻ جي تشنگي اڄ بہ ايئن ئِي تڙپائي ٿِي، جيئن ٿر- پاپيهي کي پلر جي پياس تڙپائيندي آهي.

2015ع ۾ مُنهنجو ريڊيو اسڪرپٽ تي مشتمل ڪتاب **”خيال ڪڙو ڪڙڪائن ٿا“** شايع ٿيو. مُنهنجي پهرينءَ شعري مجموعي وانگر مُنهنجي اِنهي نثري ڪتاب کي بہ مُنهنجي لائق پڙهندڙن وٽان جيڪا پزيرائي مِلي، ۽ جيڪا محبت ڀَري موٽ مِلي، اُن مُنهنجي هيڪاندي همت وڌائي، مون ۾ نئون جذبو ۽ حوصلو پيدا ڪيو. جنهن جي بدولت ئي هڪ سال اندر آئون پنهنجو ٻيو ڪتاب آڻڻ جي همت ساري سگهيو آهيان. ڏهاڪو سالن جي ڊگهيءَ وڇوٽيءَ ڪانپوءِ منهنجو هِي نئون شعري مجموعو

**”صَحرا مون ۾ ساھُہ کٽي ٿو“** مُنھنجي انھي دعوا کي ثابت ڪرڻ لاءِ سگھارو دليل آھي تہ، مون اسٽيجن، مُشاعرن ۽ ادبي ميلن کان پاڻ کي پري رکي، گھرجي ڪُنڊ ۾ گوشہ نشيني اختيار ڪرڻ باوجود، شاعِريءَ سان سڱ ناھي ڇنو، ڇاڪاڻ جو شاعِري جيڪا ڪڏھن مُنھنجو شؤق ھُئي، اُھا ھاڻي مُنھنجي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ۽ واحد ڪاز ۽ جواز آھي، اِھا ئي مُنھنجي عبادت آھي. اِھا ئي مُنھنجي رياضت آھي. جنھن مون کي اڪيلائي جي ”اعتڪاف“ ۾ ھوندي بہ اڪيلي ھئڻ جو احساس ٿيڻ ناھي ڏنو. مون ماٺ جو مُراقبو پائي بہ پنھنجي ذات جي ڪاڪ تي رات اچڻ ڪو نہ ڏني آھي.

**اِھا ماٺ معنيٰ، رکي ٿي زمانا!**
**اسان ذات وينا اڏيءَ تي ارايون.**

مُنھنجي شاعِري تنھائي سان ڪيل گُفتگو آھي، جنھن ۾ ڪئي اڄاتا ۽ اڇوتا آواز گُنگُنائِن ٿا. ڌرتيءَ جا، ڌرتيءَ واسين جا، منھنجي اندر ۽ ٻاھر جيڪي آواز ٻُرن ٿا، جيڪي آواز دانھن سمجھي دٻايا وڃن ٿا، اُھي سمورا آواز مُنھنجي شاعِريءَ ۾ پڙاڏا بڻجي گُونجن ٿا. مُنھنجي شعور، تحت الشعور ۾ جو ڪُجھہ بہ موجود آھي، اِھو مُنھنجي شاعِريءَ جو سرمايو آھي. مون جيئڻ ۽ جيڪي ڪُجھہ ڏٺو آھي يا محسوس ڪيو آھي، اُنھي کي ڪنھن شاعِراڻيءَ صِنف ۾ اوتي پاڻ کي ھوا کان بہ ھلڪو محسوس ڪيو آھي. ھِيءَ وشال ڌرتي، ھِيءَ ڪُل ڪائنات ۽ اُن جا جُملي رھاڪو مُنھنجي شاعِريءَ جا محبوب مُحرڪ آھي. اِھي مُنھنجي شاعِريءَ جو اُتساھہ آھن ۽ اِھي ئي مون کي لِکڻ لاءِ خام مال مُھيا ڪن ٿا. ٿر، جيڪو سنڌو سڀيتا ۽ ھاڪڙي تھذيب جو عڪاس ۽ امين آھي، سو مُنھنجي شاعِريءَ ۾ پنھنجين سمورين حُسناڪين ۽ پيڙائن سميت ساھہ کڻي رھيو آھي. جيڪڏھن ڪو ٿر کي منھنجي اکين سان ڏسي تہ شامي پناھگيرن ۽ ٿر مان ھر سال لاباري لاءِ لڏپلاڻ ڪندڙ دربدر ڀيلن ۽ ڪولھين جي دلين جا درد بہ ساڳي آھن تہ سندن

اکين جي لُڙڪن جو ذائقو به ساڳي، ٿر ۾ مرندڙ معصوم ٻارڙن جي مائرن توڙي فلسطيني ٻارڙن جي امڙين جي سيني ۾ ساڳي گوشت جي دل ڌڙڪي ٿي. پر چوندا آهن ته "پٽر پرائو سُور سڀڪا پنهنجا روئي" سو مون کي اِن ڳالهه تي قطعي کو پڇتاءُ يا ارمان کونهي ته مون ايشيا کنڊ جي سياسي، سماجي بُحرانن ۽ عالمي لقائُن کي پنهنجي شاعِريءَ جا موضوع بنائڻ بدران پنهنجي مَڏوهر ڏيهه جي ڏکن ۽ سُکن کي سندم شاعِريءَ ۾ پناهه ڏني آهي. ۽ اُن جُرم ۾ جيکڏهن "کويتا- کيتين" جا کمدار مون کي "شاعر برادريءَ" جي پٽ پوت مان نيکالي ڏيندا ته به مون کي کو اعتراض کو نه ٿيندو. باقي منهنجي خيال ۾ خود شاعِرُ پنهنجي شاعِريءَ جي موضوع، مزاج، ماحول، موسيقي، مقصد ۽ کيفيت بابت پاڻ ئي ويهي وضاحتون کري ته اُهو قطعي مناسب کونهي. ڇو جو، اِهو حق اُنهن باشعور پاٺکُن کي هُئڻ گهرجي، جيکي شاعِريءَ سان محبت کن ٿا، ۽ شاعِريءَ جي روح کي سمجهن ٿا. اُهي ئي شاعِريءَ ۾ پِنهان کنهن پيغام کي پَروُڙي اُن مان کو حِظ حاصل کن، قبول کن يا رَد کن، اِهو سندن ئي صوابديدي اختيار آهي. ۽ هُونئن به شاعِريءَ ته خود وات وکيل هُوندي آهي.

شاعِريءَ ۾ هر کنهن جا پنهنجا گس ۽ گهاڙيتا آهن، کي جدت جي جَڙي گهوڙي تي سوار آهن، ته کي وري کلاسيکيت جي کرهن تي پاکڙا پلاڻي ويٺل آهن. پاڻ نه پنهنجي ماضيءَ سان ناتو ڇِنو آهي، نه ئي حال تان هٿ کنيو آهي ۽ نه ئي وري آئيندي کان اکيون ڦيريون آهن. پر پوءِ به پاڻ کنهن جي به جُتيءَ ۾ پير پائڻ جي نه کا دعوا ٿا کريون ۽ نه ئي "نُونئيون" هٽي يا "چنين چپاتين" ذريعي کا جاءِ ماڻڻ جي کوشش ٿا کريون . پاڻ نه کنهن خدمت جي خوش فهمي ۾ مُبتلا آهيون نه ئي سنڌي ادب تي کو ٿڌو ٿورو ٿاڦيون ٿا، ڇاکاڻ جو پاڻ کنهن جي خواهِش يا فرمائش بدران هميشه پنهنجي "درويش دل" جي آر ۽ اِصرار تي لِکيو آهي. پوءِ جهڙو به حال آهي، پريان نال آهي، مون پنهنجي شاعِريءِ جي سرزمين تي جيکا به جاٺ

ڀَري آهي، جيڪي بہ جوتا ڏنا آهن يا آڙيڪا ڏِنا آهن. اُهي اوهان جي اڳيان آهن. اگر انهن ۾ ڪي ڪميون، پيشيون (فني يا فڪري) رهجي ويون آهن تہ آئون اُهي ايئن قبول ڪرڻ لئہ تيار آهيان، جيئن ڪا جيجل ماءُ پنهنجي ڪُسر ۽ ڪپوٽ اولاد جا عيب اکين تي رکندي آهي.

آئون بيحد ٿورائتو آهيان سنڌ جي سدا ملوڪ آرٽسٽ ۽ مُنهنجي محبوب دوست محترم اي-آر آزاد جو، جنهن منهنجي هُجت ڪي مانُ ڏيندي، بيتن، واين، غزلن ۽ نظمن جا اِنتهائي دلڪش ۽ شاندار اِسڪيچز ٺاهي ڏنا. ٿورا تہ مون تي سنڌ جي اُنهن سرموڙ شاعرن/اديبن جا بہ ٿر واريءَ ڪان وڌ، جن مون جهڙي معمولي ماڻهوءَ جي اڌ ڳالهاءُ يعني ميسيجز يا فون ڪالز ڪي مانُ ڏيندي مُنهنجي هِن ڪتاب بابت پنهنجا انمول ۽ عاليشان ويچار تاثرن، مضمونن ۽ راين جي روپ ۾ تحرير ڪري اُماڻيا آهن. جن ۾ سائين ڊاڪٽر آڪاش انصاري، احمد سولنگي، بخشڻ مهراڻوي، ادي رُخسانہ پريت چنڙ، آپا مريم مجيدي، مير حسن آريسر، روُحل ڪالرُو، فراق هاليپوٽو، امر اِقبال، اياز رضوي ۽ امير منڌرو.

وڏا وڙ سنڌ جي محبوب ماڻهوءَ سائين ارباب احسان ، سڀني پيارُ جهڙي دوست عبدالرئوف جماليءَ، محبوب دوست استاد آسي زمينيءَ، آصف عزيز مهراڻوي، نوجوان شاعر حسن نوشاد، عبدالله آس هنگورجي، الله ڏنو هالاٽي، مٺيءَ جي ڪمپوزر دوست مڪيش هميراٽي ۽ **ڪنول** پبليڪيشن جي روح روان سنڌ جي سريلي شاعر سعيد سومري جا، جن جو هن ڪتاب جي ڪمپوزنگ ڪان وٺي ڇپائي تائين سجيلو ساٿ ۽ سهڪار سنگ سنگ رهيو.

محبتن جو منتظر

**امر ساهڙ**

Cell: 0321_3661266

# امر جي شاعري ۾ آزاد فضائن جهڙيون محبتون جَرڪن ٿيون

**امر ساهڙ** جي شاعري روح جي اُڪير جو اهڙو اظهار آهي جنهن مان انسان جي اندر جو آفاقي سچ، فطري لقاءَ ۾ جذبن جي جوت جو جولان چٽو، پٽو بکي ٿو. هن وٽ ٻوليءَ جو استعاري استعمال ۾ آدرشي احساس جو اڻ کُٽ سرمايو موجود آهي. ٿر جي هن ڪويءَ وٽ مشاهدي جي ڏاهپ ۾ مطالعي جي مَٽيا جي ڪا بہ ڪوت ناهي. هي پنهنجي سرجڻهاري سگهہ سان انيڪ انوکا راز ۾ رنگ پنهنجي اڇوتي دلڪش انداز ۾ سرجيندو نظر اچي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو هن جا شعر پڙهندڙن جي من ۾ پيهي ويندا آهن. سندس سچائيءَ واري اُتساهہ ڏياريندڙ ذات مايوس ۾ ملول منن کي جاڳرتا جي جُوءِ جا نِت نوان دڳ ۾ ماڳ لوچڻ ۾ ماڻڻ جو حوصلو ڏيندي ڏيکاري ڏيئي ٿي.

امر ساهڙ جي شاعري ۾ نہ رڳو آزاد فضائن جهڙيون محبتون ساجهر جو سُهائو بڻجي جَرڪن ٿيون. پر هن نامياري قلم ڌڻي وٽ سنڌ ساڃاهہ جو بہ سچو ويچار ۾ وکر سرس سانديل آهي. ان ڏس ۾ هي سنڌ ڌرتيءَ جي مسئلن ۾ دردن جو نہ رڳو هوبهو عڪس ڏيکاري ٿو. پر مارو ماڻهن جي حالتن ۾ حقيقتن جو سچو ترجمان بڻجي وڃي ٿو. مون وٽ نياءُ واري نِهار اها ليکبي تہ پنهنجو درد اورڻ روايتي طرح تہ هرڪو ڇاڻي ٿو پر هڪ شاعر جي قومي سڃاڻپ طور پرک تڏهن ممڪن ٿئي ٿي، جڏهن هو قومي وجود، تهذيبي، تاريخي ۾ زميني حالتن پٽاندر نہ صرف ديس ۾ ڌرتي وارن جي نمائندگي ڪري پر پوري ريت وارثي ڪرڻ جو فرض بہ نباهي. اِن ڪٿ تي پڻ امر جي ذات امرتا ماڻيندي نظر اچي ٿي. امر ساهڙ هڪ پُختي ارادي وارو پُرعزم شاعر آهي. جنهن وٽ اُمنگ ۾ اُڌمو، ٻولي ۾ خيال جو اڻکُٽ خزانو آهي. وٽس سگهاري ذات ۾ ڏانءُ جو سڦل ميلاپ، سهڻي جوڙ جڪ جو حَسين هُنر سادگيءَ جي سُونهن ۾ سمايل نظر اچي ٿو. جنهن آڌار سندس هي ڪتاب ادب ۾ اوَس اوچي پَد تي ليکيو ويندو.

**مريم مجيدي**

28 اپريل 2016

# بيت

آڳِج مون لئہ عيد تي، عاجَ سندي ٻانهِين،
ڇورا! مون چانهين، پوکي تولئہ پيار مان.

شفق سُرخي ڦهلائي، اُڀَ جي آڱُر تي،
جڻ کنهن ڪاڱر تي، هاري ڳاڙهي مَس وِڌي.

ٽِمڪيا پئي ٽيئي، ٽانڊاٽي جئين ٽيڙو،
ڪنپ ڪنڊيڙي ڪيڙو، مورن ڪيا مينهَن ۾.

ڏيري ڏريا پير، چانڊوڪي لهرُن مٿان،
ڇولين ٻڌي ڇير، سُجاڳ ڪيو سَمُونڊ کي.

ڏِهرن ۾ ڏيئا، ٻاريا ٻانهِياريءَ پئي،
لڪن منجهہ لِيئا، وَنيءَ ٻَاتا وَرَ جي لئہ.

ڪينجهر ۾ ڪنول، جويَن تُنهنجي جهڙِو،
گيڙو ويس غزل، گوري غالب جو.

چانڊوڪيءَ ۾ ڇيلهار، مَٿ پيئندي مون ڏِٺو،
ڳليون، وڻ ڳُگَاٽيل، ڪِليو ڪَن ڪيڪار،
ڀاروءَ جي ڀليڪار، مُور نٿي مون ڪان وسري.

مُور نٿي مون ڪان وسري، راٽاسر جي رات،
ڏِيئا ڏيئا ڏات، جتي جاڳي ٿي پئي.

وٽجاري سان وجي، ڪو ڪريان ڪاروبار،
ڀِچان شال برسات ۾، ڀيليءَ سان ڀيهار،
وِڇوڙي ۾ وار، اديون! مون آڇا ڪيا.

هُن کي حُسن پنهنجي تي، ايڏو هَٺُ، گُھمنڊُ،
ساري رات سمنڊ، ٻانهُون ڪيس ٻَڌندو رهيو.

○

مون ڏِٺو مِٽيءَ کي، ٻيٺي گڏيءَ ٻِٽَ تان،
هيٺ ڪنهن مندر مان، گُونجيا سُر گِٽار جا.

لڙي سُرمَئي سانجهہ، مِٽيءَ جي ماٿاريءَ تي،
**موهن** چيڙي مانجهہ، گڏيءَ سندي گود ۾.

مون ڪان **مالٺهور**، پُڇيا پار پکين جا،
خالي ڏُوهي کپڙ جا آکيرا، آجهورَ،
مينهوڳيءَ ۾ مور، سُڃي سَيم ڪري ويا.

ساري عُمر سيرڻ ۾، گُذري گوسيءَ جي،
نہ شڪوا سرديءَ جي، نہ گِلا اُس ڪوسيءَ جي،
ڏسي مُرڪ ڏوسيءَ جي، گُوندر ويس غائب ٿي.

هوليءَ رات **حَسن**، مليو مندر ٻاهِران،
ديدون اُنهيءَ دڳ تي، وَڏ-ڦڙي جيئن وَسن،
پُوڇارڻ ۾ پَسن، اکڙيون سندس عاشقي.

وَرت جيئن ويڙهي، ياڳيو رکي پُوڻَ تي،
مون کي تيئن ميڙي، مُحب وِهاريو من ۾.

ڏوڀي ڏوئي جيئن، لَٽا ڏوٻيءَ گهاٽ تي،
مادر! مون کي ايئن، ڌوتو درد پرينءَ جي.

جوتي جيئن ڪا جنب، اُٿي آڌيءَ رات جو،
آيَلَ! اِيئنَ اُڪنب، پيڙي پيار ڪندڙ کي.

ويڙهي وينڊ لاهُون، جيئن ڪا جنڊ نينگري،
اديون! اِيئن آئون، وِڇوڙين ويڙهي وتان.

○

سُگهڙ جيئن سِبي، ڪَٻري رلي ڪُتر مان،
جانِبَ اِيئن جڙي، چڏيو مُنهنجي جيءَ کي.

وينگي جا وڏيرو، وڍي تار ٽيئي ويو،
ٻُونڍِ تي ٻيرو، سڄي رات روئندو رهيو.

آڏيءَ جو اوتار، جهيڪيون اُتين جهوڪَ تي،
سَرتيون! مون سنيار، سُتي ساريا سات جا.

جڪرا! تنهنجيءَ جُوءِ ۾، هاڻ نہ ڪوئي هَٿُ،
هاري ڏُور هَليو وَئين، موڪي پِريل مَٽُ،
ڍوليا! تولئہ ڏَٿُ، ڪارا ويس ڪيو وتي.

راڻاسَر تي رات، هَرڻي آئي هيجَ مان،
پيَسُ ڪا نہ پَروُڙ تہ، گيدي هٽندا گهات،
ڪانئر! تنهنجي ڪات، ڪيڏو قهر ڪري چڏيو..!

چؤنري مٿان چنڊ، ٻيٺو تڪي پُونءِ کي،
گُهوري وجِهي گُهنڊ، چيڙايو هُن چنڊ کي.

***

---

- ڀارو مل امراڻي سُريلو ليکڪ دوست.
- موهن ڀڳت: ٿر جو لوڪ راڳي.
- مالٺهور: سائين پريم شِواڻي ءِ پريم شِواڻي جو ڳوٺ.
- حَسن درس: سنڌ جو سرموڙ شاعر
- وينگو: ٿر جو ناياب وڻ
- ڍوليو: ٿر جو سماج سُڌارڪ سائين فقير مُقيم ڪنيار.

○

اڄھو اڄوڪي سنڌ جو، جھُونو شھر جھمپيرُ،
ڪينجھر ڪان بہ ڪُشادو، دِل جو درس فقير،
سدا جيءَ سو سفير، ماڻھوءَ جي مانِڪي جو.

ماڻھوءَ جي مانِڪي جو، جنھن وٽ وڏو دُڪان،
اھڙو عاليشان، ماڻھو ماڙيءَ تي مِلندو.

ماڻھو ماڙيءَ تي ملندو، ڏاھو ڏات ڏٺي،
ڳڻ جنھن جا ڳڻي، جڳ ڀُڏيا جھوڪ ڪي.

تاڙي سندس تڏي تي، پيتي جنھن پياڪ،
اُن کي ئي ادِراڪ، ھوندو ھر ڪنھن ڳالھہ جو.

سِڪ، سُونھن، سادگي، سراپا سندس وجود،
تنھن مان ئي تازگي، مِلي مُحب وطنيءَ جي.

***

(رسول بخش درس جي نالي)

○

مومَل جي مَجاز جون، ڪاڪ ڪنڌيءَ کهاٽيون،
رُساما، رِهاٽيون، ماري وِجهَندَئي مينڌرا!

ماري وِجهَندَئي مينڌرا! مومَل جا ماٽا،
راز نياز راٽا! سنپالڻ سَولا ڪونهي.

سنپالڻ سَولا ڪونهي، پيار پَروڪا،
جهاتيون، جَهروڪا، هوت پَسي هَليو ويو.

هوت پَسي هليو ويو، ڪوجهيءَ، ڪميٽيءَ ڪي،
وِڌوا ويٽيءَ ڪي، ڪنگڻ سُونهي ڪو نہ ڪو.

ڪنگڻ سُونهي ڪو نہ ڪو، ساٿ بنا سَرتيون!
پاڙيچين ڪي پَرتيون، مون جي ڏنيون سيراھُون.

مون جي ڏنيون سيراھُون، ساجن سنگ سمهاري،
هنجون هاڻ هاري، سارينڊو سي هُوندو.

سارينڊو سي هوندو، گهاريل مون سان گهڙيون،
قُرب مان جي ڪڙيون، روحَ جي رليءَ تي مون.

رُوحَ جي رليءَ تي مون، ٽاڪِيا ڪيئي ٽنؤر،
پُلجي مون وٽ پَنؤر، آيا آڌيءَ رات جو.

آيا آڌيءَ رات جو، مون وٽ خواب – خيال،
پَسي پرينءَ جمال، ويئي وِهامي راتڙي.

ويئي وِهامي راتڙي، تڪيندي تارا، ڪتيون،
پَروسَي جون ٻَتيون، اجان اُجهامن ڪين ٿيون.

اجان اُجهامن ڪين ٿيون، مون جي ٻاريون ڏِياٽيون،
پيار سنديون پاٽيون، آچ تہ پَري ڏِيان اُڪير مان.

آچُ تہ پَري ڏِيان اُڪير مان، جهولي تون جُونجهار!
گيتن جي گُونجار، جيڏيون! شال جَهڪي نہ ٿِئي.

جيڏيون! شال جهَڪي نہ ٿِئَي، مُنهنجي تند-تنوار،
پيجل جي پيهار، تند ڪپيندي ڪنڌ ڪنهن جو؟

تند ڪپيندي ڪنڌ ڪنهن جو، هاڻ نہ ڪوئي راءِ ڏياج،
ڏنو جنهن ڏاجُ، ڪوري ڪنڌ هٿن سان.

ڪوري ڪنڌ هٿن سان، ڏِنو جنهن ڏاتار،
پينر! اوُ پيتار، هاڻ نہ رهيو هِن ديس ۾.

هاڻ نہ رهيو هِن ديس ۾، ڪو دُولهہ دريا خان،
آيل! هِيءَ ارمان، ماري وجهندو مُنيءَ کي.

ماري وجهندو مُنيءَ کي، هيلوڪو هي ڏُڪار،
ساجَن! ڪر سُڪار، مينهنَ وسائي مُرڪ سندا.

مينهنَ وسائي مُرڪ سندا، وينگس وَڏ-ڦُڙي جيان،
ٿڌي آئون ٿِيان، اچين جي اوهيرا ڪري.

اچين جي اوهيرا ڪري، مُنهنجي ميري اڱڻ تي،
پرينءَ ساڻ پتڻ تي، اُجري آئون ٿي پوان.

اُجري آئون ٿِي پَوان، اَڏُوتي اوڏار،
گندي هيءَ گُنهگار، ڍولڻ اچي ڍَڪيندو.

ڍولڻ اچي ڍَڪيندو، مُنهنجا عَيب، ثواب،
جيڏيون! پوءِ جواب، ڏيندِيس ڏاڍِ ڏٽيءَ ڪي.

ڏيندِيس ڏاڍِ ڏٽيءَ ڪي، آڏي ڪاني آئون،
لهندِيس پو لائون، پينر! هِن پنيورَ سان.

پينر! هِن پنيورَ سان، مُنهنجو سڱ سِياپو،
جُوءِ بِنا جياپو، ڪوئي **ڪيرت** ڪان پُڇي.

ڪوئي ڪيرت ڪان پُڇي، وِڇوڙو وطن جو،
ڪپڙو جڻ ڪفن جو، ماٺهو پنهنجيءَ مِٽيءَ سِوا.

ماٺهو پنهنجي مِٽيءَ سِوا، بي پاڙي ول جيان،
هر ڪا هام مِيَان! پُونءِ بنا بيڪار آهي.

پُونءِ بِنا بيڪار آهي، آدَم! تُنهنجي آنا،
فقيراٽي فنا، سُونهي ٿِي هر شخص ڪي.

سُونهي ٿِي هر شخص ڪي، هر ڪنهن اڳيان هٿ جوڙ،
مُرڪن سدا موڙ، شل نہ مُرجهائجن سنڌ جا.

شل نہ مُرجهائجن سنڌ جا، هِي باليشاهي ٻار،
آڃُ تہ توکي پيار، اوتي ڏِيان اکين مان.

اوتي ڏِيان اکين مان، جَوانيءَ سندو جامُ،
توکي عُمر تمام، نشو نينهن جو نہ لهي پو.

نشو نينهَن جو نہ لهي پو، شال تُنهنجيءَ طلبَ مان،
کارايل قلبَ مان، ايندو آواز اُن جو رهي.

ايندو آواز اُن جو رهي، هستيءَ مان حق موجود،
واري هِيءَ وُجود، آڃُ تہ بچايون اِنسان کي.

آڃُ تہ بچايون اِنسان کي، ڏيئي ذات پيتا،
مايوس مُک ميتا، آهن ڇو عوام جا؟

آهِن ڇو عوام جا؟ هيٺا حال سدائين،
پوءِ بہ پاڻ پَڏائين، سياسي پنبت سنڌ جا!

سياسي پنبت سنڌ جا، تنهنجو دينُ نہ ايمان،
هر ماڻهو حيران، لڄي تُنهنجي لڄڻ کيو.

لڄي تُنهنجي لڄڻ کيو، سارو هي سنسار،
پنگ پياڪ پوتار! آهين ڄڻ اڻي تي ڇَتي.

آهين ڄڻ آڻي تي ڇَتي، ويکائو وڏيرا!
آڏيءَ جو آويرا، ٿارا ٿاک تي ٿو کرين.

ٽارا ٽاڪ تي ٿو ڪرين، ڪنهن **ويرَڻ** وانگي،
پرين**!** هاڻ پان ڪي ماٺ سُونهي نٿي مُور.

ماٺ سوُنهي نٿي مُور، ڏاهي ڏات ڏٽيءَ ڪي،
طمعَ تمام گهٽيءَ ڪي، فِي الحال ڦِتي ڪري ڪوي**!**

في الحال ڦِتي ڪر ڪوي**!** هر ضرورت ذاتي،
پَدمٽي پرياتي، ايندئي آجپو ڪٽي.

ايندئي آجپو ڪٽي، ڪا تحريڪ تازي،
**بشيرخان** بازي، خُون ڏيئي ڪتي ويو.

ٿوهر هيٺاڻ ٽَڪُ، پڳو ياڳئيي پَئي،
آڏو اُونڌيو لَڪُ، پيرَ پَرائي بيهي رهيو.

ٿوهر هيٺان ڊِورَ، ويٺا آهن واٺ تي،
ماٽاريءَ تي مَور، ٺهوڪن ٽوليون ڪري.

ٿوهر هيٺان ٻارَ، رَمن ويٺا رانديون،
جوين مٿان جهارَ، هاريائٽي هڪلي پئي.

ٿوهر هيٺان ٽاڪَ، آيلَ**!** اوٺارين جا،
مٿان پيئي ماڪَ، وَسي وَڏي-ڦُڙي جيان.

ٿوهر هيٺان پيرَ، ڪالهہ ڏِٺا مون ڪيترا،
ڪولهين منجهان ڪير؟ اُٿي اڌ رات جو ويو.

ٿوهر هيٺان ڏيلَ، اچي آري تي ويٺي،
واهيري جي ويلَ، ايندو مور اُڪير مان.

ٿوهر هيٺان لوڪَ، ويٺي ويچاريو هِيئَنَ،
قيد منجهان ڪيئن؟ ڪَڍجي پنهنجيءَ قوم کي.

ڪڍجي پنهنجيءَ قوم کي، هاڻ هِن عذابَ مان،
خيال ۽ خواب مان، جيڪا جاڳي ئي نٿي.

ڪنڌيءَ مٿان ڪانگ، ويٺو ڪان، ڪان ڪري،
هيٺيان ڪارو نانگ، ڦڻ ڪڍيو ڦوڪون ڏي.

ڪنڌيءَ هيٺان ڪُونج، راتوڪي رهجي وَئي،
گهايل جنهن جي گُونج، پُڄي وئي پولارَ ۾.

***

---

- ڪيرت ٻاٻاڻي: هند، سنڌ جو مشهور اديب.
- ويرڻ: پيئڻ بلا
- بشير خان قُريشي: سنڌ جو قومپرست اڳواڻ.

# وائيون/

# گيت

# روايت کان بغاوت ڪندڙ شاعِري..!!

جيڪڏهن انسان پَرتوو الاهي آهي تہ يقينن شاعري انسان جو پرتوو آهي. اهڙي شاعري، جيڪا ضمير ۽ شعور جي لڪيل جُزيرن جي سياحت جو ڪشٽ ئي نہ ٿي ڪٽي، پر سماجي ۽ خارجي مسئلن جي سهي تفهيم ڪري اعليٰ اظهاريت جو حقيقي منصب بہ ماڻي ٿي، ۽ مُنهنجي يار امر ساهڙ جي شاعري نہ رُڳو اُنهي پرک تي پوري لهي ٿي، پر اُن ۾ جيڪو احساساتي وهڪرو ۽ رومانوي عڪس آهن، اُهي پڙهندڙ کي هڪ اهڙي جهان سان آشنا ڪرائين ٿا، جتي هُو خود کي اُنهي شاعريءَ ۾ پسي سگهي ٿو. امر جي شاعريءَ ۾ جيڪا بي ساختگي آهي، اُها سندس دل جي پاتال مان نڪري نروار ٿي آهي. تڏهن تہ اندر جو ڪرب اهڙا استعارا ۽ تشبيهون ڪٽي ظاهر ٿئي ٿو، جو سندس تخليقي جوهر تي پيار ٿو اچي. امر مون کي ڪٿي بہ ابهام جو شڪار نظر نٿو اچي، ڇو تہ سندس اندر جي اُڇل اُنهي آرٽ کي پاڻ ۾ سمائي ٿي ڇڏي، جيڪا فن ۽ فڪر کي بہ پاڻ سان گڏ ڪٽي هلي ٿي تہ ادراڪ جي ڪيترن پيچيدهہ مُونجهارن کي بہ سُلجهائي ٿي، تڏهن تہ سندس وجدان اهي حدون بہ پار ڪري ٿو، جيڪي روايت پرست شاعرن مقرر ڪيون آهن. هِن نہ رڳو روائتي موضوعن کان ئي بغاوت ناهي ڪئي، پر پنهنجا نوان شاعراڻا تجربا بہ اسان اڳيان پيش ڪيا آهن. ۽ اُنهن جي ادبي ڪارج کان بہ انڪار نٿو ڪري سگهجي. ٿر، جيڪو پنهنجي پُوري حسناڪي سان بہ امر جي شاعريءَ ۾ نظر ٿو اچي تہ گڏ هُو ٿر جو سمورو ڪرب ۽ درد بہ اسان کي محسوس ڪرائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. سندس تخليق ۾ اُها سگهہ بہ آهي، جو روح جي گهراين ۾ بہ لهي ٿي وڃي. فرد جي لاشعور جي بہ ترجمان ٿيو پوي. مُنهنجي امر لاءِ بس اها ئي دعا آهي تہ خدا سندس شاعريءَ کي اُبهرن ۽ مٿاڇرن نقادن کان محفوظ رکي.

**فراق هاليپوٽو**

○

ڪَجل ڪاري ريھہَ جيان،
موھي ٿي مون کي،
سُرمئي شام مِٽيءَ جي.
سَورجَ لامُن مان لاھي،
سوھي ٿي مون کي،
سُرمئي شام مِٽيءَ جي.
ڳوڙھا ميڙي ڳلن تان،
ڳوھي ٿي مون کي،
سُرمئي شام مِٽيءَ جي.
ڇوليءَ وانگر ڇُلڪائي،
ڇوھي ٿي مون کي،
سُرمئي شام مِٽيءَ جي.
رَھہُ اڄوڪي رات **امرَ**
ڏوھي ٿي مون کي،
سُرمئي شام مِٽيءَ جي.

***

گهر ٺياريءَ گهاٽ تي،
روز اچي ٿي ريٻارڻ.
ٻُجهي چڙ تہ ٻُجهارت ڪا،
ٻِولڙ اُوچي ٻاٽ تي،
روز اچي ٿي ريٻارڻ.
گڏ پتيءَ سان گُوار ڪيڻ لئہ،
صُبح سويرِي **ساٽ** تي،
روز اچي ٿي ريٻارڻ.
سامَهون سارين ڪيٽ مان،
**جوئڻ** ڪنهن کي جاٽ تي؟
روز اچي ٿي ريٻارڻ.
ڏرتتيءَ جو دلا لاهي،
ويهڻ ڪنهن لئہ واٽ تي؟
روز اچي ٿي ريٻارڻ.
نازڪ پنڇي نينهِن جا،
ٺاهِڻ هاريءَ - **ٿاٽ** تي،
روز اچي ٿي ريٻارڻ.

***

ساٽ: ماڪ پوڙ سان تيل پوسَل.
جوئڻ: ڏسڻ/جانچڻ.
ٿاٽ: اڪ ءِ ڪَپ مان ٺهيل نوڙ، جنهن سان ٽڪاءُ ڪري هاري پکي اُڏائيندا آهن.

○

ساجن! تُنھنجي سار،
آئي آڌيءَ رات جو.
پُوئي ڪنھن لئہ پيار مان،
ھُوءَ گُلن جا ھار،
آئي آڌيءَ رات جو.
خُوشبوءَ جي چڙ ڪوھہ تان،
وينگس ڏوئي وار،
آئي آڌيءَ رات جو.
گھيري ھُن ڪي گھاٽ تي،
چانڊوڪي چوڌار،
آئي آڌيءَ رات جو.

***

○

گھايا تنهنجيءَ گھُور،
ٻيرو ڪيئي ٻوٽ جا.
ويهي ھُن جي واٽ تي،
روز پچائن پور،
ٻيرو ڪيئي ٻوٽ جا.
ڏاري وجھندا ڏاڍ ڪي،
ھِي جي **ھانسي** تُور،
ٻيرو ڪيئي ٻوٽ جا.
لوڏي ڏُور لنگھائيندا،
سنڌ وطن جا سُور،
ٻيرو ڪيئي ٻوٽ جا.

***

ھانسَو سودو: جنهن خلجيءَ جي خلاف دودي سومري سان گڏجي وطن جي وقار لئہ ويڙھہ ۾ سِرُ ڏيئي سَرھو ٿيو.

○

ناسي نيڻن مان،
هڪڙو جام اجان،
اوتي ڏي تون پيار جو.
ترسي تو وٽ راتڙي،
ٿورو ٽڪ پَيان،
هڪڙو جام اجان،
اوتي ڏي تون پيار جو.
سڌ سان گڏ ئي سانورا!
پيرين پنڌ پُڄان،
هڪڙو جام اجان،
اوتي ڏي تون پيار جو.
لُڙڪن جي برسات ۾،
بيٺي روز پِڄان،
هڪڙو جام اجان،
اوتي ڏي تون پيار جو.
سَندئي سار سَميٽيو،
وِڪري هُوند وڃان،
هڪڙو جام اجان،
اوتي ڏي تون پيار جو.

***

○

ڪيئي ڇورا ڇيڳرا،
تُنهنجي ئي تاڙ ۾،
ويٺا آهن واٽ تي.
آيل آڏيگام جا،
لاهيارا لاڙ ۾،
ويٺا آهن واٽ تي.
سوچي ڪر تون شاعري،
شاعر ڪي ساڙ ۾،
ويٺا آهن واٽ تي.
گهُم نہ گهُور انڌيري ۾،
ٻانڊا اٽي ٻاڙ ۾،
ويٺا آهن واٽ تي.
اجان بہ ڪيئي **ڪاپڙي**،
پارڪر جي پاڙ ۾،
ويٺا آهن واٽ تي.

***

آڏيگام: پارڪر جو پُراڻو ڳوٺ
ڪاپڙِي خان ڪوسو: ننگرپارڪر جو دلير ماڻهو

○

**ڪيسين ٿيندا ڪيسَ،**
**ڏوليا! پنهنجي ڏاٿ ۾.**
**ڦِرن پيا ٿي فرشتا،**
**اڄڪلهہ جا ابليسَ،**
**ڏوليا! پنهنجي ڏاٿ ۾.**
**رضاڪارن جي روپَ ۾،**
**آهن ڪوڙ خبيسَ،**
**ڏوليا! پنهنجي ڏاٿ ۾.**
**مُون لئہ مُنهنجي قوم ۾،**
**ڪو نہ هُياڪي جيسَ،**
**ڏوليا! پنهنجي ڏاٿ ۾.**

***

○

ياد پيا يار اٺا،
ڳڻتيون، ڳار اٺا،
ٻاٽ انڌاريءَ رات ۾.

سوجهاڪي جي ساک جون،
ڳالهيون ڪر ڳوناٽا!
ٻاٽ انڌاريءَ رات ۾.

ڪنهن سان ڪَنديڻ ڪاڪ تي،
مومل! هاڻ ماٽا؟
ٻاٽ انڌاريءَ رات ۾.

ڪنجريءَ جي ڪينجهر تي،
ٽِڪُون جڻ ٽانڊاٽا،
ٻاٽ انڌاريءَ رات ۾.

مُڪ هٽن ٽا ماٺ ڪي،
ٻاپيهن ٻولاٽا،
ٻاٽ انڌاريءَ رات ۾.

وڏيرن جئين وِڦلن ٽا،
پنهنجا درد پُراٽا،
ٻاٽ انڌاريءَ رات ۾.

***

ڪيئي ڪاليداس،
**روحَل!** تنهنجي راڄَ ۾.
بيت **حليم باغيءَ** جا،
وطن سندو وشواس،
روحَل! تنهنجي راڄَ ۾.
ھُو جي **حاجي ساند** آ،
اُجرو چڻ احساس،
روحَل! تنهنجي راڄَ ۾.
**ماما جُمن** مانِڪي جو،
وَنڊي وينو واس،
روحَل! تنهنجي راڄَ ۾.
ڀوڳ ڪاڪي **ڀلوءَ** جا،
آهن هيل اُداس،
روحَل! تنهنجي راڄَ ۾.
هرڪو ايندو هيجَ مان،
عام هُجي يا خاص،
روحَل! تنهنجي راڄَ ۾.

***

---

- **روحل فقير: سنڌ جو ڪلاسيڪل شاعر**
- **حليم باغي: سنڌ جو سرواڻ شاعر**
- **حاجي ساند: جديد سنڌ جو سُريلو شاعر**
- **ماما جُمن: سنڌ جو قومي ڪارڪن ۽ ڪلاڪار**
- **ڀلو فقير: لوڪ ڏاهپ جو ڄاڻو ۽ سگهڙ**

○

تارا، تارا رات الا او!
تارا، تارا رات.
ڪوئل ڪوڪي ڪا ڳائي ٿي،
جُونجهَڪِڙي جو جاڳائي ٿي،
ساري ڪائنات الا وو!
تارا، تارا رات.
چڙهندو آهين منهنجيءَ چت تي،
جنهن پل ويهي گهرَ جي ڇت تي،
ڪانگ لنوي ڪو لات الا وو!
تارا، تارا رات.
وڇڙي جيڪا سڪين مان آ،
اُن جي جاري اکين مان آ،
لُڙڪن جي برسات الا وو!
تارا، تارا رات.

***

○

گوري، گوري، گوري ووا!
ڇير وڄائي ڇوري ووا!

شھر سڄي کي ساڙين ٿِي،
تون بہ تہ ڪنھن کي تاڙين ٿِي،
ڇوري، ڇوري، ڇوري ووا!
ڇير وڄائي ڇوري ووا!

آڌيءَ ٽاٽي روز اچي،
ڏي ٿي ھُن کي ننڊ مِٺي،
لوري، لوري، لوري ووا!
ڇير وڄائي ڇوري ووا!

حُسن پري ڪنھن حُور مٿان،
ھُن جي ھڪڙي گهُور مٿان،
گھٽن حياتي گھوري ووا!
ڇير وڄائي ڇوري ووا!

***

مؤلا! مينهُن وَسائي ٿر تي،
جيون رنگ رَچائي ٿر تي.

هاءِ اُجارو صحرا سارو،
وقت وَجي ٿو ٿي وڏجارو،
تنهَن کي کو ترسائي ٿر تي،
مؤلا! مينهُن وَسائي ٿر تي.

سيمَ سُکي ٿي ٿوٽ الا ڙي!
ٻاٽ مٿي هر ٻوٽ الا ڙي!
موت وِيو مُرجهائي ٿر تي،
مؤلا! مينهُن وَسائي ٿر تي.

پَن، ڇَڻ رُت جو پهرو آهي،
غم اڳي کان گِهرو آهي،
جيءُ پيو گهٻرائي ٿر تي،
مؤلا! مينهُن وَسائي ٿر تي.

صادق جهڙي راڳيءَ کان پو،
کير پيلا چئو! پاڳيءَ کان پو،
گيتن کي گرمائي ٿر تي،
مؤلا! مينهُن وَسائي ٿر تي.

واريءَ جي واچُوڙي جهڙي،
مُند ڏسي ماچُوڙي جهڙي،
سانجهہ پئي شرمائي ٿر تي،
مؤلا! مينهُن وَسائي ٿر تي.
جيون رنگ رچائي ٿر تي.

***

○

او هارياڻي! او هارياڻي!
هِن ديس مِٺي جي هارياڻي!

اُس ۾ جهار اُڏائين ويٺي،
وِڪريل وار، اُڏائين ويٺي،
ڄَڙ تہ ڄمار اُڏائين ويٺي،
او هارياڻي! او هارياڻي!

روز خوشيءَ مان ڪيٽ لُٽين ٿي،
ٻنيون، ٻارا ٻيٽ لُٽين ٿي،
ٻُونءَ سڄيءَ لئہ ٻيٽ لُٽين ٿي،
او هارياڻي! او هارياڻي!

رت جو ڏين ٿي ريج ٻنيءَ کي،
حد کان زياده هيجُ ٻنيءَ کي،
ڏيندي آهي ڏيجُ ٻنيءَ کي،
او هارياڻي! او هارياڻي!

گرميءَ ۾ ٻي گاھہ ڪٻين ٿي،
لاٻارا ۽ لاھہ ڪٻين ٿي،
شُوڪاري سان ساھہ ڪٻين ٿي،
او هارياڻي! او هارياڻي!

وَر سان حال ونڊيندي آهين،
چوڙي وار ڇنڊيندي آهين،
سارو جڳ مَنڊيندي آهين،
او هارياڻي! او هارياڻي!
هِن ديس مِٺي جي هارياڻي!

***

○

ھيءَ جيڪا سنڌياڻي آھي،
سائي ديس ڌڄاڻي آھي.

آرٿُ ھلائي اُنَ ڪَتي ٿي،
تارن جھڙا تُن ڪتي ٿي،
ڌرتيءَ جي جڻ ڌُن ڪتي ٿي،
اھڙي سُگھڙ سِياڻي آھي.

ڇَڄَ ۾ ويٺي اَنُ ڇڙي ٿي،
ماڻھوءَ جو جڻ مَنُ ڇڙي ٿي،
واسُ ڇڙي ٿي، وَنُ ڇڙي ٿي،
جڻ ڪا رات جي راڻي آھي.

ٻيتِ آڏي ٿي، ٻور ڪري ٿي،
ٻَيرُون چُوندي ٻيٽ ٻَري ٿي،
جنڊ منڊي جڻ ڏُک ڏري ٿي،
اُن جي عجب ڪھاڻي آھي.

***

# غزل

# پنهنجي دُنيا ۾ مگن هڪ ملنگ ماڻهو

موجوده سنڌي شاعري تي نظر وجهبي ته اڻ ڄاڻ، ڄاڻو ۽ بي سمجهه شاعرن جي گهڻائي نظر ايندي، حقيقي تخليقي شاعر آڱرين تي ڳڻڻ جيترا مَس ملندا. آئون امر ساهڙ کي اُنهن آڱرين تي ڳڻجندڙ حقيقي، تخليقي شاعرن مان هڪ سمجهان ٿو. امر ساهڙ جي پيار جي پورهئي کي پڙهي محسوس ٿئي ٿو ته سندس شاعري سنڌ جي سُورن جي ڪٿا به آهي ته ٿر جي درد جي ڪهاڻي به، ۽ ايشيا کنڊ جي گهائن جو نوحو به آهي. امر جي شاعري محبوب جي مُرڪ ۽ سُونهن جي ساراهه جا ڏُک به پيري ٿي ته پاڙي تي ڌرتيءَ دشمن ڌارين جا بوٽ چٽيندڙ ويڪائو سياسي سيٺين تي لعنت به وجهي ٿي. امر جي شاعري پيار جي پهرينءَ چُميءَ جهڙي يادگار، ٿر جي چانڊوڪيءَ رات جهڙي خوبصورت به آهي ته ڪارونجهر جي مور جي رڙ جيترو گهرو درد به رکي ٿي. امر جا سانوڻ جي برسات جهڙا وڻندڙ خيال سندس شاعري جي وڏ پاڳي وينگس جو اُهو لباس آهن، جيڪي دورِ عهد جي عڪاسي ڪن ٿا. امر جي شاعريءَ ۾ روپلي ڪولهيءَ جو روح به آهي ته سندس شاعري آزادي جي سيني جيڏي دل به رکي ٿي. امر پنهنجي شاعِريءَ جيان عام زندگيءَ ۾ به سادو، سودو ۽ سخي مرد آهي. ڪيس نه زماني جي خدائن جو ماڻهو سڏائڻ جو شوق آهي، نه وري ڪنهن راشي ڪاموري جا بوٽ پالش ڪري ڪا رعايت وٺڻ جي تمنا آهي. پنهنجي دُنيا ۾ مگن هِي ملنگ ماڻهو پگهار حلال ڪرڻ ڪانپوءِ شاعريءَ جي ”سنڌ راڻي“ وٽ پناهه وٺي ٿو. پنهنجا احساس ۽ جذبا لفظن جي مالهائن ۾ پُوئي سنڌي شاعريءَ کي بيت، وايون، غزل ۽ نظمن جا نڪور گُلدستا ارپيندو رهي ٿو. امر جيڪڏهن مُطالعي ۽ مُشاهدي جي چيچ اجا به مظبوطيءَ سان جهلي ته سنڌي شاعري کيس هميشه جيئرو رکندي.

**ايا ز رضوي**

○

مون ۾ پاڻ اُتاري آئينءَ،
هڪڙي لهر اُٿاري آئينءَ.

ياڪُر، بوسو خرچي ڏيئي،
دل جو درد ڏُتاري آئينءَ.

ايئن لڳي ٿو اندلٽ کان تون،
سپئي رنگ اُڏاري آئينءَ.

پوءِ پَٽيءَ جي پارت ڪهڙي؟
الف لام اُچاري آئينءَ.

ڪالهہ ڪنڌيءَ تان وڻجاري ڪي،
ڪيڏو ڏور اُڪاري آئينءَ.

جيون- ڪيٽيءَ مان جوين جا،
تِتر تيز اُڏاري آئينءَ.

مُنهنجي گهُور انڌيري گهر ڪي،
آئين نيٺ اُجاري آئينءَ.

ڳوٺ اجان سو ڳهريل آهي،
جنهن ۾ رات گُذاري آئينءَ.

نرم نِگاهُن جي بستر تي،
سارو شهر سُمهاري آئينءَ.

***

جَوانيءَ جاڳ جهڙي ڇوڪري،
اُلا ءِ آڳ جهڙي ڇوڪري.

وڏيرن جو وَٺي چڙ ڪاچ ٿي،
سَرينهَن جي ساڳ جهڙي ڇوڪري.

جَهلي ڪنهن ڪان بہ جَهلجي ڪا نہ ٿي،
وَڇيريءَ واڳ جهڙي ڇوڪري.

وَٽن جا وار ڦِلهوري وَٺي،
هَوا ڇُڙواڳ جهڙي ڇوڪري.

ڇڏي ٿي ساز ڇيڙي سوچَ جا،
پَهاڙي راڳ جهڙي ڇوڪري.

اسان تي آرَ جا ڪي وارَ ڪر،
چري ڪنهن ڇاڳ جهڙي ڇوڪري.

اسان لئہ آشياني جيئن آ،
مِٽيءَ جي ماڳ جهڙي ڇوڪري.

سَڙي ٿي آسَ جي اُس ۾ پئي،
پٽُن جي پاڳ جهڙي ڇوڪري.

***

○

ڪري وَٺُ تون جيڪي ڪرين ڪاروايون،
اسان پاڻ ڏُوجي ڪنيون دلرُبايون.

اِها ماٺ معنيٰ رکي ٿي زمانا!
آسان ڏات ويٺا اڏيءَ تي آرايون.

پري توکان پنهنجي سَري جي سگهي ها،
وجي هيڪلايون وري آزمايون.

وِلهي وقت آچي اسان کي عياشي،
کٽي خواب اوڏر ڪنڌي تي ڪپايون.

اوهان يار! سوچيو: ڀوي ڪو نہ گهاٽو،
اسان عاشقيءَ مان ڪُڄاڙو ڪمايون؟

اسان راند رهندي هُيون ڪِٿ وڃايون،
اُهي يادگيريون وري هٿ نہ آيون!

عُمر وئي اُڳاڙي اُترَ ۾ جواني،
ڪِجون هاڻ ڪنهن کي، ڪُها رت ڪِجايون؟

اوهان شوق شاهي، ڪيو بادشاهي،
اسان وڻ فقيري وجي ٿا وسايون.

هِتان ياڳ! پيرو پڇي وين سويرو،
آسان جي آجهي ۾ سُمهاري سُڄايون.

ٻٽي ڪوس پيهر پري ڏي پٽائي!
اسان پياس پنهنجي ازل جي اُجهايون.

***

نيڻ جيڪي نَشائي هُيا،
پاڻ لئہ پارسائي هُيا.

ڳل-ڳراٽي، چُمي چاھ مان،
نينهن جي رُونمائي هُيا.

ڏات مون تي وَئي وار جي،
ديس جا درد داعِي هُيا.

سڀ نظارا، نِگاهُون نشا،
خوبصورت خُدائي هُيا.

سُونهَن تنهنجيءَ سندا سوجهرا،
رُوح لئہ روشنائي هُيا.

ڏينهن ڪوئِل سنديءَ ڪُوڪَ جا،
باغ جي بادشاهِي هُيا.

عشق! تنهنجي عِنايت هُئي،
سُور مون وٽ سَوائي هُيا.

قؤل تي جي نہ قائم رهيا،
مرد ماڻهو، نہ مائِي هُيا.

لاڙ ڪينجھر، ڪلاچي ڪَڇو،
حَسنَ جا حال پيائي هُيا.

درد جنھن ۾ نہ هو ديس جو،
شعر سي ڏوڙ، ڇائِي هُيا.

پيلجي سڀ وسيلا ويا،
وطن جا چور واهي هُيا.

وار هُن جا وراڻي جيان،
نيڻ چڻ سندس وائِي هُيا.

سنڌ جي سانوڻِيءَ آءَجَ جي،
گيت لاڙي گواهِي هُيا.

آجپي جا ڏِٺل خواب ئي،
عُمر جي ڪُل ڪمائِي هُيا.

تلخ تاريخ جا تجربا،
آزمائش اجائي هُيا.

ڪو زمين تي نشان ڪو نہ هو،
حادثا چڻ هوائي هُيا.

سامراجي پٽو سنڌ سان،
توڙ تائين توائي هُيا.

ڏُوڙ ۾ دفن تي سڀ ويا،
فِيڪ فرمان روائي هُيا.

***

○

رنگَ ھوليءَ رات جي، ھر چيز کي،
ڳوٺ پرسان ڳاٺ تي ڏوتو پئي.

ماڪ جي پوشاڪ پائي پاڻ کي،
سامروٽيءَ ساٿ تي ڏوتو پئي.

ڇاڇري کي ڇينٽ وانگر ڇوڪريءَ،
ڊوليي لئہ ڊاٿ تي ڏوتو پئي.

ھر ڏسا ھُبڪار آھي ٿي ويئي،
بُت جوانيءَ جاٺ تي ڏوتو پئي.

ڪنھن لڄاريءَ لوڪ ساري ڪان لڪي،
درد ڏوڀيءَ گھاٽ تي ڏوتو پئي.

بوسڪي جھڙو بدن ڪنھن بانورو،
چانڊنيءَ چمڪاٽ تي ڏوتو پئي.

وار ڪُليل واءُ ۾ وکريا پئي،
وائلو ھُن واٽ تي ڏوتو پئي.

***

○

اڪيلو، اڪيلو، اڳڻ،
ڏڪيءَ ڪي ڏنگي ٿو ڏڪڻ!

تنها ٿو بنا راتيون،
ڪٽي ڪير سگهندو سڄڻ!

ڪنڌيءَ ڪاسبي جيءَ مٿان،
نچي ٿو پيو نينهن ڄڻ!

ٿهُوڪا ٻُڌي مور جا،
اچي ڍيل ڊوڙي مچڻ!

ٻَجي ڪيستائين پيالا؟
حياتيءَ سندو هي هرڻ!

اڙي رات تارن ڀري!
ننگر ڏي نِگاهُون تہ ڪڻ!

چٽي چاندنيءَ ۾ آمر!
ونگي جو وٽي ٿو پتڻ؟

***

○

ڪاري رات ڪميڻيءَ پويان،
ڏنئورو ڏينهن ڏِسان ٿو آئون.

توکي کھڙي کل زمانا!
جڳ ۾ ڪيئن جيئان ٿو آئون.

ڌرتي لاءِ لباس جيان هِن،
جيڪي گيت لِکان ٿو آئون.

ڦورُوئن جي فرمانن کي،
قطعي ڪو نہ مڃان ٿو آئون.

هُن جا ويڻ حياتيءَ جھڙا،
پاڻيءَ جيئن پيان ٿو آئون.

ڏيهہ سڄي جو ڏوهي آهيان،
خود تسليم ڪيان ٿو آئون.

گُوندر مون ۾ گوُنج ڪڍن ٿا،
ٿر جو ٿاڪ ٿيان ٿو آئون.

***

○

گهوڙا ڙي! هڪ گهوٽ مري ويو!
ماڻهو ڪو اڻ موٽ مري ويو!

تهذيب سڄيءَ کي تيلي ڏيئي،
ڳاٽ مٿي هڪ ڳوٺ مري ويو!

ٿٿڪي، ٿٿڪي ٿوٽ پاٽ مٿي،
آڏيءَ جو اڏڙوٽ مري ويو!

رات ننگي سر نچندي، نچندي،
ناچوءَ مُٺ ۾ نوٽ مري ويو!

جنهن جي ٿاريءَ تي ثرياسين،
هاءِ! اُهو آخروٽ مري ويو!

انصاف مُلان کان مرغُوب ٿيو،
هڪڙو ڪارو ڪوٽ مري ويو.

***

(صادق فقير جي مرتيي تي لکيل) -

○

وقت جي سينڌ جا وار ويڙهي وَٺان،
راهہ روشن ڪري، رات ريڙهي وَٺان!

پوءِ يڪجا ٿيون يا تہ وِڪري وڃون،
پل گهڙي ئي سهي، پاڻ ميڙي وٺان!

نَينهن جون جو نمازون قضا ٿو ڪري،
ڪاش! اُن ڪُفر سان جنگ جهيڙي وَٺان!

وَڏ - وَزارت وٺي پو وڏيري چيو:
“ڏاڻ ڪُوسي ڪري، ڏند ٽيڙي وَٺان!”

روپ ڏاري وري روپلو ڪو اچي،
خاڪ بي باڪ جا ڪيٽ ڪيڙي وَٺان.

ڍاڻ ڪي ماڻ ٿي روز ماري مِيان!
ڇير سان ڇاڇرو ڇڏ تہ ڇيڙي وَٺان.

***

○

وَسي ٿي چاندني پٽَ تي،
نَچي ٿي شاعِري سٿ تي.

سجي ٿي سُرخ ويئي آ،
ڏِني ٿس ڪنهن مِٽي مِٽ تي؟

وجي ٿي ويڙهجي وَرَ سان،
ڪِنوَڻ جي ڪينچلي ڪِٽ تي.

سِبي ٿي عشق جا تارا،
عُمر جي ٻانڊڻي ٻٽِ تي.

هلي ٿا چين ڪي ڳوليون،
پيتائي گهوٽ جي پٽ تي.

پکيڙي پيار ٿي پيئي،
چَپن ذريعي چُميءَ چٽ تي.

اسين آمين چونداسين،
پرين! تُنهنجي ڏنل پٽَ تي.

***

○

اوھان جي شھر ۾ آھيون،
لڳي ٿو لھر ۾ آھيون.

پِلي ڏس آزمائي تون،
وزن ۽ بحر ۾ آھيون.

جڏھن ڪان تو ڪيو جادو،
اڃان اُن سحر ۾ آھيون.

حياتي! ھاڻ ڇڏ ڪيتا،
پڇاڙيءَ پھر ۾ آھيون.

پڏون ٿا پيا، ترون ٿا پيا،
نِگاھُن – نھر ۾ آھيون.

ڪَڙي رَسُول ڪنان ڪَوڙي،
زماني زھر ۾ آھيون.

نڪو اوھي نڪو واھي،
ڪجي ڇا قھر ۾ آھيون.

پڇن ٿا پيير واري تي،
ڏڪن جي ڏھر ۾ آھيون.

گھِٽي تُنھنجي منجھان گُذري،
ڳِڳَاٽيا ڳھر ۾ آھيون.

***

○

شهر سارو لڏي ويو آهي،
يادگيريون ڇڏي ويو آهي.

پاڻ پوکي گُلاب چاهت جا،
پاڻ ئي پو ٽڏي ويو آهي.

ڏيهہ کي جنهن ڏني جواني هُئي،
ڪير اُن جي تڏي ويو آهي؟

هر خوشي پاڻ سان ٻُهاري هُو،
غم مون سان گڏي ويو آهي.

شاعريءَ جا سوين چامشورا،
عشق مون ۾ اڏي ويو آهي.

عشق وارن اکين ۔ اشارن سان،
شخص هڪڙو سڏي ويو آهي.

***

○

اوڏڻ وانگر عشق اسان کي،
اوساريون ڏئي اڏيو آهي.

پاڻ هکل سان پهتا آهيون،
سنڌ جڏهن پيي سڏيو آهي.

جهوڪ سڄي غمگين لڳي ٿي،
لاڙ منجهان کو لڏيو آهي.

سمنڊ ڪناري خواب ملاح جو،
چوليءَ اُڇلي چڏيو آهي.

آءُ ته گڏجي اوٺو راڳيون،
گارو محبت گڏيو آهي.

***

○

هوا ۾ هيل هر پاسي رُڳو تنهنجو هُڳاءُ آهي،
گهِٽي هر گام تُنهنجي جي، گُلِ لالا! گواهہ آهي.

اسان جو آرُ پيلوءَ جيئن پَچي آخر ڇِٽي ويندو،
اوهان جي ڪو نہ ڇو آئي؟ اجا ڇُونبڙ نِگاهہ آهي.

سَنجي شمشير نيڻن جا، ڪَشي آبرو اُلاري پو،
گهٽائون گهُور سان گهايل، ڪرڻ گوريَ گُناهہ آهي.

اُماوَس رات آڌيءَ جو، ڪِڙيو جو ڪير-ٿر تي آ،
سَمبارا! سينڌ تنهنجيءَ جي، ستارن جو شُعاع آهي.

نڪو ٻڪرال جو ٻَهڪو، نہ ڪوئي چنڊ جو چمڪو،
ڪنيو ٿئي ڪِلِ تان پردو اُنهي جو ئي اُهاءُ آهي.

زماني جي خُدائن جو اسان کي خوف ڪونهي ڪو،
حياتيءَ کي اگر حاصل، پرين! تنهنجي پَناهہ آهي.

***

○

هِرک هٿڙن تي حِنا، ڏاڍي وَٽي،
مُرڪندي ماهِ لَقاَ، ڏاڍي وَٽي.

نينهَن تُنهنجي جا نشا آئي کٽي،
بي چَئي بادِ صَبا، ڏاڍي وٽي.

بَدن تُنهنجي جيءَ ڍنل خوشبوءَ ۾،
ڄامشوري جي هَوا ڏاڍي وٽي.

رات ڳائي ريگزارن تي پئي،
شاعِري تُنهنجي وَفا! ڏاڍي وٽي.

روپ پيئي ٿي پَسائي پاڻ جا،
آرسيءَ جي هر ادا ڏاڍي وٽي.

***

○

ڏاڍي ڏور ٿيندي ٿي وڃي،
ڪيڏي ڪنور ٿيندي ٿي وڃي.

شايد انجام تي چاهي تڏهن،
ايڏي پرپُور ٿيندي ٿي وڃي.

آرسيءَ جيان هر ڪا آرزو،
چڪنا چُور ٿيندي ٿي وڃي.

روشنيءَ جا رنگ اُجاريو دوستو!
اونداهہ گهور ٿيندي ٿي وڃي.

گهُنڊ وجهي گهُوري ئي نٿي.
اهڙي اڪَ-پور ٿيندي ٿي وڃي.

زخم پُراڻا ۽ مَرهم مهانگا،
زندگي ناسُور ٿيندي ٿي وڃي.

***

○

رهڻو رين - بسيرو ڪونهي،
هاڻي ڏُور سَويرو ڪونهي.

هاءِ حياتي! تُنهنجي در تي،
ڪنهن بہ پرينءَ جو پيرو ڪونهي.

ڇورين وانگي ڇرڪو ڇو ٿا؟
شاعر آ، سَئو - پيرو ڪونهي.

ٻولڻ ۾ ڪُجهہ ٻاڙو هُوندو،
مَن جو ليڪن ميرو ڪونهي.

پاڻ ڪپائِن وينا سيئي،
واندو ڪو بہ وڏيرو ڪونهي.

آيل! تنهنجي اکڙين جهڙو،
دُنيا ۾ ڪو ديرو ڪونهي.

حُڪم سنڌءِ تي حاضر آهيان،
پُونءِ پڳو مون پيرو ڪونهي.

سيئي لفظ شڪارين جهڙا،
ڳالهين ۾ ڇو ڳيرو ڪونهي؟

پاڻ ڪرين ٿو ماحول ڪِنو،
فطرت وٽ ڪو ڦيرو ڪونهي.

سنڌ سڄي ٿي سهمت جنهن سان،
اهڙو هاڻ اُڏيرو ڪونهي.

***

○

پيچي ۾ پاڇا اچن پيا،
ڇڻ زندهہ لاشا اچن پيا.

چوٽ مِلڻ کان پوءِ نڪاٽي،
ماڻهن جا ماشا اچن پيا.

ڪُرسيءَ جي ڪارڻ ئي ڏُڪندا،
شخص ڇڳا، خاصا اچن پيا.

سنڌ ڏرتيءَ کي ڏاريا سمجهي،
ڇڻ ڪنڌ پتاشا اچن پيا.

نظر تباهي پنهنجيءَ جا آڄُ،
تاريڪ تماشا اچن پيا.

امر! سنڀالي سنڌ جا واسي،
يوميءَ جي ياشا اچن پيا.

***

○

رُت بَسنتي رات گُلن جي،
برسي ٿي برسات گُلن جي.

هِن، هُن هر کنهن سان هڪجهڙا،
ذات نہ ڪائي پات گُلن جي.

ساري رات سُتا ئي ناهن،
باک ڪري ٿي بات گُلن جي.

تاريءَ مان ٽُٽڻ ڪان پو پيي،
مُور نہ ٿيندي مات گُلن جي.

هر شام هِتان ئي گُذري ٿي،
هُن پيڙي بارات گُلن جي.

اڄڪلھہ ڪنهن جي اوسيئڙي ۾،
ڇاٽين ويٺي ڇاتِ گُلن جي؟

جڻ تہ پَني تي پوکي آهي،
ڪويءَ ڪائنات گُلن جي.

مور۔ڪَلنگيءَ جهڙي مون ڪي،
ڏنل آهي ڏات گُلن جي.

هر ماڻهوءَ مگيو مال امر!
توکي ليڪن تات گُلن جي.

***

○

هُوءَ چيڪ چِتن کي ڇوڙيندي،
پو پيڙو جڳ جو پوڙيندي.

هُن ڳُونهہ ڪِڍي جي ڪَنجريءَ جي،
پو تاڪا دل جا ٽوڙيندي.

ڪِٿ وقِت ڪٽيندي تنهائي؟
جَي مُنهن اسان کان موڙيندي.

هُوءَ هاڻ حَويلي مان نڪري،
ڪا واٽ وندرجي ووڙيندي.

هُن وٽ آهي هُنر هٿيڪو،
هُوءَ جهوري پيهر جوڙيندي.

ڪيسين سُونهن سفر ۾ رهندي،
ڪِٿ خيما نيٺ تہ کوڙيندي.

هُوءَ جا ڪِليو ڪاٽ هٿي ٿي،
سا نيٺين ـ نَنبَ نِهوڙيندي.

***

- ڳج / ڪنجريءَ ۾ پُٽ بجاءِ ڌاڳن سان قابو ڪرڻ لاءِ ڪونهَن سِببي هُئي.

○

رات، رات کي چوڻو پَوندو،
ڏينھُن، ڏينھُن کي مَڃڻو پَوندو.

پيلَ تہ ڪري ڪو ڪاوڙ سائين!
سَچُ تہ مُنھن تي سَتڻو پَوندو.

ھيءُ تہ توڙيءَ جو توۇ آھي،
آويءَ ۾ پيي پَچڻو پَوندو.

دکَ ۾ ڏات ڏِيئن کي ٻاري،
ساٿ سڄي کي ھلڻو پوندو.

پاڻھي ماڳ نہ مِلندو پيارا!
ڪُجھہ تہ اُنھي لئہ ڪرڻو پوندو.

آزاديءَ جو پنڌ ڏُکيو آ،
پوءِ بہ اُن تي رَمڻو پَوندو.

ڏاڍ اڳيان سِرُ ٽيڪڻ بدران،
ڳاٽ اُچي سان جيئڻو پَوندو.

رَسمن جون اورانگھي راھُون،
نيٺ پرينءَ کي پَسڻو پوندو.

سنڌ جي سينڌ سَنوارڻ خاطر،
رت جو ريجُ بہ ڏيڻو پَوندو.

امر! پلي ڪنھن ٽِپاسَ تي ٽنگجي،
سَچُ سچو ٽي لِکڻو پَوندو.

***

○

دلربا دادِلو يَڪو گُھرجي،
چاهہ ڪو چلولو يَڪو گھُرجي.

جوش جاري رکو جوانيءَ جو،
وطن کي وَلولو يَڪو گھُرجي.

جي هُجي تازگيءَ سندي تمنا،
زندگيءَ زلزلو يَڪو گھرجي.

ڇا ڪبو عارضي سهاري کي،
ٻُونءَ کي ٻَرجهَلو يَڪو گھُرجي.

ڏات سان ڏيهہ کي رکي روشن،
شاعريءَ سِلسلو يَڪو گھُرجي.

مَچڻ مُرجهائجي وجي وِڪري،
حُسن کي حوصلو يَڪو گھُرجي.

ولر کان ڌار ٿي مري ويندي،
ڪُونج کي قافِلو يَڪو گُھرجي.

مورَ جو معاملو جُدا آهي،
ڍيل کي **ڍاڪلو** يَڪو گھُرجي.

اَمن ۽ آشتيءَ سَندي مُنڪر،
فِڪر کان فاصلو يَڪو گُھرجي.

***

---

ڍاڪلو: ٿر جو هڪ ڳوٺ

○

دردن جي دَرڪار اسان ڪي،
گهُرجي ٿو نہ قرار اسان ڪي.

هاڻ سدائين ياد رهي ٿو،
گهر ۽ ڪاروبار اسان ڪي.

جيون صحرا پاڻ مُسافر،
سائڻ! ڏي سهڪار اسان ڪي.

پاڻ خزان ۾ ئي خوش آهيون،
بي چين ڪري نہ بهار اسان ڪي.

روز جيئاري ۽ ماري ٿي،
تُنهنجي نيڻ ـ نِهار اسان ڪي.

***

○

هُوءَ ٿِي خُوشبو خواب وَئي آ،
ننڊ بہ ٿي ناياب وَئي آ.

ٿر ڀاڀيهي جيئن جَواني،
بي حد ٿي بيتاب وَئي آ.

سڀئي ناتا رشتا ٽوڙي،
بند ڪري هر باب وَئي آ.

لال لهوءَ سان لاڙ سموري،
سنڌ ڪري شاداب وَئي آ.

هُن ڪانپوءِ هاڻ اسان کي.
ڏيئي ذات جواب وَئي آ.

سڀئي ڏوهہ اسان کي ڏيئي،
ساڻ ڪٽي ڪي ثواب وَئي آ.

***

○

خيال پاڻ هَرتا اچن پيا.
ٿِي سُونهَن سُندرتا اچن پيا.

سي ئي مون کي موهيندا هِن،
پاڻ ۾ جي پَرتا اچن پيا.

حقدارن کي دُور ڏِکاري،
کُرسيءَ جا کرتا اچن پيا.

سَچ جي ٻُولا ۾ نڪتا سي،
پائيندا امرتا اچن پيا.

زرد پتن جيئن پيلا چهرا،
سَرطان ۾ ورتا اچن پيا.

اي مؤت! اچا کُجهہ مُهلت ڏي،
ڏسِ! جيڏا، سَرتا اچن پيا.

***

○

سِتم نکو ڪا زحمت آهي،
رَنجش تُنهنجي رحمت آهي.

ميت مَتڙ جي مون تي منڙا!
تُنهنجي ڪوڙي تهمت آهي.

هڪ حُسناڪ نگاهہ پرين جي،
مون لاءِ وڏي نعمت آهي.

ڪاڳر جي آڳُر تي ڪڙڪي،
ڪوتائن جي قسمت آهي.

اُوچي شاعر جي نظرن ۾،
انِسانن جي عظمت آهي.

هڪڙي مون سان ويرُ رکي هُوءَ،
جڳ سڄي سان سهمت آهي.

***

○

هينئڙو نہ هار جاني!
ڏونگر کي ڏار جاني!

هُن لاءِ حرصُ مايا،
مون لاءِ گار جاني!

جيڪو ڪريان نہ پورو،
ڪر سو نہ آرُ جاني!

مون کي اُڪير تُنهنجي،
اَچُ نيڻ ٺار جاني!

جيءَ گهُري ٿو امر جو،
گڏ آءُ گهار جاني!

***

○

کِلي کوڙ کاري جَواني،
وَئي مَلهہ ماري جَواني.

هُيو عشق آتش فِشان پر،
وَئي ڏينهُن ناري جَواني.

ڪري ڳُونڌ ڳوڙها، وڇوڙا،
پَئي شؤق پاري جَواني.

جَڙو وقت جو هو وَڇيرو،
وَئي لانگ واري جَواني.

ٻني خُواب ڪُنهبا اسان لئہ،
آچين ها اُڌاري جَواني.

فني خان جي حُڪم هڪڙي،
ڇڏي ڌار ٿاري جَواني.

سڄي سيمَ سُهائي ڪري وَئي،
ٻئي نيڻ ٻاري جَواني.

لڙي شام وانگر لڪن تي،
وَئي جام هاري جَواني.

***

○

هيل وري ديوالي آئي،
خوشين ڪان پر خالي آئي.

مينهَن وُٺي ڪان پو بہ الئہ ڇو؟
هيل نہ ڪا هريالي آئي.

**ليلان!** تنهنجو لاش ڪپائڻ،
قوم ڪري اڪ آلي آئي.

**نازڻ!** تنهنجا نوٽ ڪُتا پو،
ڪو نہ وري ڪا بالي آئي.

پوڙهي وَرَ ڪان ورثي ۾ بس،
وِڌوا ڪي هٿ والي آئي.

زال بہ هُن ڪان مُنهَن متي وَئي،
جنهن پل سندس سالي آئي.

ڊِڪٽيٽر سان ڊِيلَ بدولت،
فيڪ، حڪومت جعلي آئي.

نٿهڻ اُس ۾ سار سڄڻ جي،
ٻڻجي شام جُهڙالي آئي.

***

---

**ليلان:** ڪُنري ويجهو وحشين هٿان مارجي ويل نياڻي.

**نازڻ:** شاعر مير علي نواز ناز.

# چئوسِٽا

گھورن جيئن گھُمي ٿو ليڪن،
دل جو درد درھوڳو ناھي.
ھيلوڪو ھي ھيج چوي ٿو،
پنھنجو پيار پروڪو ناھي.

○

غم خوشيءَ کان گھٽا دوستو!
ھام کھڙي ھٽان دوستو!
ڪيستائين پِلا ڪلا جون،
ڳالھيون مان ڳٽان دوستو!

○

وقت لڳي ٿو واڳھا بارڊر،
جنڙي روز جُدايون آھن.
عرش مٿي تون تنھا ھوندين،
ھيٺ تہ ڪوڙ خُدايون آھن.

○

وينگس ڪارا وار اُڏائي ويٺي،
چڙھ تہ ھوا ۾ چار اُڏائي ويٺي،
ڪلندي، ڪلندي اک جي ڪانياٽيءَ سان،
جوپن وڻ تان جھار اُڏائي ويٺي.

○

پکين سان ڪچھري ڪري ٿي ھوا،
ڪچا ڪن اُنھن جا پري ٿي ھوا.
وٽن تي وچائي رلي رات جي،
ڊِگھي ننڊ گھري ڪري ٿي ھوا.

○

ڪو نہ پڙهيو ڪنهن جوانيءَ جو ڪتاب،
زنگجي ويو زندگانيءَ جو ڪتاب.
عشق جي اسڪول جو آهي نصاب،
حُسن! تنهنجي حُڪمراني جو ڪتاب.

دلبر ڪان دور ٿيو هُوندين،
بي چين ضرور ٿيو هُوندين.
مگر وڇوڙي ڪانپوءِ مِٺا!
ايڏو پُرپُور ٿيو هُوندين.

ايئن نہ ٿيئَي جو اُداس ٿي وڃين،
۽ لُڙڪن جو لباس ٿي وڃين.
ايئن نہ ٿيئَي جو عشق بازي مان ئي،
نااُميد ۽ نِراس ٿي وڃين.

جنهن وقت هوا جي جُهوٽي سان،
ٿو نِم جي وڻ مان ٻُور ڇڻي.
تنهن وقت اچانڪ منهنجي من مان،
ٿو پيارا تنهنجو پُور ڇڻي.

چيائين: ڏي خبر ڏيهہ تنهنجي جي،
چيم: دلرُبا ۽ دلنشين آهي.
چيائين: منجهس ماڻهپو بہ ملي ٿو،
چيم: امن ۽ انسانيت جو امين آهي.

# نظم

# فطرت ۽ مُحبت جي نيچرل رنگن جو شاعر

ٿر، سُهڻي سنڌ جي سُونَهن جو حسين استعارو آهي، ۽ سنڌ جي جن جن شاعرن بہ ٿر جي حُسناڪيءَ کي پنهنجين سِٽن ۾ سمايو آهي، اُنهن شاعرن مان امر ساهڙ پنهنجي ٿهيءَ جو هڪ اهم ۽ سَجيلو شاعر آهي، فطرت ۽ محبت جي مختلف رنگن کي بيساختگي سان نيچرل انداز ۾ پنهنجي غزلن، نظمن، بيتن ۽ واين ۾ سمائيندڙ امر ساهڙ ٿر جي مٽيءَ سان رِلمِل موضوعن، ماڻهن، ڪردارن ۽ واقعن کي ڏاڍي سُهائيندڙ انداز ۾ اظهارڻ تي قدرت رکي ٿو. سندس طويل نظمن ۾ موجود ڪهاڻيپڻو اُنهن نظمن جي اصل هئيتي گهُرجن جو پوراءُ ڪندي نظر اچي ٿو. سادگي ۽ نهٺائپ وري امر ساهڙ جي ذات کان وٺي ذات تائين گڏ، گڏ هلندي سندس سُڃاڻ جو حوالو بڻجي وڃي ٿي. امر ساهڙ گذريل ڇهن ڏهاڪن کان لکندو پيو اچي. لکڻ جي شروعاتي سالن ۾ ئي معياري ادبي مخزنن ۾ ڇپجڻ کان وٺي هِن وقت تائين، سندس دل جي شاعراڻي زمين زرخيز ئي رهندي پئي آئي آهي. تخليقي سفر ۾ مسلسل پنڌ ڪندي امر ساهڙ ڪنهن بہ موڙ تي ورچي ناهي ويٺو. سندس شاعريءَ ۾ اڄ بہ ٿر جي آرهڙ ڏينهن جي تپش محسوس ڪري سگهجي ٿي. امر ساهڙ جو هيل تائين هڪ شاعريءَ جو ڪتاب ۽ هڪ ريڊيو اسِڪرپٽ تي مشتمل نثري ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن، ۽ هي سندس شاعريءَ جو ٻيو ڪتاب آهي. امر ساهڙ، شاعر سان گڏ هڪ سُهڻو نثر نويس پڻ آهي ۽ اِها سندس تخليقي اظهار جي هڪ اظافي خوبي آهي.

امر اقبال

## ”منھنجا گيت گھٽائون ٿيندا“

ڌرتيءَ سان گڏ ڌڙڪي پيئي،
مُنھنجي دل دَرازن جھڙي،
اوڏن جھڙي، رازن جھڙي،
اھڙو ديس اڏڻ ٿي چاھي،
جنھن ۾ ڪو نہ ڪَميڻو ھوندو،
ڪو بہ نہ ڏاڍو، ھيڻو ھُوندو،
ھرڪو پاڻ - وَھڻيو ھُوندو،
ڪو بہ وڏيرو وڏ نہ ھُوندو،
ڌرتيءَ جو ڪو اڌ نہ ھُوندو،
سڀني جا حق ساڳي ھُوندا،
راڄُ ڪندا اُت راڳي ھُوندا،
سڀئي ڌرم سَريڪا ھُوندا،
ڪائي ذات ۽ پات نہ ھُوندي،
ڏات تہ ھُوندي، ڏانءُ بہ ھُوندو،
ھرڻيءَ جھڙو ھانءُ بہ ھُوندو،
ڪوئي ڏَپُ ۽ ڏاءُ نہ ھُوندو،
ڀوتارن جو ڀاءُ نہ ھُوندو،
ڏاڪو توڻي ڏان نہ ھُوندو،
اُن جو ڪو ارمان نہ ھُوندو،

ٻُڪ وِڱھي ڪو پيل نہ مَرندو،
ٻار ٻَري ۾ ڪو بہ نہ ٻَرندو،
ڪا بہ نہ ڳِٽِتي، چِنتا ھُوندي،
جُوءِ ڏيجاٽي جَنتا ھُوندي،
ڪو نہ مُجيري ماري ھُوندو،
ڪو بہ نہ سِرڙيو ھاري ھُوندو،
ڪين مَجوءَ جي مرضي ھَلندي،
ڪير نہ ڪنھنجو قرضي ھوندو،
ماڻھوءَ جو جت مانُ بہ ھُوندو،
دردن جو درمان بہ ھُوندو،
آجو ھر انسان بہ ھُوندو.
ماضي جن جو مُھذب ھُوندو،
آئيندو پيي اُجرو ھُوندو،
ڏنُ بہ ھُوندو، ڏڻ بہ ھُوندو،
وينگي جو ھر وڻ بہ ھُوندو،
روھيڙي جا رنگ بہ ھوندا،
بوڙيندا ۽ چنگ بہ ھوندا،
مور پکيءَ جا ڪيڙا ھُوندا،
ڳيرا بازن پيڙا ھُوندا،
ڪوِئل ھُوندي، ڪُونج بہ ھُوندي،
گھر، گھر جنھن جي گُونج بہ ھُوندي،
خوشبو ھُوندي، ڪيٿ بہ ھُوندا،
چانڊوڪيون ۽ چيٽ بہ ھُوندا،

عشق جتي بي اونو ھُوندو،
کوھن تي ڪي ڪينچل ٿيندا،
جن کي ڪائي جھلَ نہ ھوندي،
ڪا بہ ٻيائي ٽلَ نہ ھُوندي،
ڪو نہ جتي ڪو رائِر ھُوندو،
ھرڪو پنھنجو ميت سڏيندو،
گوڏو، گوڏي ساڻ گڏيندو،
ڳالھين جا ڪي ڳوٺ اڏيندو،
سُرخ سَويرو ظاھر ٿيندو،
ڪاري رات ڪَميڻي ڪُٽندي،
پُونءِ مٿي ڪا ٻاڪ بہ ڦُٽندي،
نيٺ تہ ڏنئورو ڏينھُن بہ ٿيندو،
نِت نڪورو نينھُن بہ ٿيندو،
مُرڪ نہ ڪائي ميري ٿيندي،
نيڻ نہ ڪنھن جا آلا ٿيندا،
ھڙئي ھيجَ حَوالا ٿيندا،
مُنھنجا گيت گھتائون ٿيندا،
نِمَ جي وڻ جون ڇائون ٿيندا،
ڌرتيءَ لاءِ دُعائون ٿيندا.

## ”صحرا مون ۾ ساهہ ڪٽي ٿو“

هيءَ تاريخ پُڇي ٿي توکان،
چڻ ڪا چيخ پُڇي ٿي توکان،
وقت گهُري ٿو وَرندي ڏي تون،
ريت ڪُڏيءَ جي رکشا خاطر،
ڏيهہَ نيڪالي ڏيئي مون کي،
هاڻ اجائي هام هڻين ٿو،
پنهنجي شانَ وڏائيءَ واري،
ڳوٺ سَڄي ۾ ڳالهہ ڳڻين ٿو،
ليڪن جيءَ ۾ جهاتي پائي،
پنهنجو پوتا - ميل ڪري ڏس!
ڪيڏو اتياچار ڪيو تو؟
هڪڙيءَ آبلا ڌيءَ ڪُنواريءَ،
گهر ۾ ويهي عُمر گنوائي،
جنهن جا ويٺي وار اڇا ٿيا،
ٻئيءَ جا ڪهڙا ڪَم ڪچا ٿيا؟
جو بيدرديءَ سان ڪيس ڪٽيي،
اڙڳي پار اُڪاري آئين،
چڻ ڪو بار اُتاري آئين،
گُونگيءَ گانءِ جهڙي ڏِڪري،
جنهن جي مَن مندر ۾ ويهي،

وينا ڪنهن نہ وڃائي ڪڏهين،
جنهن کي ڏيهہَ سڄي ۾ ڏيهي،
جيسُ نہ ڪوئي جُڙيو جيڪو،
تِلڪ لڳائي، سينڌ سَجائي،
مُرڪي جنهن جي مانگ ڀَري ها،
مينهن ـ وساڙن جهڙا تنهن جا،
ٻاروتڻ جا خواب سُهانا،
ڦُٽري ڦُوهہ جواني ان جي،
هڪڙي تُنهنجي حُڪم اُجاڙي،
ڪڙڪي ڇڻ ڪا تيز ڪُهاڙي،
ڏرتيءَ کان هڪ ڏيءَ جُدا ٿي،
هيءَ قيامت ڪيئن خُدا ٿي؟
سُڏڪا سُڏڪا سنڌ سڄي ٿي،
عرش ڪنايون اوڇينگارون،
فرش فضائون، سوڳ صدائون،
وڻ، وڻ وِڇڪيو وقت وِداعُ جي،
فطرت ڦُونڊا، ڦونڊا ٿي پئي،
توکي پر ڪو ترس نہ آيو؟؟!
جڳر سڄي جي جذبن توڙي،
ارمانن جو ايمان ڪري،
ٿانيڪو ٿي وينو آهين،
پنهنجي ڏيءَ پتاشي جهڙي،
ٿر مان ٿوهر جيئن ٿَڏاري،

چؤنريءَ بدران چڪيا چاڙهي،
اُن جي هر هڪ آشا آئين،
گنگا جل ۾ غوطا ڏيئي،
لوڙهي چڻ ڪي لاشا آئين،
ڪاري پاڻيءَ ڪان بہ ڪڙي تون،
سخت سزا چڻ ڏيئي آئين،
تُنهنجي ليکي ڪَچ ۾ آئون،
راجڪُماري راڻي آهيان،
توکي ڪهڙي ڪل پِتا جي!
آئون اپاڳي ڪيئن جيئان ٿي،
پنهنجا ڳوڙها پاڻ پيئان ٿي،
سارو لوڪ سُمهي ٿو ليڪن!
آليءَ ڪاٺيءَ جيئن اڪيلي،
ساري رات سڙان ٿي آئون،
ساسُو مون تي شڪ ڪري ٿي،
ڪُرڪي ٿي ۽ ڪَڪَ ڪري ٿي،
ڏينهن ۾ ڏهہ ڏيهہ پيرا مون کي،
اوچا ويڻ اُگهاڙا ڏي ٿِي،
مون مان ڪيئي مَٺَ پُري ٿي،
شيهي سان چڻ ڦَٽَ ڀري ٿي،
جنهن جي پُٽ مَواليءَ مون کي،
سِگريٽن سان جسم سڄي تي،
ڪيئي پيرا ڏنيَ ڏِنا هِن،

چڻ ڪنھن اُڏتي پنڇيءَ ڪي،
ڪُونڌي اُن جا ڪنپَ ڏِنا هِن،
اُن ڪي ڪيئن پتي چانَ جيڪو،
آملَ نري جو عادي آهي،
جنھن جي جهَرلو هوڏ-وڏائي،
چڻ ڪا وائي بادي آهي،
جنھن وٽ پنھنجو ٿاڪ نہ ڪوئي،
هاڻ رهيو حُسناڪ نہ ڪوئي،
اُن ئي گھر ۾ آئي آهيان،
جيڪو جَر جي فوٽي وانگر،
سگريٽ جي ٺوٺي وانگر،
ائش-ٽريءَ ۾ روز اُجھان ٿي،
تيليءَ وانگر طنز لڳي ٿي،
پيھر پڙڪي آئون ٻَران ٿي،
مون ۾ هڪڙو ديس ڏُلارو،
آئيني جيئن اُجرو آهي،
جنھن ۾ پاڻ پسان ٿي آئون،
نيڻ نديءَ جا مون ۾ مُرڪن،
پتياڻيءَ جا پيڊَ سمورا،
ڪجلاسر جي شام ڪُنواري،
سُرمي جيئن سَجي ٿي مون ۾،
مون ۾ سانگاهہ ڏيندي سدائين،
چُلڪي ٿي ۽ چوڙ ڪري ٿي،

راڻاسر جي تار ترائي،
مون ۾ تِڙڳي توڙ ڪري ٿي،
مون ۾ مور ڪلنگيءَ وارو،
روز نيارو رقص ڪري ٿو،
مون ۾ چارڻ چنگ وَڄائي،
مون ۾ مُرلي نانگ نچائي،
سانوڻ جا سڀ سانگ سَجائي،
مون ۾ ميران ٻائي جي چڻ،
سُرندي جا سڀ ساز وڄن ٿا،
رُوح رڙي ٿو راز وڄن ٿا،
مون ۾ مندر گِرجا گُونجن،
راڌا مون ۾ روز نچي ٿي،
گوپين جهڙا غم ۽ گوندر،
مون سان گڏجي مَتڪُو ڪن ٿا،
سَڏونت جهڙي سِڪ سَمائي،
لاڳاپا ۽ لِڪ سَمائي،
واءُ تکيرا واهُوندي جا،
گهوڙن جيئن گهُمن ٿا مون ۾،
مون ۾ جهوري جهَڪ لڳي ٿي،
مون ۾ تؤڙي تيز ٿئي ٿي،
ڏينهن تندرون جيئن تپن ٿا،
راتيون مون ۾ روز ٺرن ٿيون،
مون ۾ پيلو روز پچن ٿا،

مون ۾ ٻاڙهي مَڪ چٽي ٿي،
مون ۾ ڪِرڙ ڪڪوريل ڪيئي،
مَروي وانگر موريل ڪيئي،
وليون واس وِرهائِن مون ۾،
گھانگھيٽيءَ جا گُل گھٽيرا،
اجرڪ جيئن اچائِن مون ۾،
ٿوهر مون ۾ ٿڪ پچن ٿا،
اڪ ڦُلاريل اڪ پچن ٿا،
لِڪَ لِڪوٽي ڪن ٿا مون ۾،
سارڏڙي جا سارا منظر،
ننگراٽي جا ناسي ڏونگر،
گھرٽياري جا گھاٽ پُراٽا،
انچليسر جا اوساءِ پاسا،
سيئي سيمون سيڙها مون سان،
وارهاڙي ۾ ويڙها مون سان،
پٽ، پٽ مون سان پيڙي پٽڪي،
صحرا مون ۾ ساھہُ ڪٽي ٿو،
حُب وطن جي مون ۾ هِٽڪي،
رتن سنگھہ جي گھوڙيءَ وانگر،
رڻ ڪنڌيءَ تان روز اُڪاري،
مون کي سيما سار وطن جي،
ڪاش! هُجان ها ڪانگ ڪبوتر،
آزاديءَ سان اُڏري آئون،

ڏِيئاريءَ جي ڏينهن اچان ها،
ٿَيج سِرامڻ سکين سان گڏ،
پينگهہ لُڏان ۽ کوڏ کُڏان ها،
گئواڙي جا گس گهُمان ها،
جهولَ جُئان ۽ ڏهر ڏسان ها،
پاٽيارين جا پير پَسان ها،
کوهہ پُراڻو، سيرڻ ساڳي،
هُريو توٽي هيرڻ ساڳي،
ڏيکي ڪيئي ڏينهن لنگهي ويا،
هاءِ الائي ڪيئن لنگهي ويا؟
امراٽي جي اڙينگ جهڙو،
هُو جي اوُچو ڏونگر آهي،
اُن جي اوٽ اجهو ٿي پانيان،
جنهن جي جهوليءَ منجهہ جُڳن کان،
ڪوئي ڪيسوپاءَ رهيو ٿي،
ٻَلوتَ جهڙي ٻَلئي کي جنهن،
لٽ سان لوڏي ڪڍيو ٿر مان،
غيرن جي هِن گهاٽي - گهر مان،
هوليءَ رات هَوائن پيڙي،
هڪڙي ياد اچي ٿي اکڙ،
ويساکيءَ جي ويل آچي ٿي،
راجا واري ريل اچي ٿي،
ماضيءَ جو هڪ منظر ڪٽيو،

ٻاراٽا ۽ ٻٽتيون ٻٽيو،
اکڙيون پرجي ايندڀون آهن،
مُقدر جا هي کيل تماشا،
ليک لکي جا آهن ليڪن،
پنهنجي ڪوڙي انا خاطر،
ڏيءَ سڀڻيءَ کي دوکو ڏيئي،
پٽر جي دل ڏاري آئين،
مون کي جيئري ماري آئين،
ها پر بازي هاري آئين،
ها پر بازي هاري آئين!!

---

(ٽر جي هر اُنهي نياٽيءَ جي درد ڪٿا، جيڪا پنهنجي پَريوار جي ريتن، رسمن جو ٻارڻ بڻجي پَرائي ڏيهہ پَرڻجي وڃي ٿي).

## ”سنڌ ڇڏي ويندڙ شاعر جي نانءُ“

تو تہ چيو هو: ”دل ڄَوي ٿي،
هِن شهر جا سارا رنگ ڇڏي،
موٽي مالٺهور وچان مان“.
ڪاش! ڪرين ها اِيئن پيارا!
پوءِ مياري ڪِيئن ٿِئين ها؟
پر تون پنهنجي ڀُونءِ ڀُلائي،
ورچي، وڃڙي ڏُور هَليو وين،
کهڙو پالي پُور هليو وين،
پَنهنجي پوڙهي ماءُ ڇڏي وين،
گهرو اُن وٽ گهاءُ ڇڏي وين.
پيڻ ڇڏي وين، پاءُ ڇڏي وين،
پيءُ ڇڏي ۽ پاڻ لڏي وين،
کهڙي سنگت ساڻ سَڏي وين؟
ڪارونجهر کي ڪوٽ ڏِئين ها،
امراڻي کي عرض ڪَرين ها،
ننگراڻي کي نينڊ ڏئين ها،
سنڌ سڄي کي سينڌ ڏِئين ها،
پاري ننگر پيرَ ڀَري ها،
لاڙ بہ ليکي جهڙي ناهي،

توکي جي کو تنگ ڪري ها،
جھوڪ اُنھيءَ سان جنگ ڪري ها،
سارو شھر متيءَ جو توسان،
اُن جا رستا، گليون توسان،
وَڻ وڏا ۽ وَليون توسان،
سور اسان ڀي سليون توسان،
غم ڪٽي تون گام اچين ها،
صُبحَ سويلي شام اچين ها،
ڳوٺ ڳراٽي پائي توکي،
ڀاتيءَ وانگر ڀانئي توکي،
آڳيئيءَ تي آڏيءَ تائين،
ڳالھيون توسان ڳوٺ ڪري ها،
آڪاٽيءَ تي اُڀ سڄي جا،
تارا ڪتيون توسان گڏجي،
ڀھراڙيءَ جي ٻارن وانگر،
اِتي ذِڪر راند رَمن ها،
تنھنجيءَ جھوليءَ منجھہ جھُلن ها،
نم ۾ پينگھہ ٻڌي ڪا ٻائي،
توکي لوري لات سُڻائي،
اوٽي تي ڪا عورت ويھي،
تنھنجي لاءِ رُومال ڀري ها،
ڪارڪ جيئن خيال ڀَري ها،
تنھنجو ماضي حال ڀري ها،

جنهن ۾ جهُونو جنڊ ڏسين ها،
ڇَونئري منجهان چنڊ ڏِسين ها،
ڳُونڌڻ ڳُرجي ڳنڍ ڪرين ها،
ڪُريون، ڪوڪڙ، ڪوڪا ڪائي،
ڪبڙ، ڏُوهي ڪي ڏوهي ڏيئي،
پيلُوءَ جهڙا پيار پسين ها،
راڻاسر تي رات لڙيءَ جو،
پوريلي جي باک ڏسي ٿي،
ماٿاريءَ جي پاٿاريءَ تي،
تنهنجا تازا پير پيا هِن،
جن ۾ سارا ٿڪ سُمهاري،
ٿهڪ ٽِڪي پيا، لُڙڪ لڏي ويا،
پويان هڪڙي ياد ڇڏي ويا،
جيڪا ٻُوندَ ٻَڌي جيءَ وانگر،
پُورا نيڻ پِڄائي ويندي،
وڻ ئي يار! وَڄائي ويندي.

# ”پنکيءَ جي پڇ ءَ کي چئجان!!“

ستاويهين ڊسمبر تي،
اُڏندي ڏَنڍ تي آڙي،
پنڊيءَ جي تو بچيءَ تاڙي،
لڳي گولي گهتائن کي،
اُتر جي چڙھ هوائن کي،
ڇيو ٿي چاندنيءَ روئي،
امن ۽ آجپي جا جي،
ڏِٺا هِن ڏيهہ ها سپنا،
وِيا ٿي واٽ تان اغوا،
پرهہ جي پيار جا پنڇي،
اُڏاٽا ڏار تان پڙکي،
پئي چڙھ آسمان مان هُئي،
اچانڪ وِڄُ ڪا ڪڙڪي،
جَهپي ويو باز ڪا جهرڪي،
مري ويا مور موهر جا،
هِنئيان هرڻن سندا ڦاٽا،
ڪري پيا ڏارَ ڪونيٽ جا،
ٽُٽي زيتون جا ٽاري،
وئي اُن باغ کان وڇڙي،
جتي جهُولي هُئي بي.بي،
اُنهي وَڻ جُهور پوڙهي پِي،
ڪئي اج خودڪشي آهي،
رهيو هيرڻ نڪي هُرِيو،
وئي مُرجهائجي ميندي،

سُڪا سُورجَ مُکي سيئي،
وڃايو واسُ مَروي پِي،
جُهريون جهمپير جون ڪجيون،
سَرينهَن ڦُولار پِي سُڏڪي،
رُنا اُن رات روهيڙا،
پِٽن پيتا ڏني پُٽڪي،
سُٽي هُن جي شهادت جو،
هٿن ۾ ٿانوَ پي ٿڙڪيا،
بدن ۾ باهہ جئين پڙڪيا،
سوين شُعلا بغاوت جا،
متي مهراڻ ۾ هلچل،
ٽُٽا آڪاس مان تيڙو،
گهڙيءَ ۾ سنڌ تي گيڙو،
ڏُڀي هُئي ديس جي ڌرتي،
لُڏي هُئي لاڙڪاڻي جي،
قبر هڪڙي قديمي ۾،
پُٽو تڙپي اُٺي ويٺو،
ڏٺائين ڏيهہ جون سيئي،
هُيون مائيون مَزارون پر،
سمورا لاش پي لُڇيا،
الئہ ڇو ڪيئن ٿي ڪُڇيا،
مُٺي مائي هُئي مڪلي،
ڪُراڙي ڍِنڍِ ڪينجهر جي،
تماچي تڙ مٿي تڙپيو،
عنايت جهوڪ ۾ جَليو،
نِدي هُن جامَ ٿي نهاريو،

سنڌوءَ جي ڀي ڪناري ڏي،
جتي جُهونو پيو جاڳي،
بلاول گهوٽ گهاٽي مان،
ڪئي للڪار قاتُل کي،
لٿو سج لاڙ تي ريٽو،
ڀُڏي رت ۾ ويو ڪاڇو،
ڪِري پيو ڪوهہ ڪارونجهر،
رُنو ٿي روپلو ڪولهي،
ڀڄي چُوڙا بديڻي جي،
ڇني هر ڇوڪريءَ ڇڏيا،
ٽِڪون ۾ ٽؤنر ڪنجريءَ جا،
سُمهاري ٻار نيرانا،
ڪري دانگي ڇڏي اُونڌي،
مُٺيءَ هر ماءُ ٿي هُوندي،
ٻڻي نُصرت جيان بيواهہ،
ڏُهاڳڻ ڏيهہَ جي ڌرتي،
سنڌوءَ جي سينڌ پيي اُجڙي،
پُراڻي پڳ ٿِي پُرزا،
سڙي سُورج جيان اجرڪ،
اُجهامي چنڊ ويو اُپ تان،
ستارا رات جا ڇاڻي،
ڪٿا هيءَ ڪير ٿو ڇاڻي؟
پيلا هُن ڪربلا کان اڳ،
وطن کي ويس ڇو آهي؟
مِٺا! هِي ماتمي ڪارو،
حُسيني قافلي وانگي،

حياتيءَ تان بہ هٿ ڌوئي،
ويا سڀ وار جي جيڪي،
مِٽيءَ لئہ مارجي جيڪي،
اباڻا شهر اُنهن جا،
اڙي او لاڙڪاڻا تون!
پنکيءَ جي پيءَ کي چئجان،
سُتي آ ننڊ گهريءَ ۾،
اوهان جي گود ۾ جيڪا،
اسان اُن سنڌ راڻيءَ جي،
ڪٽوريءَ خون مان پوڙي،
ٻئي هٿڙا، مَلي مُک تي،
ڪنئي آ ساک سنڌڙيءَ جي،
ڀِٽائي گهوٽ سان پيڙي،
”پڄاڻان اي پرين! تنهنجي،
ڏجن ڀنڀور کي باهيون“
تِهان پو تند توٻن سان،
هٿين خالي وڙهي واهہ جو،
رَتين پيرين رڙهي واهہ جو،
اُنهي منظر سندي هڪڙي،
ڏٺي جنهن جهلڪ جذباتي،
وٺي تِن کي وَئي ڏڪڻي،
لِڪي ويا لوڪ جي ڊپ ڪان،
سمورا شينهن سَرڪاري.

# ”تو ۾ مهڪ مٽيءَ جي مُرڪي“

تنهنجيءَ ماڙيءَ تي تاڙيءَ مان،
جنهن پيي سُرڪ سَوائي پيتي،
تنهن جو نينهنُ نيارو توسان،
انگل توسان، آرو توسان،
گهنگهور گهٽائن ڪان گهرو،
ساٿ سَجيلو سارو توسان،
توسان موڪيءَ مَٽ سمورا،
حُسناڪين جا هَٿ سمورا،
وڪر وڪامي تو وٽ تازو،
فِڪر فسانا هَڪيا تو وٽ،
نسل نئين جا تڪيا تو وٽ،
هڪڙو دؤر حَوالي توسان،
متقي مست جلالي توسان،
جوڳي توسان، سامي توسان،
هَڙئي شاعر حامي توسان،
ماڻهو، ماڻهو مُتفق توسان،
مُند بہ توتي مشفق آهي،
رُت جي توسان ريسَ نہ ڪائي،
فطرت وٽ ڪو ڦير نہ تولءِ،
ڪا بہ مَدي ۽ مير نہ تولءِ،
جهوني شهر جهمپير مٿان هُو،
جهُور ڪجيءَ مان جهاتي پائي،
چيٽي چنڊ بہ توڪي چاهي،

تارا تُنھنجي تعارف وانگر،
اُتِ سڄي ۾ آويزان ھِن،
سڀ ستارا ساکي تنھنجا،
رِند متارا راکي تنھنجا،
جھَوک جتائي ياري توسان،
سوچ اُنھي جي پاري توسان،
صُوفي مَسلک سارا توسان،
اناالحق جا نعرا توسان،
سَرمد جھڙي سنڌ سموري،
ڳوٺ اپيچند جھڙو تنھنجو،
رڻ سان تنھنجو رشتو ناتو،
صحرا تنھنجو سنگتي آھي،
دريا جو ڌرميلو توسان،
سمنڊ پُراڻو ساٿي تنھنجو،
بلڪِ گھر جو پاتي تنھنجو،
سنڌوءَ جون سڀ لھرون توسان،
ويرون توسان، ڇوليون توسان،
لاھيارين جون لوليون توسان،
ٻاپيھن جون ٻوليون توسان،
ديواليون ۽ ھوليون توسان،
سپئي لوک پروليون توسان،
نوري ڄام تماچي توسان،
رني ڪوٽ ڪلاچي توسان،
ڀُونءِ سموري ڀيڙي توسان،
پيار جي پوکي کيڙي توسان،
سَنَ مان جيڪا سوچ ڦٽي آ،

اُن جي ڇُونڊي ميڙي توسان،
توسان تعلق ڄام ندي جو،
رُوپا ماڙي ڪوٽ وڳهہ جو،
شهر ڀنورو ڀيڙو توسان،
اُن جو هر هڪ ڇيڙو توسان،
مڪلي توسان، منڇر توسان،
عشق نٽي جو انڇر توسان،
راهُوڪي ڀي راضي توسان،
موئِن دڙي جو ماضي توسان،
ماجر تنهنجي ماتر ڀُومي،
ڀاءُ ڀديڻو ڀائي توکي،
لاڙ گلي سان لائي توکي،
ٻڙ جو ڍورو ڀيٽي تنهنجي،
ونگو پتڻ ويٽي تنهنجي،
ٿر سڄي تي ٿورو تنهنجو،
هانسيسر ڪي هورو تنهنجو،
ميهڙ توٽي مورو تنهنجو،
ڏيهہ جهونگاري ڏورو تنهنجو،
وڻ، وڻ تنهنجي وائي آهي،
ڀيڙو شاهہ ڀٽائي آهي،
سچل جي سرمستي توسان،
رُوميءَ وارو رقص بہ توسان،
سيوهاڻي هر شخص بہ توسان،
مستومست قلندر توسان،
مسجد توسان، مندر توسان،
ڪوبہ مذهبي متڀيد نہ تو وٽ،

ڪر سان ڪوئي ڪيڏ نہ تو وٽ،
تو وٽ نوڙت ناسي ڪپڙا،
پائي پاڻ پسائي پئي ٿي،
مُحبت مينهن وَسائي پئي ٿي،
جنهن ۾ وهنجي وار سُڪائن،
ڍوري جا سڀ ڏُوها ڪيڙ،
امراڻي جا اڙينگ ماڻهو،
ننگراڻي جا ناسي ڏونگر،
تنهنجا ڏوڙي پيچي آهن،
روحل واءَ رچايون آهن،
ڪيئي مچ ڪچهريون توسان،
ڪرڙي توسان، ڪاهُڙ توسان،
وسنديون، ويڙها واهُڙ توسان،
تو ۾ مَهڪ مٽيءَ جي مُرڪي،
ساري سِرشٽيءَ جي مُرڪي،
واءُ ڏکڻ جو واقف تنهنجو،
سارو ڏيهہ سُڃاڻي توکي،
تانگهہ وطن جي تاڻي توکي،
مُحبت ويئي ماڻي توکي،
موت ڪندو ڇا هاڻي توکي؟!

---

(سنڌ جو ناميارو ڪهاڻيڪار اديب ۽ محبتي ماڻهو مُحترم سائين رسول بخش درس ڪجھ عرصو اڳم سخت علالت جي حالت ۾ اسپتال داخل ٿيو هو اُن وقت نظم جي صورت ۾ ڪيس پيش ڪيل خراج تحسين)

## "ٻيهر ڪوئي ٻار نہ ڄڻجان...!!

آئون ڪوئي ڪردي ناهيان،
دنيا جو ڪيئن ڏيان چڪايان؟
آءٌ مُسافر پنڇيءَ وانگي،
جنهن جو ڪو بہ ٺڪاڻو ڪونهي،
مُنهنجو ڪهڙو تعارف ماتا!
مُنهنجي ڪا بہ سُڃاڻپ ڪانهي،
آءٌ مِٽيءَ جو رانديڪو هان،
واريءَ تي ڄڻ ليڪو آهيان،
جيڪو واءُ مِٽائي ويندو،
مون وٽ پيلي پينٽ ڪٿي آ؟
مون وٽ سائي شرٽ بہ ناهي،
مُنهنجا پير اُگهاڙا آهن،
مون وٽ ڪوئي بوٽ بہ ڪونهي،
جنهن ۾ ڪو جوراب هُجي ها،
صحرا ڪوئي سمنڊ بہ ڪونهي،
جنهن ۾ ڪو غوراب هُجي ها،

جيڪو مون کي پار اُڪاري،
آيل! آءُ اڪيلو آهيان،
ٻَرندڙ ڪوئي ٻيلو آهيان،
جنهن جي آڳ اُجهائڻ خاطر،
صحرا ۾ تہ سُتي پيي ناهي،
ذرتيءَ تي ڪو راڄ تہ ڇا پر،
مون وٽ پنهنجو پَڌُ بہ ڪونهي،
جنهن تي ڪوئي جهوپو اڏجي،
جنهن مان ڪونہ ڪڏهن پيي لڏجي،
مون کي لوڪ تڙي ٿو تڙ تان،
”يَچ پري ٿي ٿوري ٿريا!
تون ۾ آهي ڍِپ اڏوتا!
پٽيا! تون تہ پليتُ بہ آهين“
مسجد مون تي ممنوع آهي،
مندر ۾ بہ اجازت ڪونهي،
مون سان ڪا بہ رعايت ڪونهي،
دانگيءَ تي ڪو نانءُ بہ ڪونهي،
نانءُ تہ ڇا پر ٿانءُ بہ ڪونهي،
جنهن ۾ پاڻيءَ لپَ پيئان مان،
اِيئن ٻُڌائي ڪيئن جيئان مان؟
آڪَ پُڙي ۾ آچَ پنان ٿو،
ڳِٽتين جا جڻ ڳَچ ڳنان ٿو،
ليڪن مون لئہ مُقدس آهي،

تنهنجي هَنجَ حياتيءَ جهڙي،
جنهن جي ٿج سُڪي وئي ماتا!
تُنهنجي ڪو نہ ٻُڌي ڪنهن داتا،
آيل! ساهہ اُڏارا آڻي،
وينٽي ليٽر تي نہ تڳائي،
مون کي دل سان موڪل ڏي تون،
آئون هلان ٿو هاڻ هِتان کان،
وچن وٺان ٿو هڪڙو توکان،
پيهر ڪوئي ٻار نہ ڄڻجان،
غربت جهڙي گار نہ ڄڻجان،
توکي ڪوئي حاتم طائي،
هڪڙو سير اٽي جو ڏيئي،
اوچا ويڻ اُگهاڙا ڏيندو،
پنهنجي تون تذليل ڪرائي،
ڏرتيءَ جيڏو درد پرائي،
هيئن تماشو ڪيسين ٿيندين،
زندهہ لاشو ڪيسين ٿيندين!!؟

○

تُنھنجو جيون ساوڻ مينھڙا،
مُنھنجو جيون آرھڙ ڏينھڙا.

تُنھنجي دنيا چوڏھينءَ جھڙي،
مُنھنجي دنيا ڏيما ڏِيئڙا.

تُنھنجا سپنا سُندر ساپيان،
مُنھنجا سپنا واريءَ گھرڙا.

تُنھنجو نينھُن تہ برکا رُت جيئن،
مُنھنجو نينھُن تہ پَن چَڻ ڏينھڙا.

تُنھنجو پيارُ تہ ميلَ مِلڻ جا،
مُنھنجو پيارُ تہ آ اوسيئڙا.

تُنھنجا ٽھڪ تہ اندلٺ ريکا،
مُنھنجا ٽھڪ بہ لُڙڪن جھڙا.

***

## ”هليو وين وَرتَ کي ويڙهي“

لَڏين ٿو لاڙ ڏي ليڪن،
ٻُڌاءِ ٻانَهن تُنهنجيءَ کان،
پرين! ايڏو پَري آئون،
دڳين ديدُون ڌري آئون،
اُڏايان ڪانگ مان ڪيسين؟
سڄڻ جي سانگ مان ڪيسين؟
ڇڄي هِتڙي جيئان آئون،
اڪيلي ٿي پيئان آئون،
تنهائي کي تِڪُون ڏيئي،
نِگاهُن جون نِڪُون ڏيئي،
اُجايل جسَم کي آڇي،
مِٺا! هر ياد ماضيءَ جي،
اڇان ٿي ڪُوهہَ تي ڪٽيو،
مگر تون مُندَ کان اڳ ۾،
هَليو وين وَرتَ کي ويڙهي،
هُيان هڪڙي ڇٽي آئون،
ٻُهيلي ڳوٺ جي تڙ تي،
تسي تي تو بنا پاٽي،
مِلي ٿو هاڻ مُشڪل سان،
گهڙي ۾ لَپ گاري جي،
اڇان جيڪا پَري آئون،

اُجهامي اُڃ ڪيئن اُن مان؟
آڪُوڙي ۽ عَجوڙيءَ جي،
ٻنهي ڪي رَبُ ٻاجهَر جي،
ڏِيان پٽڙي رڏي آئون،
مگر معصُوم مَروان ڪي،
ڪَرايان ماٺ سو ڇا تي؟
ڪُني ۾ ڪوپ پاڻيءَ جو،
وجهي جُهڳيو ولوڙيان ٿي،
ڪَجي ڇا قحط ڪاري ۾،
نڪو آ ڏُڌ ڏاچيءَ ۾،
پَنُوڙيءَ پُونَهن پنهنجيءَ ۾،
صفا هڪڙي سُتي ڪونهي،
وَرهہَ ٿيا ڪيس وَهڪيءَ ڪي،
ٿڻن ۾ ٿڃ ڪانهي ڪا،
سُڪي ويئي سَندم ڇاتي،
آڏُوتي سينڌ ۾ آيل!
وجهان ڪيئن وَرَ بنا آئون،
تري ڪا تيل ڪاري جي،
وڏا واسينگ ويڙهڻ لئہ،
ڏُئان ڪيئن دلرُبا آئون،
پُسايل پاٺ ۾ جيڪو،
مٽي جو ميٺ پيو آهي،
لڳي ٿو ريٽ پيو آهي،
انهي ۾ ڪنهن سِڪي جهڙي،
سَنديئي سار ڳولڻ لئہ،
اکين جي پَرڻ سان پيئي،

دڳن جي ڏوڙ ڇاڻيان ٿي،
سڄو ڏينهن سيم مان پٽڪي،
وَروڙي خواب آڻيان ٿي،
گهڙي هڪڙي گهرين ليٽي،
اکين مان اُونگهه کي لوڏي،
اُٿان ٿي روز آڌيءَ جو،
مَنڊي هُن جنڊ جهُوني کي،
پيهان ٿي پُور جوڀن جا،
سوين ناسُور جوڀن جا،
ڇَڙيان ٿي ڇَج ۾ آئون،
ڪَڙيان ٿي گج ۾ آئون،
ٽِڪُن وانگي اُهي ٽاٽا،
اُهي مُرڪون، اُهي ماٽا،
جڏهن ڀي جڳمڳائن ٿا،
تڏهن سَچ پچ سڄڻ سائين!
صفا ڪنهن شرم ٻُوٽيءَ جيئن،
وجان ٿي ويڙهجي آئون،
سنڀاري ساٿ تنهنجي کي،
رُڳو ويٺي رُئان آئون،
ڳچيءَ ۾ ڪنهن ڳهي وانگر،
ڪَرائي ڪانڌ جي ڪونهي،
ٻنهي ٻانهين ٻنا ٻوڪي،
جَواني ڪنهن ڏُهاڳڻ جيئن،
وڃي ٿي ويڻ سان مون کي،
سُتي تو سيڻ سان مون کي،
الائي ڪي زمانا ٿيا!

ٻُڪي هِن پيٽ جي خاطر،
مچان ٿي کوڙ هِن تو وٽ،
سوين ڪارڻ جُدائيءَ جا،
مگر توکان سواءِ ساجن!
اڇي ڪيئن ننڊ نيڻن ڪي،
وڇوڙي ويل ويڻن ڪي،
وِهاڻي جيئن وَرائي مان،
رکان ٿي ڪنڌ جي هيٺيان،
سَنجهي مان جي سُمهان آئون،
سڄي پو رات سپنن ۾،
گڏِي توسان گهُمان آئون،
خُدا جو سُنهن ڪٽي توکي،
چَوان ٿي او ڏٽي! توکي،
نٿي هيڪل سُهان آئون،
هُجون ها ڪاش! جي پيڙا،
سَجايان سينڌ مان پنهنجي،
چندُن سان واسيان چوٽي،
پڇائي هٿ پنهنجي سان،
ڏيان ها ڪانڌ کي روٽي،
وڇي جي وَرَ سَندءِ ڦاٽي،
پُراڻيءَ پڳ جي اوٽي،
سِبان ها ساهہَ — ڏاڳي سان،
سمورا ڦاٽ دُوريءَ جا،
لِڦُون، ڇالا مَزوريءَ جا،
هُجن تنهنجي هٿن تي جي،
ڇَپن سان چُونڊيان آئون،

ڦُٽين جيئن ڦٽ جيون جا،
وِجهي ڏاٽو لُٽان آئون،
اکين ۾ ٿي اُٽان آئون،
سوين سينگار جا سپنا،
وِيا وسڪار جا سپنا،
وطن ڪان دُور ٿي دلبر!
حياتيءَ – روڊ تي ڪکرا،
ڪُٽيندي ڪرم پنهنجي جا،
ڏسي اُن ڏيهہَ جو راجا،
وري تاريخ وَرجائي،
پُراڻي ريت پاريندي،
وجهي ها پابندي پان تي،
پُڇي جي پاڻ ڪان رشتو،
سَڏايان پيڻ مان تُنهنجي،
**پٽي ٿانورُ** ٿئين ها تون،

(پٽي ٿانور هاڪڙي جي ساڃي ڪپ تي فضل پنيري ويجهو رهندڙ هڪ اهڙو ڪردار، جيڪو ڏيهہ ۾ ڏُڪار سبب زال سميت لڏي ڪنهن ٻي مُلڪ ۾ ويو. جتي جو اِهو قانون هو تہ ڪي بہ زال مڙس گڏ رهي مزوري ڪري نٿا سگهن، ان مجبوريءَ سبب ٿانور پاڻ ڪي گونگو ظاهر ڪيو ۽ زال ڪي سمجهايائين تہ هُوءَ ماڻهن ڪي ٻڌاءِ تہ اسين پاڻ ۾ ڀاءُ ڀيڻ آهيون، اُن ڪانپوءِ ڪين گڏ رهڻ ۽ پورهيو ڪرڻ جي اجازت ملي ۽ اهڙي طرح هڪ بيوس عورت وَرُ مٿائي ڀاءُ ڪري بہ ساڻس گڏجي پيٽ خاطر پورهيو ڪيو).

# ”تون وٽ ڇا او اينڪر آهي ؟“

تون ٿوڪ ڪرين ٿو ٽوپيءَ تان،
مُنهنجي پوتيءَ ۽ پڳ مٿان،
گربي ڪُنهبي ۽ گج مٿان،
اجرڪ تان، لوئيءَ لچ مٿان،
هيءَ جا تنهنجي ڇٽر آهي،
مون لئہ ڇڻ ڪو ڇٽر آهي،
تون جو پاڻ پڏائين وينو،
ببَر شيرُ سڏائين وينو،
پر تو پنهنجي پُٽ ڏِٺي آ؟
تو وٽ تنهنجو پنهنجي ڇا هي؟
پيرن هيٺ زمين پَرائي،
عرش پرائو، فرش پرائو،
ڪا بہ کھاٽي تنهنجي ڪانهي،
ديس ڏجاٽي تنهنجي ڪانهي،
مون وٽ نُوري نوڙت واري،
تو وٽ ڪو بہ تماچي ڪونهي،
ڄام ندو يا سامي ڪونهي،
مون وٽ شاهہ ڀٽائي آهي،
وڻ، وڻ جنهن جي وائي آهي،
مون وٽ جکرو جس ڪرو آ،
تو وٽ ڪو بہ قلندر ڪونهي،
نادر شاهہ سڪندر هوندو،
پر ڪا ڍنڍ ڪراڙ نہ آهي،
جنهن جي نيري پاڻيءَ ۾ ڪو،
نيل-ڪنول جو گُل اڇائي،

تو وٽ ڪو بہ منهوڙو ڪونهي،
جنهن تي ڪائي پيڙي بيهي،
پُونءَ سڄي اُن پيڙي بيهي،
تو وٽ ڪا بہ ڪلاچي ڪونهي،
وَڏِڦ، لونگ، الاچي ڪونهي،
مون وٽ مينديءَ ڪيٽ ڪڙن ٿا،
چنڊ ڪڙي ٿو چيٽ ڪِڙن ٿا،
تو وٽ ٻني ٻارو ڪونهي،
ڳوٺ گهِٽي ۽ چارو ڪونهي،
مون وٽ سنڌو درياهہ آهي،
جنهن جي لهرن منجهہ لُڙهي ٿي،
چانڊوڪي ڪا چانديءَ جهڙي،
جنهن جي جَر تي ڏيئا موهڻ،
ڪيئي ناريون اينديون آهن،
مون وٽ ونگو پتڻ آهي،
اُن جو اُتر – ڏکڻ آهي،
ڇڻ ڪنهن هٿ جو ڪنگڻ آهي،
تو وٽ ڪو ئي ڪاڇو ڪونهي،
”سنڌ پريںءَ جو پاڇو“ ڪونهي،
مون وٽ ڳوٺ ڳڙهي جو آهي،
اُن ۾ هڪ تاريخ سُتل آ،
هڪڙو پُورو دؤر دفن آ،
مون وٽ گهوٽ بلاول پرسان،
هُو جي جُهونو جوڳي آهي،
جيون ڀر جنهن قيد ڪٽيو هو،
ڏن تي مُور نہ ديس مٽيو هو،
مون وٽ شاهہ عِنايت آهي،

جنھن جي ھيءَ روايت آھي،
”جيڪو ڪيڙي سو ئي ڪائي“
مون وٽ دودي جھڙو جوڌو،
جنھن وٽ ڀاڳو ڀان رھيو ٿي،
عزت رھي ٿي، مان رھيو ٿي،
ڇڻ تہ سنڌوءَ جو شان رھيو ٿي،
تو وٽ ڪوٽ وِڳھَہ جو ڪونھي،
مون وٽ رُوپا ماڙي آھي،
اُن تي اُڏندي آڙي آھي،
ڇڻ ڪا وينگس لاڙي آھي،
تو وٽ ڀاڳھُل ڀائي ڪونھي،
مون وٽ پورب ڄائي آھي،
تو وٽ ڇا ھرجائي آھي؟
مون وٽ شھر ٺٽي جو آھي،
اُن ۾ مائي مڪلي آھي،
تو وٽ ڪيٽي بندر ڪونھي،
لاڙ نڪي لسٻيلو آھي،
مون وٽ شاھہ بندر تي ٻيٺل،
ھڪڙو جُھور ٻتيلو آھي،
جنھن تي ٻار ملاحُن جا ڪي،
روز جھليندا جھينگا آھن،
پاٽيءَ تي ڇڻ پينگھا آھن،
منڇر، ڪينجھر ماڇر مون وٽ،
شاھہ لڪي ۽ صدر مون وٽ،
صحرا، ڦھاڙ سمندر مون وٽ،
تو وٽ ڪو المنظر ڪونھي،
ساڌ-ٻيلو ۽ سکر ڪونھي،

مون وٽ پاري ننگر پنھنجو،
گوڙيءَ ڏھرا مندر پنھنجو،
تو وٽ ديبل بندر ڪونھي،
مون وٽ راجا ڏاھر آھي،
جيڪو سنڌ جو ساحر آھي،
مون وٽ هُوشوءَ هٿين خالي،
”مَر ويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“
جي نعري ساڻ نيائيندي،
سون – مياڻي خُوب ملھائي،
مون وٽ سُھڻي ساھِڙ خاطر،
روز گھڙي سان گھيڙ لنگھي ٿي،
سَسُئي ڏِنگا ڏُونگر ڏوري،
پير پٿون کيا پُنھون ڪارڻ،
مون وٽ مومل مردن جھڙا،
ويس ڪري پيي ريجھايو ٿي،
راڻي پنھنجي ريساڙي کي،
مون وٽ پيپنر بختاوَر هُئي،
جبُر سان هُئي جنگ اُنھيءَ جي،
مون وٽ مارئي مُحب وطن،
سون مٿي جنھن سيڻَ نہ متيا،
مون وٽ صُوفي منش سمورا،
پنھنجي ۾ ئي پورا، سُورا،
دل ڏُتارڻ وارا تنھنجيءَ،
تيريءَ ميريءَ مان ڇا ڄاڻن؟
هيرا، ڦيريءَ مان ڇا ڄاڻن؟
مون وٽ مِنظر مينھُن وُٺي جو،
باک ڦُٽي جو، ڏينھن ڏِٺي جو،

هُوءَ جا ڪٽيو هيل آچي ٿي،
جڻ ڪا ڏُڪندي ڏيل اچي ٿي،
مون وٽ ڳيرا ڳت، ڳِت ڪن ٿا،
”مور پَپيھيا مينا ٻولَن،
ڪوئل شور مچائي مون وٽ“
تو وٽ قيد ڪبو تر سارا،
مون وٽ تترن تيز اُڏارون،
سينڍڻُ ۾ پيي سجڻ سنپارون،
مون وٽ مست هوائن ۾ ٿا،
هرڻ هنيلا ڊوڙون پائن،
تو وٽ ڪُونج بہ قيدي آهي،
۽ هر ڳُونج بہ قيدي آهي،
مون وٽ ڪوري ڪاتاري هِن،
جيڪي جوڙ ڳنڍيندا آهن،
جڻ ڪي موڙ ڳنڍيندا آهن،
مون وٽ موئن دَڙو آهي،
ڳاٺ اُچي سان ڪڙو آهي،
تو وٽ ڪوئي پڙو ڪونهي،
تنهنجي ڪا تاريخ ٻُڌائي؟
تو وٽ ڪا تهذيب بہ ڪونهي،
تنهنجو ڪھڙو ڪلچر آهي،
تو وٽ ڇا او اينڪر آهي؟؟

## ”مُڪي سان ڳوٺ جو منظر“

وَرهين کان پو وُٺو هو ٽر،
حياتي جڙ تہ موٽي هُئي،
مٽي کي ميٺَ سان ڌوئي،
ڪئي هر چيز چوٽي هُئي،
پرهہ جي مک تان پوتي،
هِٽائي سج پي هوريان،
پنل هِن پون ۽ پوري ۽ تي،
ڪجل جي ريک جيئن قطرو،
ڪِريو ٿي ماڪ جو ڪوئي،
صُبحَ ۽ جي سُرخ چولي تي،
پَريو ٿي پيرت جان فطرت،
مُڪي سان ڳوٺ جو منظر،
نِمن جي اوٽ مان نڪتو،
نظارو نينهَن جو نيرو،
اڱڻ تي اوٽلي ۽ پيرسان،
ولوڙيو کير هُن ويٺي،
مَنهين تي مورَ ها ويٺل،
ڳلي ۽ ۾ ڳئون پي ڌاتي،
پراڻي ۽ پار جي پَريان،

رڙهيا پي ريت تي جيڪي،
مَزي سان مينهَن – ماماٽا،
اُنهن جي ريشمي بُت کي،
ڇُهڻ لئہ ڇيڳرا ڪيئي،
گِهتيءَ ۾ ٻار پي ڪُڏيا،
مَليو پي هُن اتو هٿ سان،
ڪلهي تي وار پي ڪُڏيا،
اُنهيءَ جي ئي ادائن ڏي،
نِهاري نازبو مُرڪيو،
هوا لوڏيو هندورو پي،
جتي هڪ ٻار پي مُرڪيو،
ڪنگهيو پي ڪٽ تي جهُونو،
ڪُراڙيءَ ڪنڌ پي ڌُوڻيو،
مَٿن جمار پي مرُڪيو،
ڪٽي رنگين رلڪي ۾،
ڪٽيري ڪاچ آئي هُئي،
ڪري حيران هلٽيءَ سان،
سمورو راڄ آئي هُئي،
ٻنيءَ ۾ ٻانهن کي لوڏي،
ڀُڳي جو هارياڻي هُئي،
پڄائي اوڙ ڇيڙي تي،
ڪنڌيءَ جي ڇانوَ ۾ ڇوڙي،
اڳيئين جو اُٺ کي هاريءَ،
ڏُڪائي پَن جي پيڙي،
ڏِٺائين اک ڏيڊيءَ سان،
وَني وڻ هيٺ ويٺل هُئي،

رکي جنھن گج گوڏي تي،
پَريو ويٺي پٽائي کي،
ڏئي اُن ڏند جي هيٺان،
ڇني هڪ تند ڌاڳي جي،
وَٽي، ويڙھي، وڏي سُئي جي،
بنھہَ باريڪ ڀَاکي ۾،
ڏسي اُن ڏيک دلبر کي،
صفا هُو شخص پي ٺريو،
مٿان آڪاس اُجري تي،
سَمو پي سانورو ٺريو،
ڇڊو ڪو ڇانورو ٺريو،
وِڇئين جي ويل ٿيندي ئي،
وري هُوءَ وانڍ ڏي واپس،
ڌنائين واٽ تي ڌاڇي،
ولر ڪان ڌار پي وڙڪي،
ڇَڙي جي لار سان ڀيڙي،
ڌنيءَ جي دل پي ڌڙڪي،
اچانڪ ڏُور ڪنھن ڏِس کان،
سُئي هُن سيند ۾ جيڪا،
ڌنارن ڏُن هُئي ڇيڙي،
وجي ٿورو وري پريان،
مُڙي هُن جي نِھاريو هو،
وجھي ڄڻ وقت کي ڏانوڻ،
زمانو هُن بيھاريو هو،
وري ورھانڊ جي ٽاٽي،
وريو پي ڌڻ واھڻ ڏي،

پٽن تان شام جا پاڇا،
پيا ها پاڻ ئي تِرڪي،
لَڪن تان سج پي لڙيو،
رَتا نوان رنگ سپ اوتي،
تڳوسر جي ترائيءَ تي،
اڪيلو هرڻ هو آيل،
اُنهي جو عڪس پاڻيءَ تي،
مَٿي ڪان تار پاڻيءَ تي،
الائي ڪير آئي هُئي،
لِڪائي پير آئي هُئي،
سجڻ جي سيمَ تي تنها،
مسافر قافلي مان ڪنهن،
وڄائي بانسري ويٺي،
نديءَ تي نينگريءَ پرسان،
نچيو پي مور ڪو نيلو،
پکي آڪاس ۾ پيلو،
پڄي ويو باز ڪان پڙڪي،
وٺيو ٿي واهہ جو مَنوا!
حياتيءَ لئہ اِهو حيلو.

## ”ڇُميءَ جي بي حُرمتي“

تون اڃان ٻارڙي هئين،
۽ اڪين جي تارڙي هُئين،
راند رُوند سان رابطو هُيئي،
وڻ وڻ سان واسطو هُيئي،
گُلن سان هُيئي گهرائپ گهڻي،
نِمَ جي لام ۾ لُڏندي هُئين،
هڪ ٽنگ تي ڪُڏندي هُئين،
ڇڻ اُڀَ ۾ اُڏندي هُئين،
جي ٿورڙو ٺڪجي ٿي پئين،
تہ واريءَ تي وِڇاڻ ڪري،
ريگزارن سان رِهاڻ ڪري،
مون سان گڏجي مِٽيءَ منجهان،
گُڏين جا گهر جوڙيندي هُئين،
۽ مَٽڪُو راند رَمندي هُئين،
جي ڇَلهر ۾ ڇُڪتو ڪوڏيون،
مون هٿان هار ائيندي هُئين،
تہ نڪر سپ نامَ جهڙا،
بلورن سان ٻَجندي هُئين،
پاڻ ڪي پروليءَ وانگر،
ڪِل، پوڳ ۾ ڪولي ڇڏيئي،
راز افشان ڪري رولي ڇڏيئي،
اُپ۔ ڪُڙيين اڱڻ تي بيهي،
اڏ رات جو آرس ڀڳئي،
جهُڳا سپ جَهڻ ڪَيئي،

ڇُٻا سپ ڇاٽي ڇڏيئي،
خيرپُور جي ڪجين جا،
ڏِڳها وڻ ڍيري ڪيئي،
ڪَچي ڪچنار جي ڪنهن،
ٽارِڙي جيئن ٽڙڪي پَئين،
ڇڻ تہ ڪا ڇارِڙيءَ هُئين،
پيلوءَ جيئن پچڻ کان اڳ ئي،
اچناڪ تون وڏي ٿِي وئين،
تُنهنجي ترا ڪڙي ڇاتي مٿان،
قلندر جي قُبي جهڙا،
ٻہ اڇا ڪبوتر اچي ويٺا،
اُن کان اڳ جو، سندءِ جواني،
آسوءَ جيئن اوهيرا ڪري،
مُنهنجي وجود جي وڻ مٿان،
ولين وانگر ويڙهجي وڃي،
تو کي جوان ٿيڻ جي جُرم ۾،
مون کان ائين الڳ ڪيو ويو،
جيئن پيدائش وقت ٻار کي،
ماءَ جي ناڙيءَ مان ڪٽي،
الڳ ڪيو ويندو آهي،
جواني جُدائي جو ڪارڻ بڻي،
ٻَرندڙ ٻيلي جو ٻارڻ بڻي،
اُهي ڏينهن، اَچوٽا ڏينهن،
مون وري نہ مَٽڪو راند رمي،
۽ نہ ئي گُڏين جا گهر جوڙيا،
لائق ٿيڻ کان اڳ، لوڪ کان لِڪي،

تون مون کي جيڪا مِٺي ڏِني هُئي،
اُها مون مور جي کنڀَ وانگر،
شاھ جي رسالي ۾ رکي ڇڏي،
اڳياني ڪتابن تان دز ڇنڊيندي،
اُها الاهي ڪٿي گُم ٿي ويئي،
مون ڏاڍي ڳولا ڪئي،
جسم جي جَهڙتي ورتي،
بدن جون بَخاريون ڏٺيون،
پُراڻيون پاٽاريون ڏِٺيون،
گهر جو هر گُلدان جانچيو،
در، دريون دلان جانچيو،
ڪمري جون چارئي ڪُنڊون،
ڪتابن جا ڪٻٽ، الماريون،
۽ نِمن جون ٽاريون نِهاريون،
پاڙي وارن کان پُڇا ڪئي،
گِهٽيءَ گِهٽيءَ ۾ پڙهو گُهمايو،
ڏراڙن، وَيچارن کي وڙول ڏني،
اخبارن ۾ اشتهار ڇپرايا،
پر ڪٿان بہ ڪو پتو ڪو نہ پيو،
نيٺ نا اُميد ٿي مون،
تُنهنجي چُميءَ جو تڏو وِڇايو،
۽ اڄ اوچتو هڪ خط مِليو،
جنهن کي کولي پڙهڻ کانپوءِ،
مُنهنجي حيرانگيءَ جي حد نہ رهي،
تُنهنجي چُميءَ تحرير ڪيو آهي،
تہ "آئون عاقل ۽ بالغ آهيان،

مُنهنجا هڙئي حواس سالم آهن،
آئون بُري، ڀلي جي،
تميز ڪري سگهان ٿي،
مون کي نہ ڪنهن وَرغلايو آهي،
۽ نہ ئي ڪنهن ڀڄايو آهي،
آئون پنهنجي رضاخوشيءَ سان،
ڪتابن جي قبرستان مان نڪري،
ڳڱاٽيل ڳيروئن جي ڳلن مٿان،
ڀونئر وانگر ڀِري رهي آهيان،
هڪ ڳل کان ٻئي ڳل تائين،
ٽينڱ ٽپا ڏيئي رهي آهيان،
مون کي مُنهنجي آوارگي عزيز آهي،
اُن ڪري مون پنهنجا هڙئي حق واسطا،
پاڻ وٽ محفوظ رکيا آهن،
تہ جيئن منهنجي مرضي کانسواءِ،
ڪو بہ ڪُراڙو شخص،
مُنهنجي چُميءَ جي بيحُرمتي ڪري،
پنهنجن ڇِڪڙيون لٿل چپن تي،
ڳِر بنا ڳريل ڳلن جي ٽائيم لائين تي،
ٽئگ ڪري نہ سگهي.“

## ”ڇو راس ايندي ڪيئن؟“

ڦوٽهڙي رُت جي ڦُوهہ جوڀن ۾،
برڪا جي نخريلي نار،
تُنهنجي سُونهن سوڀيا جيئن،
صُبح ساجهر سان،
جُهڙ، جُهڙالا ويس ڍڪي،
نيري اُڀ جي آڳُر تي،
ريشمي هوا جي سنگم تي،
رقص سُريلو ڪري ٿي پئي،
ڪِلي ٽِڙي، ۽ ٽِلي ٿي پئي،
سُرمئي سانورا بادلڙا،
تُنهنجي تبديلي ٽور جيان،
نچندڙ نيلي مور جيان،
هوا جي نازڪ هندوري ۾،
اولهہ ڪان اوڀر ڏِس ڏي پيا،
رمندا وڃن ٿا،
اُڏندا وڃن ٿا،
واهُوندي واءُ جي ڏُوڙ سان،
گهنگهور گهٽا جي لامن مان،

ٻُوند ٻليري ڇٽي ٿي پئي،
روح اُجي ڪي وٽي ٿي پئي،
سَرءُ رُت جي ڇاٽيل پتن تي،
اڪن جي نيرين ڦُلڙين تي،
ڇپڙا پنهنجا رکي ٿي پئي،
نيل گگن جي چادر مٿي،
رنگرتي هُوءَ انڊلٺ ريکا،
تُنهنجي موهڻي مُرڪ جيان،
روپ سروپ پکيڙي ٿي پئي،
ٻانوري نار جي نِگاهُن تي،
وڄ ٿي ڪائي وراڪا ڏي،
وڻ جي لام مٿي ويٺل،
دُکي ڪويل ڪُوڪي ٿي پئي،
پٽ تي ڊيل لئہ مور اڪيلڙو،
ٿهوڪي ٿو پيو،
دُور آڪاس ۾ ڪُونج اڪيلي،
ڪُڙڪي ٿي پئي،
ڏُور هو تڙ تي،
چوڙيلين جا ڇهچتا،
مال جون ٽليون،
سينڌ جا سُريلا هُو آواز،
ٻُر لائي اڄ ٻَائين ٿا پيا،
مگر ساڳئي سمي او سڪي!

منزل جي ٻَوِلا ۾ پتڪيل،
اجنبي ڪنهن مُسافر جي،
دل جي اُداس ٿر مٿي،
اوسيئڙي جي رُت آرهڙ،
وڇوڙي جا اُٿندڙ واچُوڙا،
اُڏري پيا اکيون لُٽين،
اُڪير جي لُڪ جي ڇَر،
جيءَ ۾ جهوريءَ جا جهولا،
اُڻ، تُڻ آ ترويلا،
ٽانڊن جي ڪِرِ تي،
ڪنهن جي ناڪام حسرتن جون،
ارٿيون ٿيون جلن، احساس پڄرن ٿا،
چؤ! راس ايندي ڪيئن؟
تو سوا مون کي مٿي!
نئين موسم پِي ڇَڻ تہ،
ڪو ماتمي ڏيک ٿي پاسي،
۽ لِکي جو ليک ٿي پاسي.

# ”عشق منهنجو امام آهي“

هتايو هِي هڙئي حيلا، وسيلا،
هتراُدو طريقي سان نہ تڳايو مون کي،
هِي وينتي ليٽر وجي وڏيرن کي لڳايو،
جيڪي جيئري ئي مري چُڪا آهن،
آئون اُڏارن ساهُن جو عادي ناهيان،
مُنهنجي ڦڦڙن ۾ ڦوڪي هوا نہ ڀريو،
مون کي عارضي عُمر جي عطا نہ گهُرجي،
مون کي مزي سان مرڻ کان نہ روڪيو،
مان مڪان ۽ زمان کان ماورا آهيان،
مان منصوري مَسلڪ سان منسوب ماڻهو،
عشق منهنجو امام آهي،
جنهن جو سيئي سُنتون مون ادا ڪيون آهن،
مان گُستاخ نگاهُن جي ڪافر ادائن جو مُنڪر ڪئين ٿيان؟
مون صنم ڪدي ۾ ڪيئي نمازون قضا ڪيون آهن،
مان ساقي جي سخاوت جو گرويدهہ هان،
مان مئي خاني جي تعظيم و تڪريم چاڻان،
مان محبت جا سيئي مَسيحا سُڃاڻان،
ها مگر هاڻ ٿڪجي پيو آهيان،
زندگيءَ جي زندان ۾،
بي چين ۽ بي قرار آهيان،

اُنکري آزاد فضا ۾ اُڏرڻ ٿو چاهيان،
مان موت سان مُرکي ملڻ ٿو چاهيان،
مگر منهنجي آخري خواهش آهي تہ؛
مُنهنجي آڏو مئي جو پيالو رکو،
لڳ ۾ لطيف جو رسالو رکو،
حُسناکي جو کو تہ حوالو رکو،
مان موت سان گڏ مئي پيئڻ ٿو گھران،
اُن کانپوءِ اوهان جي مرضي،
جيکا وڻي سا فتوا جاري ڪريو،
مون کي هر سزا منظور آهي،
چاڪاڻ جو؛
مون سنڌ لاءِ جيکي سفر ڪيا آهن،
يا ڪُفر ڪيا آهن،
اُهي سڀئي مون کي ”اِندرا“ جيئن عزيز آهن،

(عبدالواحد آريسر جي اسپتال داخل ٿيڻ وقت لکيل نظم)

## ”ڪويتا نيڻ ڇڻ هُن جا“

ڪَويتا: ڇينٽَ جو ڪپڙو،
ڪَويتا: ڇڻ پٽوري ڪا،
ڪَويتا: ڪڻ ڪارڪ جو،
ڪَويتا: ٿؤنر ڪنجريءَ جو،
ڪَويتا: ڪيل آجرڪ تي،
ڪَويتا: ڪاسبي جهڙي،
ڪَويتا: ڪامٽيءَ جهڙي،
ڪَويتا: اک بـــــادامـــي،
ڪَويتا: رنگ ڪٽڪائون،
ڪَويتا: تِرَ موهيڙا،
ڪَويتا: گُل رهيڙا،
ڪَويتا: ڳوٺ جون ڳليون،
ڪَويتا: ٽُڪَ تي رليون،
ڪَويتا: رقص مورن جو،
ڪَويتا: عڪس پاٽيِ جو،
ڪَويتا: ڪُپ ڪاڏيءَ جو،
ڪَويتا: بيل گاڏيءَ تي،
ڪَويتا: ڄَڄ جهڙي آ،
ڪَويتا: ويس لاڏائون،
ڪَويتا: عاج جي ٻانهين،
ڪَويتا: گاج جهڙي آ،
ڪَويتا: جڳ جوڳيءَ جو،
ڪَويتا: رُوح روڳي جو،

ڪَويتا: تاب ۽ تجلو،
ڪَويتا: وَڄُ جو پاڻي،
ڪَويتا: ڏينهُن هوليءَ جو،
ڪَويتا: رات ڏِيئاري،
ڪَويتا: رُت آرهڙ جي،
ڪَويتا: مُند مينهوڳي،
ڪَويتا: آرُ آگم جو،
ڪَويتا: تيز بارش جيئن،
ڪَويتا: سِڄُ نيزي تي،
ڄَر ڄيري جي،
ڪَويتا: وِڪَ ڳيري جي،
ڪَويتا: حُسن هرڻيءَ جو،
ڪَويتا: مور جي ڪلنگي،
ڪَويتا: ننڍ پنڇيءَ جي،
ڪَويتا: هيرَ جهڙي آ،
ڪَويتا: ڪيرَ جهڙي آ،
ڪَويتا: ڪاڄُ ڪاٿو نبا،
ڪَويتا: ساڳ ڇانڀي جو،
ڪَويتا: پاڳ ڪانڀي جو،
ڪَويتا: ٻُڪ ٻاجهر جي،
ڪَويتا: جنڊ جو ڦيرو،
ڪَويتا: چيٽ جهڙي آ،
ڪَويتا: ڇيٽ جهڙي آ،
ڪَويتا: ڪوهہَ جي سيرَڻ،
ڪَويتا: جاٽ جوڀن جي،
ڪَويتا: اوڙ جو ڇيڙو،

ڪَويتا: ٿَڪ ڪُڙميءَ جو،
ڪَويتا: قرض هاريءَ جو،
ڪَويتا: پيٽ پورهيت جو،
ڪَويتا: عُمر جي پُونجي،
ڪَويتا: پَن جي پيڙي،
ڪَويتا: پُونگريءَ جهڙي،
ڪَويتا: ڪُوڪَ ڪوئل جي،
ڪَويتا: انبَ جي ٽاري،
ڪَويتا: وَل چنبيليءَ جي،
ڪَويتا: ٻانهَن ٻيليءَ جي،
ڪَويتا: ناز ٻُوءَ جهڙي،
ڪَويتا: مَئي ڪدي جهڙي،
ڪَويتا: رسُ تاڙيءَ جو،
ڪَويتا: خواب لاڙيءَ جو،
ڪَويتا: سارَ سُڳداسي،
ڪَويتا: مَڪ جئَن مَهڪي،
ڪَويتا: آڪ جون ڦلڙيون،
ڪَويتا: ٻُور ڪُونپٽ جو،
ڪَويتا: پنڌ ڪاڇي جو،
ڪَويتا: سيرَ سامُونڊي،
ڪَويتا: ويرَ وانگر آ،
ڪَويتا: وَنجُهہ پيڙيءَ جو،
ڪَويتا: وقت وڻجارو،
ڪَويتا: ڏيک ڏهرن جو،
ڪَويتا: لاڙ جهڙي آ،
ڪَويتا: ماڳ مڪليءَ جو،

ڪَويتا: ياد ماضيءَ جي،
ڪَويتا: شهر ٺٽي جو،
ڪَويتا: ڏنڊ ڪينجهر جي،
ڪَويتا: تڙ تماچيءَ جو،
ڪَويتا: وَڙ تماچيءَ جو،
ڪَويتا: نياز نُوريءَ جو،
ڪَويتا: پارُ ميهر جو،
ڪَويتا: سِڪ سُهڻيءَ جي،
ڪَويتا: رَنجُ راڻي جو،
ڪَويتا: ميڙ مُومَل جو،
ڪَويتا: چنگ چارڻ جو،
ڪَويتا: تند پيجل جي،
ڪَويتا: سُوز سورٺ جو،
ڪَويتا: پُور پُنهل جو،
ڪَويتا: سُور سسئي جو،
ڪَويتا: چانگ چيلن جي،
ڪَويتا: ٻالوا جهڙي،
ڪَويتا: مارئي جهڙي،
ڪَويتا: سوچ صُوفيءَ جي،
ڪَويتا: عشق سرمد جو،
ڪَويتا: هيرَ رانجهي جي،
ڪَويتا: جُوءِ جکري جي،
ڪَويتا: ٻيڙ دوديءَ جي،
ڪَويتا: ٻانهَن ٻاگهُل جي،
ڪَويتا: ساٿ سوڍي جو،
ڪَويتا: پارڪر جهڙي،

ڪَويتا: روپلو ڪولهي،
ڪَويتا: هاڪ هوشوءَ جي،
ڪَويتا: چيخ ڪاريءَ جي،
ڪَويتا: دانهن ڏرتيءَ جي،
ڪَويتا: رڙ قيدي جي،
ڪَويتا: درد ٿاٽي جو،
ڪَويتا: گهاءُ گهاٽي جو،
ڪَويتا: هَڏ بلاول جا،
ڪَويتا: سَڏ سُوريءَ جا،
ڪَويتا: گهاٽ ڦاسيءَ جو،
ڪَويتا: ڳوٽ ڳڙهيءَ جو،
ڪَويتا: چڻ قلندر ڪو،
ڪَويتا: گس پٽائي جو،
ڪَويتا: ڏڳ درازن جو،
ڪَويتا: چڻ گهڙولي ڪا،
ڪَويتا: ڏِٺُ پرولي ڪا،
ڪَويتا: لوڪ آڪاٽي،
ڪَويتا: سارَنگا جهڙي،
ڪَويتا: نينهُن نازڻ جو،
ڪَويتا: بخت باليءَ جو،
ڪَويتا: سُونهَن جي شوخي،
ڪَويتا: بي رُخي هُن جي،
ڪَويتا: ويڻ چڻ هُن جا،
ڪَويتا: نيڻ چڻ هُن جا.

## ”نيٺ ٻُڍيءَ جا ٻيٽا ٿيندا“

ديسَ ڏٽي سپ ڏيٺا ٿيندا.
نيٺ ٻُڍي جا ٻيٽا ٿيندا.
لهرُن ۾ سنڌ لوڙهي ڇڏيئہ،
آس، اُميدون ٻوڙي ڇَڏيئہ،
درياهہ! دليون ٽوڙي ڇڏيئہ،
کهڙا ڏاڍا، ڦيٽا ٿيندا،
نيٺ ٻُڍي جا ٻيٽا ٿيندا.
لاڙ، اُتر جا شَهر سَمُورا،
لوڙهي ڇڏيا لَهر سَمُورا،
غم-گهتائون، قهَر سَمُورا،
هاڻ جهَکا ۽ جهيٽا ٿيندا،
نيٺ ٻُڍي جا ٻيٽا ٿيندا.
اُپ آجهو ۽ اولو ٿيندو،
ڍَڪُ ڍِليءَ جو ڍولو ٿيندو،
چنڊ وطن جو چولو ٿيندو،
مارُو پاڻ - وَهيٽا ٿيندا،
نيٺ ٻُڍي جا ٻيٽا ٿيندا.
رُوٽيون پيون، ريلا پيئڙا،
ٻوڏ وڏيءَ ۾ ٻيلا پيئڙا،
وانگيئڙن کي ويلا پيئڙا،
پوءِ بہ کين کميٽا ٿيندا،
نيٺ ٻُڍي جا ٻيٽا ٿيندا.
نيٺ کچي مان نعرو لڳندو،
پيچ پٽائيءَ وارو لڳندو،
هاڻ نہ کوئي گهارو لڳندو،
حال نہ پنهنجا هيٺا ٿيندا،
نيٺ ٻُڍي جا ٻيٽا ٿيندا.

# اڙي او وڇوڙا!

نہ مُرڪون نہ مينڊون،
نہ سرگم نہ سينڊون،
رُڳي هاءِ گهوڙا،
اڙي او وڇوڙا!

جنين ڪان جَواني،
رُسي ٿي رَواني،
تنِين ڪي لڳن ٿا،
هِينئين تي هٿوڙا،
اڙي او وڇوڙا!

اُجارا، اُجارا،
سنڌوءَ جا ڪنارا،
گهُمڻ لئہ اچن ٿا،
جتي ڪوڙ جوڙا،
اڙي او وڇوڙا!

کندا عيد کھڙي،
خِوشي خريد کھڙي،
پَون ٿا جنين کي،
وِري جا ولوڙا،
اڙي او وڇوڙا!

جيئڻ جي جُرم ۾،
سدائين تُرم ۾،
بنا ڏوھہ جي پيي،
سَٺا سنڌ کوڙا،
اڙي او واڇوڙا!

اُجايل آکن جون،
پِٽن ءِ لکن جون،
پلر لئہ پُکارون،
ٻُڏئي کو نہ ٻوڙا!
اڙي او وڇوڙا!

## ”زماني جي ظرف کان ناواقف نوجوان“

وَريو ھو ڳوٺ ڏي واپس،
کپائي خُواب سپ کيرا،
ٻَتي ناسي ٻَتي نيرا،
ٻَڌا ھُئس ٻانھن ۾ جيڪي،
وَٽائي پيرَ کان ماٽِس،
سدائين ساھہَ سان ساٽس،
رھيا سي ريشمي ڌاڳا،
جڏھن ھُو شھر ۾ آيو،
نئين مان نوڪريءَ سانگي،
صفا ساڌو، سَٻاجھو ھو،
زماني جي ظرف توٽي،
سياھہ زلفن سندي گھيرن،
گھٽائن کان گھٽو غافل،
نڪو ھو نينھَن کان واقف،
مگر حُسناڪ ھو اھڙو،
بدن پُورو جَوان جوڀن،
بنھہ بي باڪ ھو اھڙو،
گلي جنھن مان بہ گُذريو ٿي،
ھزارين نيڻ حَسرت مان،
تڪيندا ئي رھيا تنھن کي،
گِھٽيءَ جي موڙ تائين سي،
ويا وِچڙي وِڪن پيڙا،

مُڙي هُن اوچتو مُرڪي،
ڏِنو هو ڏانوَ اهڙي سان،
چِڏائي ٿانوَ ويا هَڙئي،
هٿن مان هانوَ ويا هڙئي،
دريءَ جي سيرَ مان سِرڪي،
ويا ٿي پار پَردن مان،
نشانا ٻن نِگاهُن جا،
اکين ۾ عاشقي اُتري،
دلين جا ديپَ روشن ٿِيا،
مگر هُو وَڏ۔گهراڻي جي،
وڏيري راجَ راڻي هُئي،
جتي ڪنهن عشق جي آمد،
گندي ڪنهن گار جهڙي هُئي،
مگر محبت مَها هوندي،
ٻنِهي جي ٻار جهڙي هُئي،
سُهائي رات جي صدقي،
اُهي آشير جي خاطر،
ٻڌي ٻانهون وچي وينا،
مندر ۾ مُورتيءَ اڳيان،
اچناڪ ڪنهن ڪيو فائِر،
قتل ٿِي سا وَني ويئي،
اُنهي الزام ۾ عاشق،
ڪيو ويو قيد ٿاڻي ۾،
گُذاري عمر گهاڻي ۾،
جڏهن هُو جيل مان نڪتو،
سِموري سُونهن غائب هُئي،

آچا اڌ سينڊ ۾ آيل،
ڳرهوڙي ڳُھورگھا توپي،
ڏِسڻ کان ڏُور ٿي ويس،
جهڙي جي جاگرافي جيئن،
جواني جهور ٿي ويس،
کُلهي تي لاش جوپن جو،
ڪڏهن بازار ۾ پٽڪيو،
ڪڏهن فُٽ پاٿ تي ڦٽڪيو،
ڪڏهن هُو پاڻ کي پائڻ،
وِچايل واٽ تي وِڇڪيو،
اچانڪ رات آڌيءَ جو،
امڙ جي ياد ايندي ئي،
وَريو هو ڳوٺ ڏي واپس،
مگر ماڻِس مَري ويئي،
ٻري ۾ ئي ٻري ويئي،
چون ٿا هاڻ سو چريو،
اُهو سگريٽ جو عادي،
چپاڙي چرس کائي ٿو،
موالين سان مَزارن تي،
نري جي هر نِڪاڻي تي،
نشي لئہ هاڻ ناڻي تي،
کپائي خون ٿو ويٺو،
مَري ويل ياد ماضيءَ جي،
ڪري مدفون ٿو ويٺو.

# ”بدنما داغ“

مرگلا پهاڙ جي اڳيان،
پٿريلي پڌر تي،
ڇيڪ سائي ڇپر تي،
هُوءَ جا بُٺي آهي.
رَڪ جي مُٺي آهي،
اُتي آمر سُتو آهي،
جو شڪاري ڪُتو آهي،
جنهن بُش جي بڇ تي،
تاريخ جي اڇ تي،
ڳِف ڳاڙي هُئي،
سنڌ ڏاڙهي هُئي،
جو چتو ٿي پيو هو،
لوڪ سان اتو تي هُيو،
تنهن تاريخ جي ماس ۾،
اُميد ۾ ۽ آس ۾،
نيش ڪوڙيا هُيا،
رت ۾ ٻوڙيا هُيا،
اُنهي جا اُهڃاڻ اڃان هِن،
روح رتوڇاڻ اڃان هِن،
ڇچريل هر چيخ ۾،
انساني تاريخ ۾،
ڪنهن بدنما داغ جيئن.

## ”ڌرتي ماتا! تو کي پيٽا“

مان لکندس،
تو لئہ ڌرتي!
مُنهنجي سَرتي!
گيت پربت جي،
ريت جا،
جذبن سندي،
جيت جا،
ايستائين،
جيستائين،
رات کُٽي،
باک ڦُٽي،
مان ڳائيندس،
تو لئہ سنڌڙي!
مُنهنجي جندڙي،
ايستائين،
جيستائين،
جوڌا جاڳن،
ننڊ نيا ڳيءَ مان،
سينو تاڻي،

سوپون ماڻن،
مان لڙندس ليڪن!
وحشي ويرين سان،
جن ڏينهن ڏني جو،
ديس مِٺي جو،
چين لُٽيو آهي،
تن تاتارين لئہ،
سندم شاعريءَ جي،
هر ڪا سٽ،
گوليءَ ڪان گهٽ ناهي،
نوڪ قلم سندي،
تيز بندوق جيان،
گيتن جي گونجار،
پڙوي پوتار جي،
پڳمٽ يار لئہ،
ماءُ تي گار جيان،
مُنهنجي هر ڪوتا،
سندس سُونهن، سنُدرتا،
۽ اُن جي امرتا،
او ڌرتي ماتا!
تو ڪي پيتا،
تو ڪي پيتا.

## ”نا مَرد“

وقت جي تاريخ طئہ ٿِي،
وقت جي مَنهين کوڙ ڏِني وئي،
وقت جي ڪاڄ جو ڪم شروع ٿيو،
وقت جي ماءُ ڪپڙن ۾ نتي ماپي،
وقت کي اکيو ٻڏي وَنواه ويهاريو ويو،
وقت هڪ ڏڪ سان ڍَڪٽي پگّي،
وقت کي روز تيلائو لڳندو رهيو،
وقت جي گهڙي پَري وئي،
وقت لئہ ميندي مَلي وئي،
وقت جي هٿن تي حِنا لڳي،
ڳوٺ جي ڳيتار ماين،
ڳيچن جي جَهڪورَ ۾،
وقت جا وينڊا ڏوتا،
وقت وهنتو تہ بدن پي بَکيو،
وقت مٿي تي موڙ ٻڌا،
وقت جي سر گس لئہ،
اُتن تي گُلن سان غا شيا سَجيا،
وقت ڳوٺ جي ريل ۾ چار ڦيرا ڏِنا،
وقت وڏي اُسر جو اُٿي،
ڪُميت گهوڙي تي چڙهيو،
وقت پا ڳوڙي ۾ پيرَ وِڌا،
وقت پِڙي جي پويان پويان،

پاڻ بہ تورڻ تي ويو،
وقت جي واڳ جھلڻ لئہ،
وقت کان لاڳ وٺڻ لئہ،
سالين سانڍ، سئوڻ ڪيا،
وقت جي گواھن گيت ٻاھران ئي،
وقت جي مرضي معلوم ڪئي،
وقت ڪنھن گونگي جيان،
چُپ چاپ رھيو، خاموش ھُيو،
وقت ڪي ھٿ سان ڪنڌ ڌوڻائي ھائو ڪرائي وئي.
وقت مُلان اڳيان مانِڪو ھُيو،
وقت رب جي رضا تي راضي رھيو،
وقت مُھر ۾ ماٺِ ڏِني،
وقت نڪاح نامي تي صحيح ڪئي،
وقت لائون لڌيون،
وقت جو وقت سان ٽڪراءُ ٿيو،
وقت ۾ ڪا ڪشش، ڪو ڪرنٽ ڪو نہ ھو،
وقت ڇڻ ڪنھن ڇار ۾ ڦاسي پيو،
وِقت جي وِھاڻءَ ڪان اڳي،
مردانگي مَخفي ھُئي،
پر لانوَن واريءَ رات لڪجي پئي،
ڇاڪاڻ جو وقت نامَرد ھو،
سو پھرين رات ئي،
پَتنيءَ کي پُٺي ڏيئي سُتو!!

# ”اهل اُميدوار“

تون اُنهي رات ويندي، ويندي،
مُنهنجي وهاڻي هيٺان،
پنهنجو پرسَ وساري وَئي آهين،
جنهن ۾ چند مُدي خارج چُميون،
۽ هڪڙي عُمر رسيده ياد پئي آهي،
مون اِهي سڀئي رف پنا سمجهي،
رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ رکي ڇڏيون،
اچانڪ اهي اڌ رات جو اُٿي اچي،
مُنهنجي ڊِيان جي دهليز تي،
ڌرڻو هڻي ويهي رهيون،
ننڊ ۾ خلل وجهڻ جي ڏوهہ ۾،
انهن کي آئون ٽِن مهينن تائين،
”تَحفظ پاڪستان“ جي قانون تحت،
خفيا اِدارن جي تحويل ۾،
ڏيئي سگهيس ٿي، مگر مون کي،
اُلڪو اِهو آهي تہ ڪٿي،
DNA ٽيسٽ ۾ مُنهنجو توسان،
ڪو تعلق نہ ظاهر ٿِي پَوي!
۽ تنهنجي ياد جي بيواهہ جهڙي بدن تي،
مُنهنجي آڱرين جا اُهڃاڻ نہ مِلن،
اُن ڪري آرڪائيولاجي وارن جي،
ويب سائيٽ وِزٽ ڪيم،
جنهن جي لوگي تي لکيل آهي،
تہ؛ ”مُدي خارج چُمين ۽،

پاروٿين يادگيرين مان،
وائِرل انفيڪشن ٿي سگهي ٿو،
اُن ڪري اعتراض جوڳو مواد،
اسان جي ويب سائيٽ تي،
آپُ لوڊ ڪرڻ ممنوع آهي“
سُري ڪاڏل ساروٽين ۾،
ڪُوئن جي ڪُتريل چُمين ڪي،
هاڻ هِتي آسان قسطن تي،
يا ڪِرائي تي ونڻ وارو بہ ڪونهي،
اِن ڪري اڄ ئي آئون توکي،
اِهي تنهنجي پُراڻي پتي تي،
ايزي پئسا ذريعي اُماڻيان ٿو،
تون ڪنهن ويجهي دُڪان تي وڃي،
پُراڻي پيار جو پاس وَرڊ ڏيکاري،
ڊائون لوڊ ڪرائي سگهين ٿي،
۽ آئون تنهنجي امانت مان آجو ٿي،
ايندڙ اليڪشن ۾ آساني سان،
ڪنهن ڪِنگ پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي،
چُونڊ وڙهڻ جي اهل ٿي سگهندس،
ڇو تہ آئين جي شِق نمبر 62 تحت،
اُميدوار جو صادق، آمين ۽،
پرهيزگار هُئڻ لازمي آهي.

## ”محبت مانجهہَ ڳائي ٿي“

محبت ماند ڪائيءَ ۾،
وَٽن سان واندڪائيءَ ۾،
وچي احوال اوري ٿي،
ڪڏهن ڪَپري رلي ڪوري،
چپن سان چنگ چوري ٿي،
مُحبت ماچيو ويٺي،
مِٽيءَ تان ميرُ ماضيءَ جو،
ڏٺائين ڏوڪ تي ڏوري،
پراٽو پيرُ ماضيءَ جو،
مُحبت عشق کي آڏي،
ڪري ٿي شاعري ڪنھن لئہ؟
مُحبت ماندڪائي ۾،
لِکي ٿي ڊائري ڪنھن لئہ؟
مُحبت ماٽِيا مُرڪي،
ويچوڙا واندڪائيءَ ۾،
مُحبت مَچ ڪچهري تي،
سدائين هٿ سيڪي ٿي،
جواني جهوڪ تي آٽي،
جِهلڻ لئہ پاڻ جهيڪي ٿي،
مُحبت مَئہ ڪتورا پي،

سهي ساجن سُڄاڻي ٿي،
مُحبت مرد ماڻھوءَ جا،
سمورا ساز ڄاڻي ٿي،
بَدن جون ٻيهڪون توڙي،
رڳُن جا راز ڄاڻي ٿي،
ازل جي آرزوءَ جا پِي،
ڳُجها آواز ڄاڻي ٿي،
مُحبت ڊيگهہ - ويڪر ۾،
جسم جي جاگرافي کي،
نظر جي نوڪ سان ماپي،
بَدن جي بالڪُوني مان،
اڪين جون عادتون ڳولي،
چپن جون چاٻيون کولي،
حُسن جي ريزڪي هَٿ تي،
ڪپائي ڪِل ٿِي ويئي،
مُحبت ڪانڊ کي ڪنگي،
ڪري هٿ جي ڦٽي ناهي،
مُحبت وقت کي ڏي ٿي،
ڳُجهارت ڪا ڳٽي ناهي،
مُحبت گهاٽ تي گهُمندي،
وڳي ۽ ويس ڪان وانجهيل،
وَڻن کي وِلهَہ سان ڏوئي،
رُتن کي رت سان ريٽي،
پکين جا پير ڊاهي ٿي،
مُحبت مُرڪ جي سُٽ سان،
ڪَتي رنگين ڪشميرو،

اُٿي ٿي عاشقي اُوني،
سِبي ٿي شال ياراڻي،
اکين تي آڳريون ڏيئي،
رمي ٿي راند ٻاراڻي،
مُحبت ماڪ جا موتي،
ڪري ڪنتمال پائي ٿي،
مُحبت دير سان ماني،
پَچائي مار ڪائي ٿي،
مُحبت جي هٿان مُحبت،
هميشہ هار ڪائي ٿي،
مُحبت ٻوٽ سان ٻالهيون،
ٻرهي ٻل تي رکي هٿڙو،
مُحبت مِرچ چُونڊيندي،
گهڙولي گُنگنائي ٿي،
سَڏائي سُنگ ۾ صُوفي،
مُحبت مانجهہ ٻائي ٿي،
مُحبت ڪالهہ لوڙهي تان،
لِڪي لاري ڏِني بيئي،
ڪُراڙي ڪانڊ ڪاوڙ مان،
سندس "ساري" ڏِني بيئي،
مُحبت خواب سان ڪيتا،
ڪري ٿي ننڊ نيريءَ ۾،
پُراڻي يار پيريءَ ۾،
بَدن جي بانسري چيڙي،
سُڻائي ڪيس سرگوشي،
مُحبت چاهہ جا چانگا،

وڃي واري وري آئي،
چون ٿا، چارئي مُندون،
ڪِلي ڪاري ويئي آئي!،
مُحبت حق بخشايل،
پڃي سپ بند دروازا،
پڃي وئي پپيل سان پيڙي،
ٻنهي ڪي ٻانهَن جي پيڙي،
ڇڪي وَئي ڇاڇري تائين،
مُحبت واندڪائيءَ ۾،
گهراٽو گهر ڇڏي نڪتي،
گِرهوڙيءَ گُهور هڪڙيءَ سان،
سڄو پاڙو سڏي نڪتي،
مُحبت عشق جي اُس ۾،
سُڪائي سار ٿي پيئي،
مُحبت گهٽگهُرا، گهرا،
گُهرائي يار ٿي پيئي،
مُحبت مَست قلندر ڪان،
مڱي محبوب ميرو ٿي،
پتائي گهوٽ تان پُلجي،
پڃي ساڪين پيرو ٿي،
مُحبت ڳُجهہ ڳالهاٽي،
ڳچيءَ مان ڳهہ ڳتا لاهي،
مُحبت رات ماضيءَ سان،
سُتي سارا لتا لاهي.

## ”ظرف ۽ ضمير“

آئون توکي،
پنهنجون ٻئي اکيون، گُڙدا،
سموري شاعري،
۽ هڪڙي ڏيجات ڀڪري ڏيان،
جي موٽ ۾ تون مون کي،
ٻنيءَ جي هڪ ٻاوِڙي ڏِين،
تہ جيئن اُن ۾ آئون،
ظرف ۽ ضمير پوکي سگهان،
ڇاڪاڻ جو،
مون کي لڳي ٿو تہ:
سگهو ئي سنڌ مان ظرف ۽ ضمير،
اِئين اٽلپ ٿي ويندا،
جيئن ٿر مان ٿوهر ۽ ڦوڳ،
اٽلپ ٿي ويا آهن...!!

## ”عزتِ نفس“

ڪالهہ هڪ ڪارنر گڏجاڻيءَ ۾،
ٽرا ڻي ٻِنا ٽئي،
ڀُراڻي پادَر،
ٽِتل ٿماٽي،
۽ بيڪار بيضي،
شديد ردِعمل جو اظهار ڪندي؛
چيو تہ؛ ”سنڌ جي ويڪو وڏيرن،
۽ ڀاڙي ڀوتارن خلاف،
اسان کي استعمال ڪرڻ،
اسان جي تاريخي ڪردار جي،
سنگين توهين آهي،
جنهن سان اسان جي،
عزتِ نفس مجروح ٿئي ٿي،
اِن ڪري اسان عاليٰ عدالت کي،
اپيل ٿا ڪريون تہ اُها،
اِنهي سازش جو ازخود نوٽيس وٺي،
اسان سان انصاف ڪري،
ٻئي صُورت ۾،
اسان احتجاج طور،
ڊڪڻ ۾ ڊُڪ ڀري مَرنداسين،
جنهن جي ذميواري،
اسان کي مِس يوز ڪرڻ وارن،
مٿان عائد ڪري اُنهن خلاف،
FIR ڪٽرائي وڃي.

## ”وري ووٺ ڏيڻ...!!“

اسان ڏي هيل اُهي ئي اچن،
جِنين جي هٿ-تِرين تي،
حَياتيءَ جون لڪيرون هُجن،
يا لِڦُون لاباري جون هُجن،
لٿا پَل تہ ليڙون، ليڙون هُجن،
جِنين جي جُتين ۾ ڇَتيون ڇَمَ جون،
پَل تہ ڪنهن ڪم جون ڪونهي،
مگر جن ڪڏهن بہ ڪا،
جهرڪي نہ ماري،
اچي ڪير جهڙي،
اُجري نہ ڪئي ڪاري،
پر وطن لئہ واهہ جو وڙهيا،
جيسين بہ رڳن ۾ رت هُيو،
تيسين رمندا رهيا،
جڏهن پنڌ پيرن ڇڏيو،
تڏهن گوڏن پر گسڪيا،
جڏهن هاڃَ هٿن ڇڏي،

تڏھن سيني ۾ سُريا،
مگر ڪنھن وَڏ۔ڏٽيءَ وانگر،
وڃي ڪو نہ ويٺا ولايت ۾،
نڪو ڪيائون ننڊون،
عُمر ڀر ايوانن ۾،
نڪو ڪُرسيءَ جو ڪڏھن،
ڪيائون سانگ يا سَتو،
نڪي نيڪي تي ڏنائون نتو،
نڪي ماڻھپي ڪي پانيائون مَتو،
نڪي پيٽ خاطر پيٽ،
وڪيائون وطن جا،
نڪي ڀاڱا ڪيائون،
ڀٽائي جي ڀُونءِ ڪي،
جن مُقدس مڪي جيئن سمجھيو،
وطن سان وفا جن جي ايمان جو جزو آھي،
اسان ڏي ھيل اُھي ئي اچن،
جِنين جو جيئڻ ۽ مرڻ مِٽيءَ سان آھي،
باقي ڪنھن ڀڙوي پوتار جي ٻَچ تي،
يا دھلوي دلي جي چوڻ تي،
وري وڙت ڏيڻ ايئن آھي،
جيئن سڳيءَ ماءُ سان سُمھڻ..!!

## ”ممنوع محبت“

هُو جو اجنبي اوپرو شخص هو،
جنهن تو کي حاصل ڪرڻ لاءِ،
پنهنجن کان ايئن پرهيز ڪئي،
جيئن شُگر جو مريض مٺاڻ کان،
پرهيز يا ڪِري ڪندو آهي،
جنهن تُنهنجي ڏُک، درد کي،
ايئن وَنڊي وِرڇي ڪنيو،
جيئن جيالن ۽ پيائي لوگن،
پٽائيءَ جي پُونءِ کي،
اقتدار خاطر اڏو اڏ ڪري،
پاڻ ۾ وَنڊي ورهائي رکيو،
جنهن تنهنجن صحرا جهڙن،
سُڪل ٿوٺ چَپن تي مُرڪ،
۽ اکين ۾ اُميدن جو ڏيئو روشن رکڻ لئہ،
سڀئي سپنا نيلام ڪري ڇڏيا،
جيڪو تنهنجن غمن جو گراهڪ،
۽ اڪيلاين جو اُميدوار هو،
جيڪو تنهنجن لُڙڪن جو لچپال هو،
جنهن تنهنجي تنهائيءَ کي،

پنهنجي پاڪُر ۾ ايئن پريو هو،
جيئن ڪا جهرڪي باز جي پڃن کان،
پَرن ۾ پنهنجا ٻچا لِڪائيندي آهي،
اُها معصومڙي محبت،
جيڪا تو ڪي جيجل ماءُ وانگر،
وڏي ڄمار ماڻڻ جون دُعائون ڏيندي هُئي،
۽ اُهو پاڪ پوِيتر پيار،
جيڪو تو ڪي سڳي ڀيءُ وانگر،
اشهد آڱر مان جهلي،
زماني ۾ زنده رهڻ جا گُر سيکاريندوهو،
اڄ اُها ئِي اڇوت محبت،
تنهنجن نيڻن جي نيل – گگن تان،
ايئن هيٺ لاٿي وئي آهي،
جيئن ڪو ئي ڪولهي،
ڪنهن اُتم ذات جي اڱڻ تي،
پير ڌرڻ کان ڀڄرين،
جُتي اوڙي کان هيٺ لاهيندو آهي،
۽ هاڻ تنهنجي اندر جي شِوَ مندر ۾،
مُنهنجي محبت جي آرتي اُتارڻ،
ايئن ممنوع آهي،
جيئن ڪنهن ملالا جو،
مڪتب ۾ وڃڻ ممنوع آهي..!!

## ”وڻ سيئي وانڍا ٿِي ويا آهن“

کپڙن جي خصي ٿيڻ کانپوءِ،
ڇمونءَ جي ڇمار نندڙي هُئڻ ڪري،
ڇارين ٿوهرن سان هم – بستري ڪئي آهي،
نازبُوءَ جي نا بالغ هُئڻ ڪري،
موراڙيون اڪن سان اُڏري ويون آهن،
ڪُونيڙن کي ڪانگهارين ديوين سان،
اعتراض جوڳيءَ حالت ۾ ڏِٺو ويو آهي،
روهيڙا رَنول ٿيڻ ڪري،
هيل وري اڱارجِي ويا آهن،
ڪانڊيري ڪيلي جي وڻ سان،
ناجائز تعلقات قائم ڪيا آهن،
گُگُرال جو وڻ وِڌوا وانگر،
اڃان تائين عِدت ۾ ويٺل آهي،
۽ ڪيميڪل لڳ ڪُهاڙيون،
ڪيس ڪاري ڪري مارَڻ لاءِ،
مُهم تي تي نڪتل آهن،
زيتون سَندي ذات کان ٻاهر،

شاديءَ جو سوچي بہ نٿا سگهن،
بادام بَدي ڪانسوا سگهن ڪو نہ ڏين،
وڻن کي واڳٽائي ٿيڻ ڪان اڳ ۾،
واهُوندي واءُ سان حق بخشايو ويو آهي،
تُلسيءَ تماشو ٿيڻ بدران،
نارنگيءَ جي نٽ لهرائي آهي،
بانسَ جي وڻ بانسريءَ ۾،
پناهہ ڳولي ورتي آهي،
ڏاڙهُونءَ کي ڏُهاڳ ڏيڻ لاءِ،
آلو بُخارن آڪر ڪرايا آهن،
انب تي پيرا ڌُنبڻ ڪانپوءِ،
ماحولياتي آلودگيءَ تي الزام هنيا آهن،
سانيڪو سالن جي سِرنگهوءَ،
سِيڻ کي سُريت بڻايو آهي،
ٻانورين ٻُوهن سان پڪجڻ ڪانپوءِ،
ناجائز نِمورين کي جنم ڏِنو آهي،
گيد وڙي گهران پڳل چوڪريءَ جيئن،
تُوتَ جي وڻ سان پيار جو پَرٽو ڪيو آهي،
چندن جي وڻ کي چرمڪيءَ سان،
رنگ رليون ملهائيندي ڏِٺو ويو آهي،
ليمي لَيَن سان لائون لڏيون آهن،
انگور ايڊز جي مرض ۾ مُبتلا ٿي ويا آهن،
شهتوت جو وڻ شهوَتي هُٺڻ ڪري،
ميندیءَ سان هَني مُون ملهائِڻ ويو آهي،
ڪِرڙ جي ڪتپڻي ڪرڻ ڪانپوءِ،
ڪنڊيءَ ڪَسا ڪيرائي ڇڏيا آهن،

ٻَپيتو اُبڪي جي ڪري اگهو ٿِي پيو آهي،
صندل جو وڻ صَنوبر سان سُتل آهي،
ڦوڳ جي وڻ نَس بَندي ڪرائي،
نسل جي پاڙ تي رَنبو رکي ڇڏيو آهي،
ديال جا پڙتال سان پير ڏِنا ويا آهن،
ڇَڪُونءَ جي چنبيليءَ سان ياري،
مَٿو، مٿي تي لڳل آهي،
پانَ جو وڻ پپر کي ڀَڄائي ويو آهي،
ڪِپَن ڪان خلع مِلڻ ڪانپوءِ،
مُرتون پاڻ مُرادو جلاوطن ٿي ويون آهن،
املتاس جون اکيون اُٿي پيون آهن،
ٻاڱيال هيرڻ تي هيجار ٿي پئي آهي،
ٻير کي ٻير مان ٻوڪجڻ لاءِ،
سياري جي سخت ضرورت آهي،
نِمن جي نامَردي ڪانپوءِ،
ڪجين خودڪشي ڪري ڇڏي آهي،
ٿِمر جي وڻ ٺُهر ڪرائي ڇڏي آهي،
ٻُ وڻ سپئي وانڊا ٿي ويا آهن.

## ”اوھين سڀ آڱوٺي ڇاپ آھيو!“

دنيا جو ھر ماڻھو مون کي سُڄاڻي ٿو،
پوءِ اُھو پڙھيل ھُجي يا اڻ پڙھيل،
آئون آڱُوٺي جي نالي سان بہ سڃاتو وڃان ٿو،
تہ ٺُپِيو بہ مون کي ئي چوندا آھن،
ھر پوڙھي ٻَڪي، عربي عجمي،
مرد، مائي يا خواجہ سرا جي،
ھٿن - پيرن ۾ موجود آھيان،
سواءِ انھن جي، جيڪي ٽُونٽا آھن،
آئون رنگ نسل ذات، پات،
۽ مذھبي متڀيد کان آجو آھيان،
صُوفي يا سيڪيولر بہ ناھيان،
مُنھنجو ڪو بہ مسَلڪ ڪونھي،
ڪا بہ نُڪ، ڪا بہ قوم ڪونھي،
ڪا ڌرتي، ڪو آسمان ڪونھي،
آئون اِنساني جسم جو ھڪ عُضوو آھيان،
(جنھن کي دُنيا جو ھر ٻار ڏائي سگھي ٿو)،
موئِن دڙي جي تاريخ کان بہ پُراڻو آھيان،
خالقِ ڪائنات جڏھن ڪُن فيڪون چَئي،
اِنساني جسمن ۾ رُوح ڦوڪيو ھو،
آئون تڏھن بہ ھَڪيو، تڪيو ھُئس،
اڳي اڻپڙھيلن کي آڱوٺي ڇاپ چئي،
مُنھنجي عزتِ نفس مجروح ڪئي ويندي ھُئي،

تڏهن تپيدار فوتي کاتا ڦيرائڻ لاءِ،
يا عشر زڪوات جا چيئرمين،
بيواهُن جا وضيفا ڳڙڪائڻ لاءِ،
مون کي مِس يوز ڪندا هُئا،
پر هاڻ فِنگر پرنٽ سيني کان،
حق ۾ واسطا واپس وٺي،
گوگِل جي حوالي ڪري ڇڏيا آهن،
مُنهنجو نالو اُن وقت بدنام ٿيو هو،
جڏهن آڱوٺي ڇاپَ "ماسٽر" پيرتي ٿيا هُئا،
مٿان وري نادرا وارن مُنهنجي مدد سان،
ماڻهن جي اصلي ۽ نقلي هُئڻ جا،
نوان، نوان انڪشاف ڪيا آهن،
هاڻ اِهو زمانو اچي ويو آهي،
جو مُنهنجي هڪ ئي اشاري سان،
اوهان جا سڀئي راز افشان ٿي وڃن ٿا،
مُنهنجي اِنهي ڪِرت ڪوجهي ڪُتن ۾،
پيرين جي پيٽ تي لت ڏِني آهي،
ڪُجهہ بہ هجي دُنيا جو هر ڏنڌو،
مُنهنجي مرضيءَ جي مَرهونِ منت آهي،
آڱريون تہ هُونئن ئي برابر ناهن،
پر آئون ڪانڊيري مان درخت،
اُن ڪري بڻيو آهيان جو،
اڄڪلهہ جي ٽيڪنالاجي دؤر،
مُنهنجي هيڪاندي اهميت وڌائي آهي،
اوهين اعليٰ تعليم يافتہ هئڻ باوجود،
جڏهن بہ ڪنهن سان ايگري ٿيندا آهيو،

تہ آڱوٺو ڏيڪاري اوڪي ڪندا آهيو،
يا ڪنهن ڪي ڪم ڪان ٽُپ جواب ڏيڻ لاءِ بہ،
اڱوٺو ڏيڪاري جانِ ڇڏائيندا آهيو،
اوهان مُنهنجي موجود گيءَ جا مُنڪر ٿي نٿا سگهو،
ڇو تہ، منهنجي مدد ۽ مرضيءَ کان سواءِ،
اوهان جو نہ تہ ايڊنٽي ڪارڊ ٺهي سگهي ٿو،
نہ ئي موبائيل فون جي ڪا سِمَ ملي سگهي ٿي،
نہ مُلازمن جي بايو مئٽرڪ ٿي سگهي ٿي،
نہ ئي ووٽن جي ويريفڪيشن ٿي سگهي ٿي،
مطلب تہ اوهان جي سموري بايوڊيٽا،
فقط هڪ آڱوٺي جو خرچ آهي،
يعنيٰ اوهان جي اوقات هڪ آڱوٺو آهي،
تہ پوءِ اِهو تسليم ڪرڻ ۾ ڪهڙو هرجُ آهي؟
تہ اوهين سڀ آڱوٺي ڇاپَ آهيو...!!!!

○

سموري سنڌ سوچي ٿي،
لُڇي تڙپي ۽ لوچي ٿي،
ڀري سُڏڪا پُڪاري ٿي،
مِٺا! ھيءَ ماٺ ماري ٿي.
اجان ڀي رات جي موسم،
سُڃي سڪرات جي موسم،
نہ ٿاڻو ڪو بہ ٿاري ٿي،
مِٺا! ھيءَ ماٺ ماري ٿي.
اجان ڀي ڏاڍ آ جاري،
وطن جي واڍ آ جاري،
اِھا ٻَڻ ٻوٽ ٻاري ٿي،
مِٺا! ھيءَ ماٺ ماري ٿي.
اجان ھر واٽ تي ٿاڻا،
گھِٽي ۽ گھاٽ تي ٿاڻا،
حياتي قيد گھاري ٿي،
مِٺا! ھي ماٺ ماري ٿي.
اجان ھر ٻوٽ جي گھر ۾،
ڪُراڙي گھوٽ جي گھر ۾،
جواني ڪير ٻاري ٿي،
مٺا! ھيءَ ماٺ ماري ٿي.